

دک جي نہ پڄاڻي آ

اياز گل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏک جي نه پڇاڙي آ

(1973ع کان اپريل 1996ع تائين جي شاعري)

اياز گل

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2004ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

Roshnj Book No. 111

ڪتاب جو نالو: ڏک جي نہ پُڄاڻي آ
شاعر: اياز گُل

ڇاپو پهريون: © روشني 1997ع
ڇاپو ٻيون: © روشني 2004ع
ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي
روشني ڪمپوزر اينڊ پرنٽرز، حيدر چوڪ، حيدرآباد.
لي آئوٽ: اياز گُل
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد،
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ

قيمت: =/250 روپيا

DUKHAH GEE NA PUJANI AA
(Sorrows are endless)

A Collection of Sindhi Poetry by: **Ayaz Gul**
Composed by: Habib Qadir Qureshi.
Roshni Composer and Printer, Hyder Chowk, Hyderabad
Lay - out by: Ayaz Gul
Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro
First Edition © Roshni 1997
Second Edition © Roshni 2004

اسٽاڪسٽ

شاهہ لطيف ڪتاب گهر - حيدرآباد
سچل بڪ سينٽر، ممتاز مارڪيٽ ـ حيدرآباد
مرچو مل بڪ ڊيپو ـ بدين
ڪاٺياواڙ اسٽور - اردو بازار، ڪراچي
رابيل ڪتاب گهر - لاڙڪاڻو
رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعہ سينٽر - لاڙڪاڻو
ڪتاب مرڪز، فيريئر روڊ ـ سکر
يونائيٽيڊ بڪ لينڊ، مهراڻ مرڪز ـ سکر
عزيز ڪتاب گهر - بنراج روڊ، سکر
نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ ـ خيرپور ميرس
مڪتبہ عزيزيہ، کهڙا ـ گمبٽ
شاهہ لطيف ڪتاب گهر ـ ميهڙ
قاسميہ لائبرري - ڪنڊيارو
محمد يوسف بڪ اسٽال ـ مورو
ٿر ڪتاب گهر ـ عمر ڪوٽ
گل ڪتاب گهر، لکي در ـ شڪارپور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

□ پبلشر پاران		
□ سچ سُياڻي جا ڪري	تنوير عباسي	55-11
□ غزل		277-57
□ وايون		329-279
□ نظم ـ آزاد نظم ـ نثري نظم		400-331
□ گيت		416-401
□ ترائيل ـ هائيڪا ـ رينگا ـ ٽِسٽا		434-417
□ بيت ـ دوها ـ سوايون		450-435
□ ڏِسٽي		451

سِٽاءُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

☐ " Better than a thousand verses that are senseless and unconnected with the realization of Nirbbana, is a single verse, if on hearing it one is calmed."

"The Dhammapada"

☐ **Buddah**

☐ ”هزارن بي معنيٰ ۽ نرواڻ کان وانجهيلَ شعرن کان بهتر آهيء اُهو هڪ شعرء جنهن جي ٻُڌڻ سان سُڪون حاصل ٿئي.“

”ڌمَ پدَ“

☐ گوتم ٻُڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

- پنهنجي وِڇڙي ويل سُجاڻپَ
بابا ۽ امڙ
رجب عليَ ڏَل
حاڪم زادي
پنهنجي پيارَ
مستور
۽ پنهنجي سڀ کان خوبصورت تخليقَ
پروين ۃ
جي نالي ڪريان ٿو.

ارپنا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اداري پاران اياز گل جي شاعريءَ جو گڏيل مجموعو ”ڏک جي نہ پُڄاڻي آ“ ڇپائيندي اسان سنڌي ادب ۾ هڪ نئين روايت ڏانهن وک وڌائي آهي. هن کان اڳ اداري طرفان نثر ۾ سنڌ جي ناميارن ليکڪن جي لکڻين کي سهيڙي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪري چڪا آهيون. جيئن، ”نسيم کرل جون ڪهاڻيون“ ۽ علي بابا جي ڪهاڻين تي مشتمل ڪتابُ ”منهنجون ڪهاڻيون“ وغيره.

پر نظم جي حوالي سان اداري جو هيءُ پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ سنڌ جي موجوده دور جي نامياري شاعر ”اياز گل“ جي مڪمل شاعري شامل آهي ۽ ائين اداري جو هيءُ ڪتاب پنهنجي انفرادي حيثيت سان اوهان پڙهندڙ اڳيان پڏرو آهي.

پبلشر
پاران

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سجُ سُپاٽي جا ڪري

مهاڳ

(اياز گل جي شاعريءَ جو اڀياس)

□ پاڻ ڪان پوءِ ايندڙ ٽهيءَ جي شاعريءَ جو اڀياس ڏاڍو دلچسپ آهي. اهو ائين ٿو لڳي، ڄڻ حالَ، مستقبل جو اڀياس ڪري- شاعري، ثقافت جي هر شعبي وانگر وهندڙ ڌارا آهي، سدا بدلجندڙ، نت نوان رنگ روپ اٽيندڙ- هر ايندڙ دؤر، اڳئين دؤر جون ڪجهہ روايتون ڇنڊي ڇاڻي ڇڏيندو آهي، ۽ ڪجهہ نين روايتن ۽ لاڙن جو بنياد وجهندو آهي، جيڪي وقت جي وهڪري سان گڏ هلي سگهن.

جيئن تہ اياز گل، اسان ڪان پوءِ واريءَ ٽهيءَ جي نمائنده شاعرن مان آهي، ان ڪري سندس شاعريءَ جو اڀياس تہائين دلچسپ آهي.

اياز گل 1973ع ڪان لاڳيتو لکندو ٿو اچي. سندس پهريون مجموعو "سوچون سُرها گل"، تاج جويي جي مجموعي سان گڏ، ٻٽي ڪتاب جي صورت ۾ 1978ع ۾ پڌرو ٿيو. ان ڪان پوءِ هُن جا ٻيا مجموعا "گل ۽ تارا" 1979ع، "پيلا گل پلاندَ ۾" 1980ع، "ڏينهن ڏِئي جا سپنا" 1983ع ۽ "تو بِن ڪهڙا چانورا" 1992ع ۾ ڇپيا. انهيءَ 15 سالن جي عرصي ۾، اياز گل جي سرواٽيءَ ۾، سنڌي شاعري ڪافي اڳتي وڌي آئي آهي.

هونءَ تہ سنڌي شاعري آساسي ۽ ڪلاسيڪي دؤر ڪان وٺي ريڙهيون پائيندي رهي آهي. صدين ڪان پوءِ ان ۾ معمولي تبديليون ظاهر ٿينديون آهن. پر گذريل صديءَ ۾، سنڌي شاعريءَ بہ نئيا ۽ هِن صديءَ ۾ بہ وڏا ڇالَ ڏنا آهن. نئيا ڇالَ آهن، سچل سرمست ۽ خليفي گل محمد جي شاعري، جنهن سنڌي شاعريءَ جي، غزل ۽ فارسي وزن سان سڃاڻپ ڪرائي ۽ بہ وڏا ڇالَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهن، مرزا قليچ بيگ جي شاعري، جنهن نظم، ۽ مغربي لاڙن کي سنڌيءَ ۾ آندو، ۽ ٻيو شيخ اياز، نارائڻ شيام ۽ هري دلگير جي شاعري، جنهن سنڌي ڪلاسيڪي ورثي ۾ جديد مغربي ادبي ڌارائن کي ملائي سنڌي شاعريءَ کي بين الاقوامي سٽَ ۾ آڻي بيهاريو. (ان جو بنياد برابر بيوس وڌو، پر سنڌس شاعريءَ رڳو رهنمائيءَ جو ڪم ڪيو)- اياز گل، پنهنجي شاعريءَ جي شروعاتي دؤر ۾، هر نوجوان شاعرَ وانگر، پنهنجي چوڌاري قائم ٿيل ادبي ماحول کان متاثر ٿيو. اڳتي هلي، هُن سنڌيءَ اساسي، ڪلاسيڪي، توڙي وچين دؤر واريءَ شاعريءَ جو اونهو اڀياس ڪيو ۽ نيٺ هُو پنهنجي انوکي ۽ ذاتي اسلوب قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. جيڪو هر لائق شاعر لاءِ ضروري هوندو آهي؛ پر تڏهن بہ هُو سدائين سنڌي شاعريءَ جو گنڀير شاگرد رهيو آهي.

اياز گل، هونءَ تہ هر رائج صنف، غزل، وائي، نظم، آزاد نظم، نثري نظم، هائيڪو وغيره ۾ لکيو آهي، پر هُن نارايڻ شيام وانگر غزل سان لنوَ لاتي آهي. غزل سان لنوَ لائڻ سان گڏ، نارايڻ شيام وانگر هن ٻين صنفن ۾ بہ ڪاميابيءَ سان لکيو آهي- ائين چئجي، تہ اياز گل، نارايڻ شيام جو اَسريل ۽ اڳتي وڌيل روپ آهي، تہ غلط نہ ٿيندو.

اياز گل انهن شاعرن ۾ سين کان اڳرو آهي، جن ’پنهنجي دؤر‘ جي شاعري ڪئي آهي. هونءَ تہ هر دؤر جا شاعرَ پنهنجي دؤر جا شاعر هوندا آهن، پر جيئن مون مٿي لکيو آهي، تہ سنڌي شاعريءَ ۾ تبديليءَ جي رفتار اڳي سُست هئي، ۽ هاڻي ڪجهہ تيز ٿي آهي. اياز گل وٽ اچي، سنڌي شاعري اڳتي قدم وڌائيندي ٿي اچي. اسان واريءَ ٿهيءَ کان اڳتي هُن وٽ اهڙا خيالَ، اهڙا منظر ۽ اهڙا جذبا ملن ٿا. جيڪي اڳ ۾ شاعريءَ، خاص ڪري غزل ۾ نہ هئا. هيٺيان شعر ان جي ثابتي آهن:

چنڊُ نہ آهي، چاهي؛ تارا جاڳن ٿا
بلب گهٽين جا، رستا سارا جاڳن ٿا

*

هڪڙو سپنو رهجي ويندڙو
نيڻن ۾ سرطانَ جيان آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سانئڻ! تُنهنجو هرڪو وعدو
سرڪاري اعلانَ جيان آ

*

مُنهنجي نظرَ هلي وئي آهي تُنهنجي گاڏي سان
پليٽ فارم تي بيٺو آهيان انڌن وانگي مان

*

هِن ڳليءَ کان هُن ڳليءَ ڏي ذَري ذَري پتڪان ٿو
وقت جي تيز هوائن ۾ اخبار جي ٽُڪري جيان

*

پڙهي ڪري اُڇلايو ويو هان
ڪالهوڪين اخبارن وانگي

دنيا پي بيزار ڪيو آ
ٽي ويءَ جي اشتهارن وانگي

ڏيان طلبَ سان پريو پيو هان
سنڌيءَ جي اخبارن وانگي

*

ٽائرن جا گهرا ليڪا، تيز رڙ!!
روڊ تي چِٽجي وئي آ زندگي

*

اوهان جي دَرَ تي ايتن بيٺا رهيا سي
ڪهڻيءَ جي نانوَ جو چڻ بورڊ هاسي

*

ڊِسڪو جي دؤر ۾ اسان جو چڻ
عارفاڻو ڪلام آ جيون

*

هوُ شخص، ڪيڏي نہ بدبو هيس خيالن ۾
سجو وڳو ٿي هيو جنهن جو سينٽ سان مهڪيل

*

ماٺهو ماٺهو آهي چڻ هيڊَ جي دريا ۾ ٻُڏل
دردُ، ٽي بيءَ جيان جسمن سان وِچڙيو ٿو وڃي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مُنهنجي اندر ۾ بغاوت آهي
تنهن دنيا جو مان نقشو آهيان

*

ماڻهو موت جي تند سُتل ۽
تاريخُن جا صفحا جاڳن

نقشي ۾ تبديليون اينديون
ذهنن ۾ ٽا ويچا جاڳن

*

خطُ لکڻ پوءِ فون ڪرڻ اڄ پاڻ هلي آئين
وسريل ماڻهو ڪيئن الائجي توکي ياد پيو

*

جيون جي آڪاڻيءَ ۾ ڏکَ
فُل اسٽاپ ۽ ڪاما آهن

*

اُپ ۽ ڏرتي مليا افق وٽ
ماريو ـ ڪارو ڪاري آهي

*

گڏ ڪڍيل تصوير وٺي آ،
منهنجي سامهون ڦاڙي وڌ!

بم نہ توکان اڻ گهُريو آ
ٻالڪَ انگ اگهاڙي وڌ!

*

اڄڪلهہ پنهنجو جيون اينئن، جيئن
ٻين وڳي ڪان پوءِ ڪنٽيپس

*

ڪيڏا نہ اداڪار وِيجون پاڻ پيا ٿيندا
دل ۾ تہ رُناسي پئي، ٻاهر ٿي کِلياسي

*

مالڪ بدران ڳالهائي ٿو
آخر سچو نوڪر آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هُو جو هيڪل ڳيرو آهي
تهن جي پويان لشڪر آهي

*

ايئرڪنڊيشن ۾ هيٺين طبقي جون
جي ڪجهہ ڳالهيون اجايون هن

*

ويجها هوندي بہ جڻ دُور ٿي آهيون
ريل جي بند جيان، ٻن ڪنارن جيان

*

آدم جو اولاد تہ آهيان
سيد ڪوءِ ضروري آهي؟

*

ڦوڪَ سان ڦهيلا ڪي
بلب ڪي وسائن ٿا

مٿي ڏنل شعرن ۾ اياز ڪُل پنهنجي دؤر جا، ۽ پنهنجا ئي ڏنلَ وائنلَ عڪسَ، تورڙي ٿاٿا ڏنا آهن. اڄ ڪان ويهہ پنجويهہ سال اڳ واريءَ شاعريءَ ۾ اهي نہ ملندا- نہ وري اڄ ڪان ويهہ پنجويهہ سال اڳ وارن شاعرن لاءِ اهو ممڪن هئو، تہ هو اُنهن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ آڻين. يا انهن جو تصور ئي ڪن. اياز جي شاعريءَ جو اِيياس ان لحاظ کان بہ دلچسپ آهي، جو اهو وقت سان گڏ سوچ جي لاڙن، ۽ ان جي اظهار جي تبديليءَ جو چٽو ثبوت پيش ڪري ٿو، ۽ شاعريءَ جي اوسر جي باري ۾ ڄاڻ ڏئي ٿو.

"سرطان"، "وعدو- سرڪاري اعلان"، "پليٽ فارم ۽ گاڏي"، "وقت جي هوائن ۾ اخبار جو ٽڪرو"، "ڪالهوڪي اخبار"، "ٿائرن جا گهرا ليڪا"، "کهنيءَ جي نانوَ جو بورڊ"، "ٽي بيءَ جان وچڙندڙ"، "ٽيئن ـنيا جو نقشو"، "خط لکي فون ڪرڻ"، "فل اسٽاپ ۽ ڪاما"، "ڪاربن ڪاپي"، "اداڪار ٽيڻ"، "سچو نوڪر"، "ايئرڪنڊيشن ۾ هيٺين طبقي جون ڳالهيون"، "ريل جي بند جيان"، "ڦوڪ سان بلب کي وسائڻ"- اهي سڀ موضوعَ، اسان جي سماج ۾ ڪافي وقت کان آيل آهن. پر انهن کي عڪس، محاوري، يا تشبيهہ طور شاعريءَ ۾ استعمال ڪرڻ، يا انهن جي باري ۾ خبردار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(Concious) ٿيڻ اياز جو ٿي ڪم آهي. 'رائنر ميريا رلڪي'، جرمنيءَ جي اهم شاعرَ هڪ نوجوان شاعرَ کي خط ۾ لکيو هيو: "تون تيستائين شعر نہ لکَ، جيستائين توکي چوڻ لاءِ "پنهنجو ڪُجهہ" نہ هجي." اسان جي اياز گل کي چوڻ لاءِ نہ رڳو "پنهنجو ڪُجهہ" آهي، پر "پنهنجو گهڻو ڪُجهہ" آهي. اهو گهڻو ڪجهہ، جيڪو هن کان اڳ سنڌي شاعريءَ ۾ نہ ملندو. اهو "گهڻو ڪُجهہ" رڳو اياز گل وٽ ئي آهي، ۽ اياز وٽ ئي آهي.

رومان، هر ٻوليءَ جي شاعريءَ جو مرغوب موضوع آهي. سنڌي شاعريءَ ۾ تہ اهو تهائين وڌيڪ مرغوب آهي، پر رومان جي عام هجڻ ڪري، اُن ۾ جذبن، ناتن، ماڳن، توڙي تشبيهن ۽ استعارن جو ايڏو تہ ورجاءُ آهي، جو شاعريءَ جي شائقن کي نون تجربن لاءِ شاعريءَ جي دفترن کي ڦولهڻو پوندو آهي.

عشق جو جذبو تہ ساڳيو آهي، ۽ ساڳيو ئي رهندو، ازل کان ابد تائين. هر دور ۾ عشق ڪيو ويندو آهي. اُن ۾ ڪڏهن ناڪامي ٿيندي آهي، تہ ڪڏهن ڪاميابي، پر انهن رومانوي پلڪن (لمحن) کي لفظن ۾ پيئڻ، هر دؤر جي شاعر جو اهم ڪم رهيو آهي. اهو عاشقاڻو جذبو، اها محبت جي دؤر جي سرگذشت، هر شاعر پنهنجي پنهنجي نموني ۾ بيان ڪئي آهي. هر ٻوليءَ، هر ملڪ ۽ هر دؤر جي شاعر، عشق جي واردات جو بيان پنهنجي پنهنجي ذات ۽ ڏانوَ آهر ڪيو آهي. اياز گل وٽ رومان جو پنهنجو نمونو Style آهي. هِن موضوعَ تي بہ هُن وٽ "گهڻو ڪجهہ پنهنجو" آهي. اهو نہ هُن کان اڳي آيل تهين جي شاعريءَ ۾ آهي، ۽ نہ شايد هن کان پوءِ ايندڙ ٽهين جي شاعريءَ ۾ هوندو (جي انهن کي اڳتي وڌي وڃڻ جو ساهس هوندو).

شاعريءَ جو موضوع ڇا بہ هجي. ان جو ماحول ڪهڙو بہ هجي، پر سڄي شاعر لاءِ ضروري آهي، تہ جڏهن هو ڪوبہ شعر لکي، تہ اهو سندس "ذاتي شعر" هجي، ۽ مجموعي طور تي سندس شاعري "ذاتي شاعري" هجي.

تُنهنجا نيڻ چُمڻ ٿو چاهيان
تيهن تي سيپارن وانگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان هُن کي ٿوريءَ جهٽ ۾ بيزار ڪري وڃهندو آهيان
هيءَ حياتي توسان ٿي، پر بور نہ ٿيندي آهي

*

ٿنهنجي مُک تي مُرڪ جا پوپٽ ڏسي
مِنٽ ۾ پرچي وئي آ زندگي

*

اهو ساري اکيون پرجي اچن ٿيون
اسان ڏاڍو ڪڏهن کِلندا هياسي

*

ملين، نہ ترسين، ڳالهائين نہ!
توڏي ڪوڙ ميارون آهن

*

ڪنهن سان ڪنهن سان ملبو هاڻي
در تي دردَ قطارون آهن

*

گُل! هُن جو گڏجڻ آهي ٿيو
گونگي لئہ لفظن جي ڳولا

*

مِٺي!، ملي جي نہ آهين، تون پڻ مهينن کان
نہ ڪو ڪتاب ٿو پڙهيو ٿئي، نہ لکجي غزل

*

وٺي وڃن ٿا چهرا ڪي دڳَ ويندي پيي
هر جذبي کي سگهبو ناهي نانءُ ڏئي

*

ڪڏهن ڪڏهن ڪو دک رڻاريندو ناهي
ڪڏهن ڪڏهن، ڪنهن پوڳَ تي پنبو آ روئي

*

ڇا روئڻ جو سبب ٻڌايانءِ دوست!
اک ۾ ڪکُ ڪو پيو هوندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هر فساني جو ٽٽي دؤر ٽو پر
پيارَ هر دؤر ۾ نيارو هوندو

*

واتَ سان ’ننهن‘ ۽ اکين سان ’هاٿ‘
ڪيڏو وڻندڙ هي نظارو هوندو

*

تُنهنجو پيار بہ ٿيو اسان لئہ
ڏينهن ڏٺي جي خوابن وانگي

*

مون کي درياهہَ جيان پاٽي وٺي آ
هڪ نظرَ اهڙو تہ گهائي وئي آ

*

منهنجي جيونَ ۾ پيار پنهنجو هُو
ڪيرَ ۾ ڪنڊُ جان ملاٽن ٽا

*

رات اوهان جي يادِ اسان جي ذهن ۾ ايئن آئي
ڪُونيٽ کي جيئن بينو ٿوهر ياڪر منجهہ يري

ييبجَ ينيءَ جو، شاهہ جي وائي، مُوهن جو آواز
ايئن لڳو پنٽي ڳايو وينٽي، ٽرَ جي ذري ذري

*

گوري رنگ رنگيلي آهي
جڻ چٽڪاني تيلي آهي

*

مُلهہ جذبن جي عبادتَ جو نہ ڪو
هرڪو رسمن جي خُدائن ۾ گمُ

*

لُڙڪ تہ گهر جا ياتي آهن
ٽهڪ تہ ٻاهر جا ماٺهو

تون بادل ۽ يارَ اسان
جهڙوڪر ٽر جا ماٺهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪو جي مقصد نہ ٿي تہ پوءِ جيونَ!
جڻ ڇپڪل ڪنهن جُتيءَ جيان آهين

*

شاعرَ هٿن ۾ ڪورو
ڪاڳرَ اداس هوندو

*

البم کولي تنهنجو چهرو
ساري رات نهاريو آهي

مٿي ڏنل شعرَ، اياز گل جا 'ذاتي شعر' آهن. ان ڪري، جو انهن ۾ اهڙن جذبن، اهڙن احساسن، اهڙن تاثن ۽ اهڙن ماڳن جي اُپتار آهي، جيڪي سنڌي شاعريءَ ۾ ڳولڻ سان بہ نہ لڀندا. ائين لڳي ٿو، تہ مٿي ڏنل شعرن مان هڪ هڪ شعر، اياز گل محسوس ڪيو آهي. 'تيهن سيپارن وانگر نيڻ ڇمڻ'، 'مُکَ تي مُرڪ جا پوپٽ ڏسي مِنٽ ۾ پرچڻ'، 'وڇوڙي جي حالت ۾ نہ ڪتاب پڙهيو وڃڻ، نہ غزل لکيو وڃڻ' يا اياز گل جي مشاهدي ۾ آيلَ 'ٿَرَ جي ڪُونيٽ جي تشبيهہَ ۽ موهن پڪت جي ٿَرَ ۾ ڳائڻ جو منظر'ــ گوريءَ جي ڇٽنگائي تيليءَ سان تشبيهہ، ــ 'آلبم کولي سڄي رات تصوير ڏي نهارڻ' ــ اهي سڀ وارداتون آهن، جن مان اياز گل گذريو آهي، ۽ اسان کي اهڙا انوکا ۽ بي مثال شعر ڏنا آهن.

مٿي مون اياز گل جو هڪ شعر ڏنو آهي:

هر فساني جو ٿئي دؤر ٿو پر
پيار هر دؤر ۾ نيارو هوندو

پيارَ، برابر هڪ آفاقي جذبو آهي، جيڪو زمان ۽ مڪان سان نہ ٿو بدلجي. اهو قديم کان قديم، ۽ جديد کان جديد زماني، توڙي اوير کان اولهہ، ۽ اُتر کان ڏکڻ تائين ساڳيو آهي. جيستائين پيار جي بنيادي جذبي جو تعلق آهي، تہ اها ڳالهہ صحيح آهي، پر جي ويچار ڪبو، تہ پيار جي انهيءَ آفاقي جذبي جي اظهارَ جا طريقا زمان ۽ مڪان آهر بدلبا ٿا رهن. سنڌ ۾ ان جو اظهار، اڄَ کان هڪ صدي اڳ جيئن ٿيندو هئو، تيئن اڄ نہ ٿو ٿئي. ساڳيءَ ريت اجوڪي دؤر ۾ اهوئي پيارَ، جيئن اسان وٽ آهي، تيئن يورپ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آمريڪا ۾ ناهي. آفريقا ۽ عرب ملڪن ۾ تہ تهائين وڌيڪ بدليل آهي، جو تہ پيار تي هر دؤر ۾، سماجي حالتن جا اولڙا پوندا رهندا آهن.

لوڪ گيتن جي رومانوي شاعريءَ، ڪلاسيڪي (شاهہ، سچل، ساميءَ) جي رومانوي شاعريءَ، ۽ اڄ جي رومانوي شاعريءَ ۾، پيار جي جذبي جي اظهار ۾ فرق آهي. اهو فرق نہ رڳو سنڌي شاعريءَ ۾ آهي، پر هر اڳتي وڌندڙ قومَ جي رومانوي شاعريءَ ۾ نظر ايندو. اهڙيءَ طرح، اسان شاعريءَ ۾ رومانوي اظهار جي اڀياس ذريعي اهو ڄاڻي سگهون ٿا، تہ ان قوم ۾ ڪيترو جلدي سماجي تبديليون آيون، ۽ اها ڪيترو اڳتي وڌي.

اياز گل، بنيادي طرح رومانوي شاعر آهي. هن جو رومان، نجو رومان نہ، پر انقلابي رومان آهي. (انقلابي معنيٰ تبديل ٿيندڙ)- اياز گل جي غزلن ۾ جيڪو رومانوي اظهار آهي، اهو بيوس، هري دلگير، نارايڻ شيام ۽ شيخ اياز وارو نہ آهي، پر اُهو ڪانئن مختلف، ۽ اڳتي وڌيل آهي. اڳتي وڌيل انڪري، جو جنهن دؤر ۾ اياز گل موجود آهي، جنهن ماحول ۾ هو ساهہ کڻي ٿو، اهو نہ فقط بيوس، دلگير، شيام ۽ شيخ اياز جي ماحول کان مختلف آهي، پر ان کان ڪافي اڳتي نڪري آيو آهي، ۽ اياز گل، ان ماحول جي اُڀار ان کي محسوس ڪري ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ اياز گل جا هيٺيان شعر پڙهو:

مون کي آئي تہ کِلائڻ لئہ هئي
پنهنجي پوتِي بہ پسائي وئي آ

*

هڪ بُرو بس اسان جو گهر آهي
تُنهنجو ويڙهو ئي معتبر آهي!

*

تنهنجي يادُن سواءِ ذهن پرين!
ڪرفيوءَ ۾ بزار وانگي آ

*

توري ڪاوڙ ڪرڻ جي عادت تَس
ڇوڪري هونءَ تہ ڏاڍي پياري آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ميرا ڪھڙا رھن ٿا شيو وڏيل
ساري دنيا ڪان ٿا رھون ڪٽيل

*

مُنھنجي جيون جيان آھن اڃڪلھہ
منھنجي ڪمري جون ھُڙ شيون وکريل

*

ڪيڏيون چٽن چُپن جي وچ ۾
دوريءَ جون ديوارون پيارا!

*

خطُ لکيئہ، پوءِ فون ڪيئہ، اڄ پاڻَ ھليَ آئينءَ
وسريل ماٿھو ڪيئن الاتجي توکي ياد پيو

*

تُنھنجو پيارُ، ڪتابَ، ھي ڪمرو
پنھنجي دنيا چاٿون پيارا!

*

ڪيڏيون مصنوعيتون زندگيءَ ۾ ھيون
ھُڙ مُرڪون ڦِڪيون، ٽھڪ پڻ ڪوڪلا

*

جڳُ پُڌندو تہ ڏيندو ڪين ملڻ
ايترو زور سان تہ، ناڻءُ نہ ڪڻ!

*

ڪيترو پُرخلوص آھين تون!
شھر ۾ ياد تو اچي واھڻُ

*

او پرين! زندگيءَ جو ھر ھڪ پل
تُنھنجي شاديءَ جو ڪارڊ آھي چڻ

*

ڳڏ ڪڍيل تصوير وٺي آ
منھنجي سامھون ڦاڙي وو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نَکو ساٿُ مون سان ڏئي ٿي سگھين
نہ ئي ساڻُ ٿئي سان سھي ٿي سگھين

*

صفحي صفحي تي تُنھنجو نانءُ ڏسان
جي ڪٿان پڙھڻ لئہ ڪتابُ ڪوئي

*

ھُو بہ اُن جو ئي تي ويندو
جنھن وٽ بنگلا، ڪاريون آھن

*

روزُ ئي ٻُڌڻيون پوندیون آھن
تُنھنجي گھر وارن جون ڳالھيون

مٿين شعرن پڙھڻ سان ايئن لڳندو، تہ ڄڻ شاعر، سنڌ ۾ ٻ ويھينءَ صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ موجود آھي. ھُن جي شاعريءَ جو اڀياس ڪرڻ سان ئي خبر پئجي ويندي، تہ ان وقت سنڌ ۾، سماجي حالتون ڇا ھونديون.

’يادَن ڪان سواءِ ذھن ڪرفيوءَ جي بزار‘، ۽ ’تُنھنجو ويڙھو ئي معتبر آھي‘. اھي لفظ اڄوڪو عاشق ئي چئي سگھي ٿو. روايتي عاشق ڪي معشوق آڏو ايتري ھمت ڪئي؟ يا ”ڪاوڙ ڪرڻ جي عادت واري پياري ڇوڪري“ بہ اڄوڪي محبوبا آھي. روايتي محبوبا ڪاوڙ ڪرڻ تہ ڇا، ڳالھائڻ ڪان بہ ونئن ويندي ھئي. اڄوڪو عاشق ئي آھي جو ”ميرا ڪپڙا ۽ شيوَ وڌيل“ اٿس. روايتي عاشق ”رنگ زردو، آہ سردو، چشم تر“ تي اڪتفا ڪندو ھئو. ساڳيءَ طرح ”محبوبا جي شاديءَ جو ڪارڊ“ بہ ھن دؤر جو ئي ڪارنامو آھي، جيڪو عاشق کي ھر ھڪ پل ۾ اذيت ڏيڻ جو سامان آھي. اڄ جي ئي بيباڪ محبوبہ آھي، جيڪا عاشق سان گڏ ڪڍيل تصوير ڦاڙي ٽَڪرا ٽَڪرا ڪري ٿي ڇڏي. اھا اھڙي ساڙيلي بہ آھي، جو تہ جي عاشق جو ساٿَ ڏئي نہ ٿي سگھي، تہ وري ان سان گڏ، ٻيءَ محبوبا کي بہ برداشت نہ ٿي ڪري.

مٿي ڏنل مثالن مان ايئن ٿو لڳي، تہ اياز نہ رڳو رومانوي شاعر آھي. پر اياز اڄوڪي دؤر جو رومانوي شاعر آھي، ۽ ھُن جي رومانوي شاعري، اڳتي وڌندڙ رومانوي شاعري آھي. اھا سندس دؤر جي رومانوي شاعري آھي. اھا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مطالعي جي آڌار تي ڪيل شاعري نـ آهي، پر ذڪل وائڪل منظرن، ڇاڻل سچاڻل ڪردارن ۽ ڳاڻن، ۽ ذاتي طور محسوس ڪيل احساسن جي شاعري آهي. اهڙي شاعري ئي اعليٰ شاعـري هونـدي آهي، جيڪا دل مان ائيـن ڦُـٽي نڪرندي آهي، جيئن اوڀر جي اُفق مان صبح جي سجَ جا پهريان ڪِرڻا ڦٽي نڪرندا آهن.

هر سُٺي شاعر لاءِ، پنهنجي ڪلاسيڪي ۽ روايتي قدرن جو نـ فقط اڀياس ضروري آهي، پر انهن ۾ اونهي ٽـٻي هڻي، ان تي مڪمل عبور حاصل ڪرڻ بـ لازمي آهي. انهيءَ اونهي اڀياس ڪان سواءِ هُو پنهنجي ٻوليءَ جي شاعريءَ جي مٿاڇري تي ئي رهندو ۽ ان ۾ ڪو رچاءُ پيدا نـ ڪري سگهندو. پر ڳالهہ اتي پوري نـ ٿي ٿئي- ڪلاسيڪي روايتن تي ئي شاعري ختم نـ ٿيڻ گهُرجي، پر انهن ڪان اڳتي بـ وڌڻ گهرجي- ڇو تـ جي شاعري ڪلاسيڪي روايتن تائين ئي محدود رهجي ويئي، تـ اڳتي وڌي نـ سگهندي. ان ڪري سُٺي شاعرَ لاءِ لازمي آهي، تـ هُن کي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي روايتن جو اونهو اڀياس هجي، پر ان اڀياس جي سهاري هو پنهنجي شاعريءَ کي اڳتي وٺي وڃي پنهنجي دؤر تائين آڻي.

جديد شاعري، جي ڪلاسيڪي روايتن ڪان وانجهي آهي، تـ اُها بي پاڙي آهي. هوا ۾ لٽڪيل- ان ڪري ڪلاسيڪ جي پاڙن مان جِدت جا پَن، گل ۽ ميوا ڦٽندا رهندا، تـ انهن کي سٺو بنياد ۽ سٺي خورش ملندي.

اياز گل بـ، سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي روايتن جي نـ فقط ڄاڻ رکي ٿو، پر هن انهن روايتن جو اونهو اڀياس پڻ ڪيو آهي. هن ان تي اڪتفا نـ ڪئي آهي. هُن انهن ڪلاسيڪي روايتن کي اڳتي آڻي، پنهنجي دؤر تائين پهچايو آهي:

مُنهنجي نوڙت سان پيار ٿي ويو تُس
آءُ نـوري ۽ جـامر آ جـيـون

*

پوءِ بـ پڪ آ، گناهَ ني لڻندس
توڙي هيڏا ثـوابَ پوڪيا هِـن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رتُ انسانَ جو تہ پي ٿا وڃون
مَکِ پيل چانهہ ٿا هاريون جاني!

*

ڪنهن اَگهَرَ جي آسري آهيون
پاڻ ڏنڙيل لڳون پيا ٽَرَ جا

*

مُنهنجي خاموش زندگيءَ ۾ اڄُ
ڇيچَ ڳالهين جا ڪي پري سائين!

*

تُنهنجي ذڪر بنا هن پيارا!
ساريون ٿي ڳالهيون بوگس

*

مُرڪبو پيي ڪڏهن
واندڪائيءَ مهلَ

*

تُنهنجي پيرن ۾ هئي لڳل ميندي
منهنجي گهر جا تہ ها کُليل رستا

تُنهنجي نيڻن ڪان معتبر ناهن
ڪنهن مقدس ڪتابَ جا صفحا

*

دل ۾ روئيندو هوندو
هوُ جو مُرڪي ٿو وڃڙي

*

مُنهن ڦيري گذري ويندو
هاڻي ڪاٿي گڏبو جي

*

هٿَ ملائڻ ڪان پيي ڇرڪن
مُنهنجو هٿ ڇڻ ٿوهر آهي

*

اداس توکي ڪرڻ کين ٿو گهران بس مان
اٿين تہ مسئلا آهن، نہ ڪي لِڪائڻ جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جذبا ماريا ويا سجدي ۾
يارو! ڪو ڪيڏارو ڳايو

*

ڪُجھہ مھينا ۽ سالَ وچ ۾ ھِن
ڪِنھن جي ھٿڙن کان ڳل ڇُھڻ تائين

*

سِڀجي سگھجڻ ناممڪن آ
دل آ، قاتل چولو ناھي

*

ويجھا ھوندي بہ چڻ دُور ٿي آھيون
ريلَ جي بند جيان، پن ڪنارن جيان

*

تُنھنجو ئي نانءُ سدا ياد رھي
شل نوان نانوَ اُچاريا نہ ٿين

*

آءُ مجبور، مسئلا توکي
قولَ ڪنھن کان بہ تہ پاريا نہ ٿين

*

ڏاڍا ياڳن وارا دوست!
تُنھنجا پاڙي وارا دوست!

ڏُک ڏئي ويندا رھندا ھِن
ڪيرُ ڪندو وڻجارا دوستَ

*

ڪيئن سُک سمھجي پاڻَ تي تاڻي
يادِ قاتل رِلھيءَ جيان آ ھاڻي

*

ڇا جي ڪيڙا سادا آھن
دل جو شھر ڪٿوري آھي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊپُ ٿو ٿئي هاڻي
هٿُ جي ملائن ٿا

*

ڇٽيس تہ: آ مجبوري
چوندي تہ: بهانو آ

*

ڪَپَ تي بيٺلَ ماڳ نہ پهتا
لُڙهندي سهڻيءَ منزلَ ماڻي

متي ڏنل شعرن کي پڙهڻ سان محسوس ٿو ٿئي تہ، اياز گل کي ڪلاسيڪِي شاعريءَ، توڙي سنڌي ثقافتي قدرن جي پلي پَت چاڻ آهي، پر انهن ڪلاسيڪي اهڃاڻن کي هُو جديد انداز ۾ پيش ٿو ڪري. 'نِوڙت سان پيارَ ٿيڻ سان نوريءَ جو تعلق'، 'مَڪ پيل چانهِہ هارڻ ۽ انسان جو رتَ پي وڃڻ'، 'ٿَر جي ڏتڙيل جو آڳر جي آسري هئڻ'، 'جَج ڳالهين جا پرڻ'، 'پيرن ۾ ميندي لڳل هوندي گهر جا رستا ڪليل هئڻ'، 'هٿ جو ٿوهر هجڻ'، 'سجدي ۾ جذبن جي مارجي وڃڻ تي ڪيڏارو ڳائڻ'، 'قاتل رِلهيءَ جي ياد سان تشبيههَ'، 'دل جي شهرَ جو ڪٽوري هجڻ'، 'ڪپ تي بيٺلن جو ماڳ نہ پُهچڻ'، ۽ 'سهڻيءَ جو لڙهندي منزل ماڻڻ'- اهي سڀ محاورا، اصطلاح، تشبيهون، تلميحون، ماڳَ، ٿاڻا ۽ عڪس، آهن تہ ڪلاسيڪي شاعريءَ مان، ۽ سنڌ جي ثقافتي قدرن مان آندل، پر انهن کي هڪ نئين انداز ۾، هلندڙ دؤر سان هم آهنگ ڪيو ويو آهي. اياز گل، اهڙيءَ طرح سنڌ جي شاندار ماضيءَ مان چمڪندڙ مستقبل جوڙيو آهي. ايئن ٿو لڳي، تہ سنڌي شاعري هڪ هنڌ بيٺل نہ آهي، پر اها هر دم هلندڙ، اڳتي وڌندڙ آهي. اها ساڪت ۽ جامد نہ آهي، پر همہ وقت متحرڪ ۽ روان دوان آهي. اها بيٺل پاڻي نہ آهي، پر وهندڙ ڌارا آهي. پر انهيءَ وهندڙ ڌارا کي بہ اياز گل صحيح ڏسيءَ (Direction) ڏي وهايو آهي. اهو بحث اڳتي ڪبو.

شاعر جي آڏو ٻولي هڪ ڪچي مال (Raw Material) وانگر هوندي آهي. ڪن نقادن ٻوليءَ کي ڪنٹرو مال (Plastic Material) چيو آهي، جنهن کي شاعرَ پنهنجي فن ۽ ڪاريگريءَ سان پنهنجي مرضيءَ موجب موڙي ٿو سگهي. ايليٽ چيو آهي "تہ ڪو بہ لفظ شعر ۾ ممنوع نہ آهي". جي شاعر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کي اُن جي ڪتب آڻڻ جو فن آهي- عام شاعر، پنهنجي شعرن ۾، پنهنجي دؤر جي شاعريءَ ۾ ڪتب ايندڙ لفظ ئي تا آڻين، ڪي ٿورا شاعر آهن، جن ۾ اهڙن نون لفظن ڪتب آڻڻ جو ساهس آهي، جيڪي ڪانئن اڳ ۾، شاعريءَ ۾ رائج نہ هئا. اهو نواڻ جي طرف هڪ همت وارو قدم آهي، جيڪو هر شاعر کڻي نہ ٿو سگهي، ڇو تہ اهو جوکو آهي. اياز گل، اهڙا ڪئي جوکا کنيا آهن:

سنجها کان ئي ڌُوڙ ڌُڌڙ کان آجا ٿي
چانڊوڪيءَ جي ڇاهَہ ۾ چارا جاڳن ٿا

’ڌُوڙ‘ لفظ تہ اڳ ۾ ئي رائج آهي، پر ’ڌُوڙ ڌُڌڙ‘ گڏ آڻڻ سان نئون ماحول ۽ لفظي رِدم ٿو پيدا ٿئي.

اک – پِڇڙ ۾ قاتل ڳوڙهو
درَ تي جڻ دربان جيان آ

”اک پِڇڙ“ جو لفظ نئون آهي، تشبيهہ بہ نئين آهي، پر ان جي جاءِ تي جي اياز ’اک ٺري ۾‘ لکي ها، تہ وڌيڪ سهڻو لڳي ها.

اونهاري جي موسم جي باري ۾، اياز گل جا هيءَ بہ شعر پڙهو:

شخص هُو نرالو آ
جونِ ۾ جهڙالو آ
۽
دل جي تاکَ منجهند ۾ تُنهنجا
ڪڪرن وانگر ڇايا نينَ

جُهڙالي جي مُند جو ذکر تہ، سنڌي شاعريءَ ۾ عام آهي، پر ”جون ۾ جُهڙالو“ ۽ ”دل جي تاڪ منجهند“ شاعريءَ لاءِ نئين ٻولي آهي.

هيٺين ٻن شعرن ۾ ٻوليءَ جو لطف ماڻيو:

لُڙک تہ ڪوڙ وهيا، وهندا رهيا
صرف مُرڪي نہ سگهياسي تون مان
*
ڪيئن هڪ ٻئي کي سهارو ڏيون ها
هڪ ئي وقت ڪِرياسي تون مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"لُڙڪن جو وهڻ ۽ وهندو رهڻ" ۽ "هڪ ئي وقت ٻنهي جو ڪِرڻ" .انوکي اظهار جو نرالو نمونو آهي، تہ نئون عڪس پڻ.

هر هر ڪيٽو، هر هر ڪيٽو
ڪيڏي ذاتِ هنيلي آهي

"ذاتِ جو هنيلي ٻار جان ڪيٽو ڪرڻ"، ٻوليءَ ۾ نون لفظن جي نئين استعمال جو سهڻو مثال آهي:

دل سان پنهنجي پيٽي ناهي
توبهن توبهن زاري آهي

'پيٽي نہ هجڻ' ۽ 'توبهن توبهن زاري' اهي ٻئي محاورا سنڌي ٻوليءَ ۾ تہ پراڻا آهن، پر شاعريءَ لاءِ نوان - ساڳيءَ طرح:

دل جون ڳالهيون ڪين تو سمجهين
ڪهڙي آخر ڪا فارسي آهي؟

'فارسي هجڻ' جو محاورو بہ پُراڻو آهي، پر شاعريءَ ۾ اُن جو استعمال نت نئون پيو لڳي:

هڪڙي پينگهي ۾ جهُوليا هُون
عُمرُ بہ منهنجو ئي سَنُ آهي

مٿئين شعر ۾ 'سن هجڻ' جو محاورو بہ ساڳيءَ ريت شاعريءَ لاءِ نئون آهي، پر اياز گل ان جو فنڪاراڻو استعمال ڪيو آهي.

تُنهنجي هڪ وينگس واهڻَ!
دل کي وجهي ويئي ڏانوڻ

'ڏانوڻَ وجهڻ' جو محاورو بہ پُراڻو آهي، پر شاعريءَ ۾ 'واهڻ جي وينگس' جو دل کي ڏانوڻ وجهڻ ڪيڏو نہ سهڻو تو لڳي.

ٻيا ڪجهہ شعر پڙهو:

هُن ڏي چا هُن جي گهر ڏي ئي ڪلاهن
حُڪم ناهي نهارجي سائين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مُرڪون، ٽهڪَ، ڪچهريون، سنگت
ڪُوڙا سڀ سهارا دوست!

اياز ڳلَ جي غزلن ۾، سنڌي ٻوليءَ جي محاورن جو سهڻو، سيتو ۽ وقتائتو استعمال، سنڌس شاعريءَ کي نہ فقط نواڻ تہ ڏئي، پر ان کي وڌيڪ اثرائتي تہ بڻائي.

لفظي ترنم، شاعريءَ جي موسيقي، رِدم – اهي سيئي ٻوليءَ جي سيتي استعمال لاءِ ڪم ايندا آهن. انهن ۾، شاعريءَ ۾ سُرن جي گونجَ، ۽ نرت جو تال هوندا آهن. موسيقيت ايڏي وڏيل نہ هجي، جو شاعريءَ جي فڪر کي ڍڪي ڇڏي، يا ان جي مٿان طاري ٿي وڃي ۽ نہ ايتري هلڪي جو اُها محسوس ئي نہ ٿئي. سُٺا ۽ ڪامياب شاعرَ، شاعريءَ جي موسيقيت ۽ فڪر ۾ توازن قائم رکندا آهن، جيئن شعر نہ ٻي ڇَسو رهي، ۽ نہ ئي اٿيو- اياز ڳل پنهنجي شاعريءَ ۾ اهڙو توازن برقرار رکيو آهي. هونءَ تہ سندس سڄي شاعريءَ جي پس منظرَ ۾ موسيقيءَ جي مڌر لهرَ روان دوان آهي، پر سندس هيٺيان شعر ان ڳالهہ کي وڌيڪ چِٽو ڪن ٿا، تہ هُن کي رِدم جو ڪيڏو نہ اونهو احساس آهي:

هلبو هاڻي لَڏي لَڏي
ٻي قُربن کي ڇڏي ڇڏي

پيارَ جو جنڙي پاڇو ملندو
جُهوبو ڇڏبو اڏي اڏي

*

تُنهنجون يادون، نہ تون
جاني ڙي! ڪيئن جيئون

جي نہ مُرڪي سگهون
آہ! روئي پئون

پاڻ لئہ آهي بس
تُنهنجو مُرڪڻ خوشيون

ڳُهنڊ پائي ملون
تنهن کان وچڙي وڃون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوچَ، لڙڪَ، وحشتون
عشقَ جون علامتون

تو جھا تہ ٿيون اول
پوءِ ڪنداسي حُجتون

*

گھنڊ ٿا دل جي گِرجا جا وڄندا رهن
ياد پيارا اچن، گيت رچندا رهن

قُرب قائم تہ قائم رهن دوستيون
قرب جيئن جيئن ٽُٽي، هانوَ ڇِڄندا رهن

ڳوٺ جي رات جي گهگهہ پوئين پهر
ڪيترا ماٺھو لڪندا ٿا ملندا رهن

”هلبو هاٽي لڏي لڏي“ ان سڄي غزل ۾ پٺو قافيو موسيقيءَ جي مڌر لهر ٿو پيدا ڪري. ’تنهنجون يادون نہ تون‘ جو بحر برابر مترنم آهي، ”فاعلن فاعلن“ پر ان مترنم بحر ۾ اهڙا مڌر موسيقيءَ سان پريل شعرَ تخليق ڪرڻ هر شاعر جو ڪم ناهي ۽ موسيقي بہ اهڙي، جيڪا شعر ۾ آيل خيالَ سان هم آهنگ هجي.

سوچَ، لڙڪ، وحشتون
عشق جون علامتون

اهو غزل بہ مترنم آهي، پر گهنڊ ٿا دل جي گِرجا جا وڄندا رهن- وارو غزل، لفظي رِدم جو بهترين مثال آهي. هتي شاعر لفظن جو بازيگر نہ، پر لفظن جو ڪاريگر ٿو لڳي. ايئن ٿو لڳي تہ هُن هڪ هڪ لفظ، ڪنهن ماهر سنگتراش جيان محنت ڪري، گهڙي، چلي ۽ پالش ڪري ڪتب آندو آهي.

اياز گل جي شاعريءَ ۾، طنز بہ آهي، پر اها طنز، اجائي ٽوڪ بازي نہ آهي، پر اُن جي پٺيان ڪونہ ڪو مقصد ضرور آهي. طنز، شاعريءَ جو تمام نازڪ شعبو آهي، جو تہ ان ۾ شاعر ڪي نہ فقط اخلاق جي دائري ۾ رهڻو ٿو پوي، پر ٻولي بہ اهڙي ڪم آڻڻي ٿي پوي، جيڪا اڻ وڻندڙ نہ هجي ۽ تنهن هوندي بہ پنهنجو مقصد حل ڪري وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اياز گل جي شاعريءَ ۾، خاص ڪري غزلن ۾، طنزيہ شعر ڪٿي ڪٿي موجود آهن، پر انهن شعرن ۾ فني لحاظ کان ڀرپور تغزل سمايل آهي، ۽ اهي شعر طنزيہ هوندي بہ، غزل جون سڀ فني ۽ فڪري ضرورتون پوريون ڪن ٿا. اچو تہ اياز گل جا ڪي طنزيہ شعر پڙهون:

سائنڻ! تنهنجو هرهڪ وعدو
سرڪاري اعلانَ جيان آ

پيٽ ٻُڪني لئہ هڪڙي ماني
سرڳ جيان، پڳوان جيان آ

*

ڪيترو پني لڳين منفرد، مختلف
تون بہ واڪاڻَ ۾ يارَ ٿاسي وئين!

*

پنهنجيءَ قسمت ۾ تون ئي چو
ناهين يارا، ثوابن وانگي

*

هڪ ٻُرو بس اسان جو گهر آهي
تُنهنجو ويڙهو ئي معتبر آهي

تنهنجي هر ڳالهہِ لارَ ماکيءَ جي
منهنجو هر لفظ ڄڻ زهر آهي

مون تہ جڳَ جي سِتم جو ذڪر ڪيو
تُنهنجي چو نِرڙ تي پڪهر آهي؟

*

ڪُوڙ بازارين ۾ ماڻهن جو
اگهہ ڪيڏو ڪِري پيو آهي

*

ديسُ بہ وڪڻي ايندا آهن
اهڙا ئي واپاري ماڻهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کھڙو سچ چئي سگھنداسي
پاڻَ تہ هُون سرڪاري ماڻھو!

*

ٻاهران ڪيڏو تہ ڏکيل آ ماڻھو
اندران ڪيڏو نہ اگھاڙو آهي

*

ڪُوڙ ڪيان مان توسان ء
تون پڇي، مون کي دوکو ڏي

*

فُٽ پاٿ تي تخليقون هِن
سامهون خالق جو گھر آهي

مالڪَ بدران ڳالهائي ٿو
آخر سچو نوڪر آهي

*

هاٿي ڏاڍي وحشت ٿئي ٿي
اَيئن نہ تڪڙا رنگَ مٽايو

*

عجب اسان جي وستي آهي
چورُ، ساڌ جو ڳولي پيرو

*

انڌن آڏو روئڻ جاني! آهي اکين جو زيانُ
چَپَ اسان جا سِبي چون ٿا، ڪوئي گيت ٻڌاءِ!

*

ايئرڪنڊيشن ۾ هيٺين طبقي جون
جي ڪجن، ڳالهيون اجايون هِن

*

ڪَل ٻُکن جي کھڙي اُن کي
جنهن جو پنهنجو پيٽ پريل

*

آدمَ جو اولاد تہ آهيان
سيد ڪوءِ ضروري آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اياز گل جي شاعريءَ ۾، خاص ڪري غزلن ۾، طنزيہ شعر ڪٿي ڪٿي موجود آهن، پر انهن شعرن ۾ فني لحاظ کان ڀرپور تغزل سمايل آهي، ۽ اهي شعر طنزيہ هوندي بہ، غزل جون سڀ فني ۽ فڪري ضرورتون پوريون ڪن ٿا. اچو تہ اياز گل جا ڪي طنزيہ شعر پڙهون:

سائنڻ! تنهنجو هرهڪ وعدو
سرڪاري اعلانَ جيان آ

پيٽ ٻُڪي لئہ هڪڙي ماني
سرڳ جيان، پڳوان جيان آ

*

ڪيترو ٻني لڳين منفرد، مختلف
تون بہ واڪاڻَ ۾ يارَ ڦاسي وئين!

*

پنهنجيءَ قسمت ۾ تون پي چو
ناهين يارا، ٺوابن وانگي

*

هڪ ٻُرو بس اسان جو گهر آهي
تُنهنجو ويڙهو ئي معتبر آهي

تنهنجي هر ڳالهہ لارَ ماکيءَ جي
منهنجو هر لفظ ڄڻ زهر آهي

مون تہ جڳَ جي سِتم جو ذڪر ڪيو
تُنهنجي چو نِرڙ تي پگهر آهي؟

*

ڪُوڙ بازارين ۾ ماڻهن جو
اڳهُ ڪيڏو ڪِري پيو آهي

*

ديسُ بہ وڪڻي ايندا آهن
اهڙا پي واپاري ماڻهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کھڙو سچ چئي سگھنداسي
پاڻَ تہ هُون سرڪاري ماڻھو!

*

ٻاهران ڪيڏو نہ ڏڪيل آ ماڻھو
اندران ڪيڏو نہ اگھاڙو آهي

*

ڪُوڙ ڪيان مان توسان ۽
تون پڻ، مون کي دوکو ڏي

*

فُٽ پاٿِ تي تخليقون هِن
سامھون خالق جو گھر آهي

مالڪَ بدران ڳالھائي ٿو
آخر سچو نوڪر آهي

*

هاٿي ڏاڍي وحشت ٿئي ٿي
ايئن نہ تڪڙا رنگَ مٽايو

*

عجب اسان جي وستي آهي
چورُ، ساڌ جو ڳولي پيرو

*

اندَن آڏو روئڻ جاني! آهي اکين جو زيانُ
چَپَ اسان جا سِبي چون ٿا، ڪوئي گيت پڙاءِ!

*

ايئرڪنڊيشن ۾ هيٺئين طبقي جون
جي ڪجن، ڳالھيون اجايون هِن

*

ڪَل ٻُکن جي کھڙي اُن کي
جنھن جو پنھنجو پيٽ ڀريل

*

آدمَ جو اولاد تہ آهيان
سيد ڪوءِ ضروري آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏوڪڙ بدلي ڏات وِڪيائون
هڻہ اڻجاڻن ڇا ٿي ڇاڻي

مٿين شعرن ۾ 'واعدي جو سرڪاري اعلان هجڻ'، 'سرڪاري ماڻهو'، 'ڪوڙ بزارن ۾ اگهہ ڪرڻ'، 'ٻاهران ڍڪيل ۽ اندران اگهاڙو هجڻ'، 'فٽ پاٿ تي تخليقون ۽ سامهون خالق جو گهر.'، 'چور، ساڌ جو ڳولي پيرو'، ۽ 'ايئرڪنڊيشن ۾ هيٺين طبقي جون ڳالهيون'، اهي اياز جي چوڌاري موجود سماج جا عڪس آهن. جيڪي سنڌي غزل لاءِ نوان ۽ انوکا موضوع بہ آهن، تہ هلڪيءَ، پر مِٺيءَ طنز سان ڀريل پڻ - مٿين شعرن ۾، اياز ڪَل طنز جي نشتر تہ هلائي آهي، پر اهڙي سپاويڪ طريقي سان جو ڪوبہ لفظ بُرو نہ ٿو لڳي- ڪوبہ جملو ناشائستو ڪونهي. طنزيہ شاعريءَ جو اهوئي فن آهي.

هر شاعر جي شاعريءَ جي اڀياس ڪان پوءِ، ان جو مجموعي تاثر ڪهڙو ٿو ملي، اهو ئي هڪ اصول آهي، جنهن ذريعي شاعر جي مُلهہ جو ڪاٿو ڪري سگهجي ٿو. دنيا جا سيئي وڏا شاعر، ان 'مجموعي تاثر' جي ئي ڪري وڏائي تا ماڻن. اهو مجموعي تاثر هاڪاري آهي يا ناڪاري- انسانيت جي لاءِ قبول ڪرڻ جهڙو، ان جي اڳواٽيءَ ڪرڻ جهڙو آهي يا نہ؟ اهو هڪ نُڪتي تي مرڪوز (Focus) ٿئي ٿو، يا ٽِڙيل پکڙيل، اوڻتو، خود متضادي (Self Contradictory) خيالن يا نظرين سان ڀريل آهي. اهو اجائي لفاظي، بي مقصد لفظي ردم، قافيہ پيمائي، اڳينءَ شاعريءَ جي ورجاءَ، يا پاڻ ڏيکارڻ، پاڻ وڏائڻ جي جذبن سان ڀريل آهي؛ يا هڪ اعليٰ مقصد، انسان دوستي، اظهار جي ايمانداري، جذبن جي معصوميت، اصليت ۽ شدت، نِت نَون رنگن ۽ رُوپن سان سنواريل آهي. وڏا شاعر نہ فقط لفظن جا وينجهار هوندا آهن، پر فڪر جا اڳواڻ پڻ- اياز ڪَل جي شاعريءَ جي اڀياس مان لڳي ٿو، تہ هن جو فڪر، چاهي اهو ڪهڙيءَ بہ صنف ۾ هجي، انهن اعليٰ قدرن ڏي مرڪوز ٿي رهيو آهي، ۽ ان ۾ مرڪزيت ۽ فڪر جي ايڪائيءَ جا جهلڪا ملن ٿا.

هيٺين شعرن ۾، سندس وطن دوستيءَ جي جذبن جو سَهڻو اظهار آهي:

مُنهنجي ڌرتيءَ وارا اچ پيچ
سانجهيءَ ويلَ سويرا ڳولن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌڙي سورج آهي جنهن کي
سوَ سوَ گهور انڌيرا ڳولن

*

آءُ چاهيان ٿو سي چُمڻ جيڪي
سنڌُ جي سڪ جا حوالا نيڻَ

*

ڪالهہ هڪڙو ني هٿ ڪچيل هو اڄُ
هڪ، ٻہ، سؤ، هزارَ ٿيندا وڃن

*

سنڌ جو ڪرين ٿو سَودو!
تنهن کان تہ خودڪشي ڪر

ٿورو تون جاڳُ ۽ پوءِ
جيئڻ جي خاطري ڪرِ

۽ ٻيا اهڙا ڪيترائي شعر اياز گل جي غزلن ۾ ملندا، جن ۾ هن لاڪيٽي شاعر جي، پنهنجي ديس جي ڌرتيءَ ۽ اُن جي مسڪين ماڻهن سان اٿاهہ پيارَ جو اظهار آهي، نہ فقط پيار جو اظهار آهي، پر هن دؤر جي حالتن جي عڪاسيءَ سان گڏ موجوده مسئلن جي حل لاءِ پڻ واٽون ڏسيل آهن:

ماڻهو موتَ جي ننڊَ سُتل
تاريخن جا صفحا جاڳن

*

هٿن پيرن هوندي ماڻهو
ٻاڳن ني جو ٻاڙي - ووا!

*

ڪا نئين ريت نہ وجهجو هاڻي
ڏاڍا ريتن مان اڙيل آهيون دوستَ!

پنهنجي وطن پرست فڪر کي، ۽ شاعر جي وطن ڏانهن ذميواريءَ کي اياز گل ڪيڏيءَ نہ سيبتائيءَ سان هينين ٻن سٽن ۾ سمايو آهي:

اهڙي اوندهہ جو ديسَ - رستو گم
سجُ ٿي پتہ ڪَوي! انهيءَ ڳالهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تہ انهي ٽاڻي، جڏهن مايوسيءَ ۽ مونجهارن جي ڀاٽ اوندهہ، رستو گم ڪري ڇڏيو آهي، تہ اياز ڪل پنهنجي فرض ڪي محسوس ڪري، سجَ جيان روشني ڪئي آهي.

انگريزيءَ جي چوڻي آهي تہ، "Charity begins from home" (خيرات گهر کان شروع ٿيندي آهي) برابر هيءَ چڱائي گهر کان ئي شروع ڪرڻ گهرجي، پر چڱائي اتي ختم نہ ٿيڻ گهرجي. اها اڳتي وڌڻ گهرجي. پنهنجي ديس جي مٽيءَ ۽ اُن جي ماڻهن سان محبت، "ايءُ پڻ چڱو ڪم"، پر شاهہ لطيف وارو "او ڪو هيو فهم" بہ ڪپي، "جنهن سان پسجي پرينءَ ڪي." انهيءَ ٻئي فهم لاءِ بہ شاهہ لطيف پاڻ ئي چيو آهي تہ:

سائينمِ! سدائين ڪرين، متي سنڌ سُڪار
دوستَ مٺا دلدار!عالم سڀ آباد ڪرين.

وڏي شاعر جو ڪم، وطن پرستيءَ تائين محدود نہ ٿو رهي، پر اهو اڳتي وڌي، پکڙي، سڄي عالم جي آباديءَ لاءِ جاکوڙ ٿو ڪري، جو تہ وطن پرستي ۽ قوم پرستي، جي محدود آهي، تہ شاؤنزم(Chauvenism) آهي، جيستائين اها 'عالم جي آباديءَ' جي ڳالهہ نہ ٿي ڪري.

اسان جو اياز ڪل بہ ان 'وطن' جي 'وحدت' ۾ 'عالم' جي 'ڪثرت' کي سمايو ڇڏي. هُن لاءِ انسان دوستي ۽ انسان پرستي بہ ايڏي ئي اهم آهي، جيڏي وطن دوستي ۽ وطن پرستي. سندس شاعري مقامي هوندي بہ عالمي آهي. هِن لاکيٽي شاعرَ نہ فقط 'سنڌ جي سُڪار' لاءِ پنهنجو قلم وقف ڪيو آهي، پر 'عالم جي آباديءَ' جو بہ اوترو ئي اونو اٿس. اچو تہ سندس هيٺيان شعر پڙهون:

جن جي ڇهري تي جنگ جي ڪارنهن
تن جي هَٿ ۾ امن جا جهنڊا هِن!

*

رات ڪاري اجا ڪُٽي ناهي
تو جو ڏيائيون اڳي اُجهايون هِن؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دانهن ٻڌائيندين ڪڏهين تون گهر گهر جي
مولا سائين! ماڻ اسان جي اندر جي

*

جيئڻ ٿي سيڪاري سائين!
راهہ ۾ ڪاڌل هر ٺوڪرَ

هر شيءِ هيٺي ماٺهوءِ آڏو
موتُ اچا پيو ڏاڍو پر

*

گولين جا آواز فضا ۾
اُجڙيا ڪي آکيرا هوندا

*

ٻمر نہ توڪان، انُ گهريو آ
ٻالڪَ انگ اگهاڙي وو!

*

جنهن کي لڳندي سو انسانُ
ديسُ، نہ مذهب گوليءَ جو

*

مُلهہ جذبن جي عبادت جو نہ ڪو
هر ڪو رسمن جي خُدائن ۾ گم

*

ڪُوڙ، جنهن کي سچاڻون تون ۽ مان
شالَ تنهن کي وجي شهر ڇاڻي

مٿيان شعر رڳو مثال طور آندا ويا آهن، پر اياز گل وٽ اهڙا ڪي ئي شعر آهن، جيڪي عالم جي آبادي، ۽ عالمي امن جي لاءِ لکيل آهن. انگ اگهاڙو ٻالڪ، دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ اڃا بہ موجود آهي، جيڪو 'اَنّ' تو گهري، تہ ان کي 'گولي' ٿي لڳي ۽ اها گولي جنهن کي لڳي ٿي، سو انسان آهي. انهيءَ گوليءَ جو نہ ڪو ديس آهي، نہ مذهب - ماڻهو 'رسمن جي خدائن ۾ گم' آهن. هو'جذبن جي عبادت'ڪي نٿا ليکن. اهو 'ڪوڙ' جنهن کي 'تون ۽ مان' سچاڻون ٿا، 'شالَ تنهن کي شهر ڇاڻي وڃي' تہ حالتون بدلجي وڃن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اياز گلَ وٽ جيترو فني رچاءُ غزل ۾ آهي، اوترو ئي هن جي واين ۾ به آهي. اها ئي ڳالهه آهي، تہ اياز جي واين جو تعداد، سندس غزلن جيترو نہ آهي، پر فني معيار کٽي ڪٽي تہ، غزلن جي معيار کان بہ اڳتي وڌيو وڃي.

وائي نجُ سنڌي صنف آهي، جيڪا ڪلاسيڪي دؤر کان هليو اچي. اسان جي جديد دؤر جي شاعرن ان ۾ نئين جان وڌي ۽ نوان رنگ ڀريا آهن. ان کي دقيانوسي صنف مان تبديل ڪري اڳتي وڌائي، جديد دؤر جيءَ آدمن جي اظهار لائق بنايو. اياز گل جي غزل وانگر وائيءَ ۾ پڻ، جڳهه جڳهه تي اهڙا جهلڪا آهن، جن مان اسان جي پنهنجي دؤر جي زندگي- ليئا پائي رهي آهي:

شهرن ۾ گمر چوڪرا!
ڪَسيون، پَنيون هَرَ
توکي ڳولن ٿا!

*

چمڪن پيا هٿيار ۽
قلمَ، ڪتابن تي،
دَز چڙهي وئي آهي!

*

هر گوليءَ ۾ ڳولي ٿي
پنهنجو گمر تيل نانءُ،
ڌرتيءَ تي هيءَ زندگي!

*

اونداهي ڪمري جو مان،
آهيان روشن دانُ!
ماري موتَ نہ سگهندين!

گلَ مُرجهايا پوءِ پيِ،
چمڪي تو گلدانُ،
ماري موتَ نہ سگهندين!

مٿي ڏنل واين جي سٽن جي اڀياس مان لڳندو، تہ اياز گل هن پراڻيءَ صنف کي نئين دؤر تائين آندو آهي. ڪابہ صنف دقيانوسي يا جديد ناهي- ڪابہ صنف پراڻي يا نئين ناهي. ڪابہ صنف ڏيهي يا پرڏيهي ناهي، رڳو شاعر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي ڏانوَ ۽ سيتائيءَ جي ڇهاوَ سان هر دقيانوسي صنف جديد، هر پرڏيهي صنف ڏيهي ٿي سگهي ٿي.

وائيءَ جو پنهنجو فن آهي. اها دادو ديال کان ٿيندي، اڄوڪي دؤر تائين آئي آهي. اها غنائي صنف آهي. ان ۾ نہ رڳو لفظي غنائيت آهي، پر معنوي غنائيت پڻ- لفظن جي لاهہ چاڙهہ (زيرو بم) ۽ اُچارن جي ترنم سان گڏ ان جي وراڻي اهم آهي. اها هر سٽ کان پوءِ ورجائجي ٿي، ۽ انهي ورجاءَ ذريعي هوءَ هر سٽ ۾ آيل خيال کي هَٿي ٿي ڏئي، Re - inforce ڪري ٿي. ان ڪري، وائيءَ جي سٽي شاعر لاءِ ضروري آهي، تہ هُو وراڻيءَ کي رڳو رسمي طور نہ آڻي. ايئن نہ آڻي جڻ مجبوري هجي. قافيي کي پُوري ڪرڻ لاءِ، يا گهاڙيٽي جي مجبوريءَ سببان، سُٺو ۽ سمجهُو شاعر وائيءَ جي وراڻيءَ کي هڪ ضرورت تو بڻائي ڇڏي. اهڙيءَ طرح جو اها وراڻي جي نہ اچي، تہ اُن کان اڳ ايندڙ سٽ اڌوري ۽ اڌوري لڳي. شاعريءَ ۾ اهڙي فنائتي پختگي فقط اهو ئي شاعر آڻي سگهندو، جنهن ان صنف جي استادن، (ڪلاسيڪي توڙي جديد) جو محنت ۽ محبت سان اڀياس ڪيو هوندو. اياز گل اهڙن تمام تورن شاعرن مان آهي، جن وائيءَ جي گهاڙيٽي کي پنهنجي عروج تي پهچايو آهي؛ سندس هيٺيون وايون پڙهو:

اندرَ ۾ هي آدمي
مندر ۾ ڀڳوانُ
ڪيڏو تنها ٿي ويو!

سوچي سوچي پاڻَ تي
پاڻَ ئي ٿئي حيرانُ
ڪيڏو تنها ٿي ويو!

ڪوڙُ پُڄي ويو ماڳ تي
رستي ۾ ايمانُ
ڪيڏو تنها ٿي ويو!

هن سڄيءَ وائيءَ مان، هر بند کان پوءِ جي وراڻي "ڪيڏو تنها ٿي ويو" ڪڍي ڇڏيو ۽ ان کي پڙهو، تہ هرڪو بند اڌورو لڳندو. اهو آهي 'وراڻيءَ کي کپائڻ'. جيڪو وائيءَ جي صنف ۾ ضروري آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهڙي ئي هڪ ٻي وائي هن طرح آهي:

تــو تانــئين پُهــتا
منهــنجي نيڻن جا
سارا تَڪَ لهي ويا!

تُنهنجو نانءُ لِکي ڏٺم
منهــنجي هٿــن جــا
سارا تَڪَ لهي ويا!

ساڀيائن جي ديسَ ۾
ساڻــن سپنــن جــا
سارا تَڪَ لهي ويا!

تون جو آئيــن شــهر ۾
سيــني رســتن جــا
سارا تَڪَ لهي ويا!

متيڻءُ وائيءُ مان، هر بند کان پوءِ جي وراڻي "سارا تَڪَ لهي ويا" کڏي ڇڏيو، تہ پوءِ ايئن لڳندو، تہ ڄڻ خيال اڻپورو رهجي ويو. اهو ئي آهي وائيءُ جو فن. انهيءُ کان سواءِ هٿن جا تڪَ لهڻ، سپنن جا تڪَ لهڻ، ۽ رستن جا تڪَ لهڻ، اهو اهڙو اظهار آهي، جيڪو اياز کل کان اڳ شاعريءَ ۾ اڻ ڇُهيل آهي. ڪنوارو آهي.

هڪ وائيءُ جون هيٺيون سٽون پڙهو:

ننڊون ئي ويندا ڪسي
سپنن ڪــي چاهــي؟
پوڳيون يارَ اسان تا!

پٿون پيرَ ويا ٿــي
رستن ڪي چاهي؟
پوڳيون يارَ اسان تا!

توڙي تيز ترارَ جٿن
لفظن ڪي چاهــي؟
پوڳيون يارَ اسان تا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چنڊُ گهرن تا راند لئہ
ٻارن کي ڇا هي؟
پوڳيون يارَ اسان تا!

مٿين سٽن ۾ ماحول ڪلاسيڪي شاعريءَ جهڙو آهي، پر ان کي پيش نئين انداز ۾ ڪيو ويو آهي. 'پٿون پير ٿيڻ' ڪلاسيڪي شاعريءَ جو محاورو آهي، پر 'رستن کي ڇا هي؟، پوڳيون يار اسان تا" سسئيءَ کان اڳتي جي ڳالهہ آهي. ساڳيءَ ريت 'تيز ترارَ جيان لفظَ' ۽ 'ٻارن جو راند لاءِ چنڊ گهرڻ' بہ پراڻا خيال آهن، پر انهن کي نئين نموني ۾ پيش ڪيو ويو آهي:

چمڪن پيا هٿيارَ ۽
قلم ڪتابن تي
ڏرَ چڙهي وئي آهي!

*

هر ڳوليءَ ۾ ڳولي تي
پنهنجو ڪمرُ ٿيل نانءُ
ڌرتيءَ تي هيءَ زندگي!

*

هيڏيءَ ٽِڪيءَ اُس ۾
ڪِچن رنگن سان
ڇا لئہ تون نِڪتين پرين؟!

*

عشقُ اسان جو آرسي
پٿر لوڪ سڄو!
جڏهن ٻيءِ مان سچ سان
آهي لِڄَ ڳنڊي
پٿر لوڪ سڄو!

*

چوريءَ چڪل چڄُ
ڪٿا ڪونهن ڪٽڪ جا.

مٿي ڏنل سٽون، اياز ڪل جي فنڪاراڻي جينيس هڻڻ جا سٺا مثال آهن.
هن دور جي الميي، علم تي ظلم جي قبضي ڪي، وائيءَ جي هڪ بند ۾ ڏنل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فنائتي عڪس سان ظاهر ڪري، هڪ پُختي شاعر هئڻ جو ثبوت ڏنو آهي. جتي ڪتابن تي ڌَرَ چڙهي وئي هجي، ۽ هتيارَ چمڪندا هجن. اهو منظر ۽ پس منظر جو تضاد (Contrast) هِن عڪس کي تَهائين وڌيڪ چِٽو ڪري. ساڳيءَ طرح اڄوڪيءَ دهشتگرديءَ جو منظر، جتي ’گوليءَ ۾ پنهنجو گر ٽيل نانءُ ڳولڻ‘ بہ هڪ جذبي سان ڀريل عڪس آهي. ’تڪيءَ اُس ۾ ڪچَن رنگن سان نکرڻ‘، ’چوريءَ جو چِڪِل چِچَ‘ ۽ ’ڪَنڪَ جا ڪٽا نہ هجڻ‘ بہ عڪس آهن، انهن عڪسن ذريعي اياز گل، وائيءَ جهڙي ڪلاسيڪي ۽ دقيانوسي صنف کي، جديد هائيڪو رنگ ڏنو آهي. ايئن ٿو لڳي، تہ اهي عڪس کي هائيڪو آهن، جيڪي هَن ماترائن ۽ قافيي جي بيهڪ جي روايتي گهاڙيٽي کان هٽي، وائيءَ ۾ آندا آهن. اهي تجربا ثابت ڪن ٿا، تہ ڪوبہ گهاڙيٽو دقيانوسي ناهي. رڳو شاعر کي ان کي ڪتب آڻڻ جو فن هجي ۽ ايئن ٿو لڳي، تہ اياز وٽ اهڙو فن آهي.

ڪتاب جي ترتيب ۾ هائيڪا پوئتي آيل آهن، پر مان انهن جو بيان اڳ ۾ آڻيندس، ڇو تہ اها صنف وائيءَ سان گهڻي مشابهت ٿي رکي، ۽ اياز گل جي واين تي ڪيل تبصري ۾ ان جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي. هائيڪو جپاني صنف آهي، پر اها سنڌيءَ ۾ ايترو تہ کپي وئي آهي جو، اڄڪلهہ ڌاري ئي نہ ٿي لڳي. ان صنف کي سولو سمجهي جيترو ان کي لوڙيو ويو آهي، شايد اهڙو ڪنهن بہ ٻيءَ صنف کي نہ - اياز گل انهن ڳاڻ ڳڻين سنڌي شاعرن مان آهي، جن هِن صنف جون نہ فقط فني ضرورتون پوريون ڪيون آهن، پر ان کي سنڌ جي ماحول، روايتن ۽ ثقافت جو ويس پڻ ڍڪايو آهي.

هيٺيان هائيڪا پڙهو ۽ ڏِسو تہ انهن ۾ ڪيڏو نہ سنڌ رنگ سمايل آهي:

جوڀَن ياد پيو
ٻُڍڙيءَ ڪَن سُٽيءَ ۾
ڌاڳو نہ ٿي پيو

نلڪي تي ميڙا
واري تي وِهنجن پيا
ٻارَ ڏَني ڳيڙا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنجون مهينو پيٽُ
لِکي لِکي لوڪَ ڪان
ڇوري ڪائي ميٽُ

لِکي ملڻ جي هيرَ
بہ ٻاچا ٻنيءَ ۾
ٻنهي اُگهاڙا پيرَ

ڪيسي ڪتريل
بہ ڳانا ڳچيءَ ۾
ميلي مان موتيل

سومهڻيءَ جو ڳهڻَ
جَهٽ پلڪ لئہ واءُ جو جهوٽو
۽ ڀـوءِ سـاڳـي ڀُـڻَ

مٿين هائيڪن ۾ فني ضرورت مطابق عڪس آهن. عڪس آهن سنڌ جي روزانيءَ زندگيءَ جا. ساڳيءَ طرح 'وٿن' کي زمان ۽ 'مڪان' ۾ متعين ڪيل آهي. 'ڇا؟'، 'ڪڏهن؟' ۽ 'ڪٿي' جا سوال پڇي، هر هائيڪو مان اهي عنصر ڇاڻي سگهجن ٿا. ڪن هائيڪن ۾ (نلڪي وارو، سومهڻيءَ جي ڳهڻ وارو) موسم جو ذڪر بہ آهي. ڪن هائيڪن ۾ 'ٿي رهيو هجڻ'، جيڪا هائيڪو جي فني ضرورت آهي، اهو بہ موجود آهي. جيئن 'ڏاڳو نہ ٿي پيو'، 'ڇوري ڪائي ميٽُ'، 'ميلي مان موتيل' ۽ 'سومهڻيءَ جو ڳهڻ ۽ واءُ جو جُهوٽو' مجموعي طور مٿيان هائيڪا سنڌي هائيڪا آهن، جيڪي سنڌي ماحول جي اُپٽار ڪن ٿا.

اياز ڪل جا هائيڪا، سنڌس شاعريءَ جي ٻين صنفن وانگر، ڪنهن نہ ڪنهن فڪر ۽ مقصد وارا پڻ آهن. هيٺيان هائيڪو پڙهو:

وارو ڙي وارو!
ڪُوڪون ڪَڇي وارن جون
ٻَند ۾ پيو ڳهارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مانـي اڄ مـکيـلَ
ڀسـي پورهيت جي پُٽ جا
چمـڪيا هيڊا ڳلَ

ٻمـن ڏمـاڪـا
ڏٽي ڏڄ پناهہَ تون!
ماڻهن جا واڪا

ڏهن رُپين جي موتَ
پيٽ ٻُڪيءَ پينو چوريءَ جا
چار گهڙيءَ لئہ گهوٽَ

متيان هائيڪا، سنڌ جي اڄوڪي ماحول جي دردناڪ تصوير پيش ڪن ٿا. ڪٿي ٻَند جو پڇڻ ۽ ماڻهن جي پريشاني، ڪٿي پورهيت جي پُٽ جا هيڊا ڳل مکڻ جي ماني ڏسي چمڪن ٿا، جيڪو چِٽو عڪس آهي. ڪٿي ٻَمن جي ڌماڪن تي ماڻهن جا واڪا آهن. ڪٿي پينو ڇوڪريءَ جي پرماريت آهي. هنن هائيڪن کي پڙهي ايئن تو لڳي، تہ اياز ڳل نہ فقط دردناڪ تصويرون ئي ڪڍي، پر انهن ڪردارن سان آتاهہ همدردي بہ اٿس. اياز هڪ سٺو فوٽو گرافر بہ آهي ۽ اُن انهيءَ فوٽوگرافيءَ جي فن جو پنهنجي شاعريءَ، خاص ڪري هائيڪن ۾ پورو استعمال ڪيو آهي.

اياز ڳل جا ڪجهہ ٻيا هائيڪو، جيڪي نجُ هائيڪو آهن، ۽ ڪنهن بہ جپاني استاد هائيڪو چوندڙ جي هائيڪن سان ڪلهو هڻي سگهن ٿا.

ماءُ پيءُ سُتل ها
ٽاڪَ منجهند جو ٻارڙا
ليوڙو پٽي ڪيڏيا

آفيس مان ايندو
ٽڪجي پٽي هوندينءَ تون!"
چُمي ڏئي چوندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پُراڻو مندر
ڪرشن جي مورتيءَ تي
وِيٺل ڪبوتر

ماءُ ڏنس دڙڪا
ڇِپَ ڪِيا تي ٻارڙي
پريندي سُڏڪا

ڇَتِ جيڏي ڇوري
رَڙ ڪيائين زور سان
ڏِسندي ٽي ڪرڙي

مِٽان سُڪل وڻُ
هيٺان آءُ اڪيلو، سامهون
رِڍُن جو هڪ ڌڻُ

جوٺار جي اوٽَ
سيسراٽيون سرپاٽ!
ڪانن ۾ ڦڙڦوٽَ

مٿيان هائيڪو، عڪسن جي لحاظ کان تمام مٿاهان آهن. سنڌيءَ ۾ تمام ٿورن شاعرن اهڙا عڪس پيش ڪيا آهن. اياز گل بهترين هائيڪو لکندڙ شاعرن مان هڪ آهي.

هائيڪن کان پوءِ ٽيڙو آهن، جن ۾ آهن ته ٽي سٽون، پر ماترائن جي ترتيب هائيڪو واري نه آهي. ٽيڙوءَ ۾ ٽنهي سٽن ۾ هڪجيتريون ماترائون يا عروضي رُڪن آهن. البت قافيي جي ترتيب هائيڪو واري آهي. هن صنف ۾ به اياز گل ڪاميابيءَ سان لکيو آهي؛

نفرت جنهن جي ٻولي آهي
مُنهنجي هَٿَ ۾ گل سندس لئه
هُن جي گَنِ ۾ گولي آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

موتَ جي ڪيڏي پرتي آهي
پنهنجي ﭘاڇي کان ڇرڪان ٿو
ڇا هي منهنجي ڌرتي آهي؟

هائيڪن کان پوءِ اياز گل جا گيت اچن ٿا. جيئن مون اڳي لکيو آهي، تہ اياز گل هڪ غنائي شاعر آهي، ۽ گيتَ هڪ نجُ غَنائي صنف آهي، جيڪا شروع کان موسيقيءَ سان ڳوڙهو ڳانڍاپو رکندي آئي آهي. اياز گل نہ فقط ڳائجي سگهڻ لائق گيت لکيا آهن، پر انهن ۾ آيل لفظن جي ردم، ۽ ٽي ايس ايليٽ واري، شاعريءَ جي موسيقي پڻ پِري اٿئين، جن جو واسطو لفظن جي مترنم اُچارن ۽ وراڻين جي موزون ۽ وٽندڙ سٽن سان آهي.

سندس گيتَ ’توبن کهڙا ڇانورا‘ سلاست ۽ غنائيت جو سهڻو سنگم آهي:

مُنهنجي ڇانوَ ڇپرُ تون آهين
مان درياهُ، ڪپر تون آهين
اوسانورا اوبانورا!
توبِن کهڙا ڇانورا!

يا هي ٻيو گيت:

چِڏِ چِڏِ چيڪَ نہ ڪر او ڇوري!
چِڏ چِڏ چيڪَ نہ ڪر!
ٽُٽي ناهي رُسي وڃڻ تي
پيارَ جي پُختي ڏوري
چِڏ چِڏ چيڪَ نہ ڪر!

هن گيت جي وراڻي ”چ“ جي تجنيس ۽ ”ڏ“ جي Consonance سان ڪيڏي نہ رِدم واري ٿي پئي آهي:

هيءُ گيت پڙهو:

واڪا واڪا
وڄُ وراڪا

منهنجا گيت الا!
سُر سنگيت الا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن گيتَ ۾ بہ نغمگي آهي، پر اها ہڻي مزاج جي آهي، اها رومانوي نرم نازڪ ناهي، پر موضوع آهر سخت آهي. واڪا واڪا ۽ وڄ وراڪا، سٽ کي سخت بنائي ٿا ڇڏين.

ان جي برعڪس، هڪ گيتَ جون هيٺيون سِٽون پڙهو:

جيءَ ۾ جهيٽا سازَ ڇيڙيا هن
خوشبو خوشبو گُل ٽڙيا هن
مَن مَن مُند ملهائي
ياد آ تنهنجي آئي

رات ٿئي ٿي چندُ چڙهي ٿو
گهراَ گهرا گهاوَ گهڙي ٿو
يادُن ننڊ ڦٽائي
ياد آ تنهنجي آئي

نرم لهجو، نرم ۽ مڌر موسيقي، هلڪي ۽ موضوع سان ٺهڪندڙ – ڇ، جهہ، گهہ ۽ گ جي هلڪن اُچارن هن گيت کي سانتيڪي مدّرتا جو رنگ ڏنو آهي.

بيت، سنڌي شاعريءَ جي مقامي ۽ ڪلاسيڪي صنف آهي، جنهن کي ڪجهہ عرصو پوئتي رکيو ويو هيو، پر جديد دؤر ۾ ان جي اهميت کي ہيهر محسوس ڪيو ويو، ۽ ان کي جديد دؤر جي فڪري اظهار جي لائق بنايو ويو. اياز گل توڙي ٿورا بيت لکيا آهن، پر انهن ۾ بہ هُن پنهنجي ذاتي شاعرائين روايتن ۽ اسلوب کي برقرار رکيو آهي.

هيٺين بيتن ۾، جيتوڻيڪ موضوع ماريل آهي، پر تڏهن بہ اياز گل ان ۾ پنهنجي ذاتي اظهار سان نواڻ پيدا ڪئي آهي:

تو دَرِ ڪيئن اچڻ جي، هينئڙي وجهان هيرَ،
مُنهنجا ميرا پيرَ، اگڻ تُنهنجو اُجرو.

ندوريءَ سان نينهنَ، لاتي لڏي وئين هليو،
توريءَ ڏنگن روح کي، ڏينهوءَ وانگي ڏينهنَ،
ملڻ سندا مينهنَ، وَسڻي کي ني ورهيہ ٿيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اکين ۾ سپنا اٿين، ٺرَ ۾ جيئن ٺوهرَ،
تن مان ڪوئي ٻَرَ، ساڀيا ماڻي نہ سگهي.

هيٺين بيت ۾ هائيڪو- رنگ عڪس آهي:

ڪِلي جڏهن کيڇلي، ڳلن چُڳهَہ پون،
چِتَ کي چريو ڪنِ، ڳلن ڳجهيون ڳالهيون.

ميرن پيرن سان اجري اڱڻَ ۾ اچڻ، ڏينهنِ جو ڏينئَن وانگر ڏنگڻ، ٺوهرن جهڙا سپنا، ۽ ڪِلڻ سان ڳلن ۾ چُڳهہ پوڻ، رومانوي شاعريءَ ۾ نئين اظهار جا مثال آهن. هنن بيتن ۾ تجنيس حرفي Consonance ۽ Assonance جو ردم پڻ ملي ٿو.

اياز گل، بيتن ۾ پنهنجي دؤر کي چِٽڻ جي پڻ ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي:

مُرڪي وڏيا موتَ ڏي، گهوٽن ڪاڏا گهاوَ،
ڏاڍِن جا ڏهڪاوَ، لٽا چاڻ تہ ڏيهہَ مان.

اڳتي وڌو، ڪُوڙَ جا، اِجهي ڪريا ڪوٽَ،
ماڳ پُڄي پوءِ موتَ، مهٿو ڪٿجو ڪينڪي.

دوهو، هندي صنف آهي، پر سنڌيءَ ۾ رچي ويل آهي. اياز گل، دوهي جي صنف ۾ پڻ ڪاميابيءَ سان لکيو آهي. هن دوهي جي صنف ۾ روايتي ٻوليءَ ۽ ماحول کي پنهنجي دؤر کي بيان ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو آهي:

حيرتَ ۽ افسوس مان وينـي، سوچيو پٺي پڳوانَ
مون کي واهہَ جو روليو آهي، دنيا ۾ انسانَ

موتُ لڳو پٺي هرڪو منظر، رُڃَ حياتي پاسي
تنهنجو پيار وٺي آيو آ، پيهر جيون پاسي

خالي کوکي جهڙا ماڻهو، بند سين جي دل جا دَرَ
ميڪ اپ جي تہَ هيٺان چهرا، وٺل شهر جا کنڊَرَ

هن صنف مان بہ اياز گل جو ذاتي اسلوب جهلڪا پيو ڏئي:

ديپُ تہ ڪوئي ناهيان مان، پر آهيان مان ٽانڊاڻو
تيز هوائن ۾ پڻ جيڪو، ڪڏهين ڪين اجهاڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن دوهي ۾ نہ فقط فڪر جي نواڻ آهي، پر اياز جي ٿهيءَ جي خود اعتمادي ۽ اڳتي وڌڻ جو ساهس پڻ سمايل آهي.

جيئن مسلسل غزل ٿيندو آهي، تيئن مسلسل دوها پڻ ٿيندا آهن. جن کي 'ڇند ۾ مثنوي' بہ چئي سگهجي ٿو. ان ۾ قافيو بہ هر ٻن سٽن جو ساڳيو هوندو آهي، پر موضوع هڪ - يعني دوهي جي گهاڙيٽي ۾ نظم - اهڙو ئي هڪ نظم اياز گل جو آهي:

سالَ برابر لڳندي آهي، تو بن هڪ گهڙي
ڪيئن گذاري سگهبا جاني! ڏهہ ڏهاڙا هي

تن ڏينهن ڪان مليو نہ آهين، آهي مَن اُداس
ڇوڏهينءَ چند امبر تي آ، پانيان پوءِ بہ اماس

ساپيائن کي ساري ساري، ڏرا ڏئي ويا نينَ
ڪلهہ بہ سپنا سينَ اکين جا، اڄ بہ سپنا سينَ

شيو وڏائي ڪپڙا ڦاڙي، ٻنَ ڏي نڪري وڃجي
دل چاهي ٿي اڄڪلهہ پنهنجي پاڻ کان وِسري وڃجي

هي مسلسل دوها آهن، جن ۾ مرڪزي خيال شروعَ کان آخر تائين ساڳيو آهي، هيءَ 'دوهي ۾ نظم' آهي. هن ۾ 'ڏرا ڏئي ويا نينَ' جو روايتي محاورو بہ آهي تہ، 'شيو وڏائڻ' وارو جديد محاورو پڻ ۽ آخري سٽ ۾ 'پنهنجو پاڻ کان وسري وڃجي' فني، فڪري ۽ جذباتي اظهار جي چوٽ آهي.

اياز گل ڪجهہ ترائيل بہ لکيا آهن. هن صنف ۾ هن ايترو رچاءُ پيدا نہ ڪيو آهي. جيترو غزل، گيت ۽ وائيءَ ۾، پر تڏهن بہ هن جو هيٺيون ترائيل انوکو آهي ۽ ان ۾ هڪ اميد ڀريو جذبو آهي:

هي ڊئل شهر ڏِسي، هانءُ نہ هاريو يارو!
ڇو نہ ٿو جڳُ نئون پيي ڪوئي جوڙي سگهجي
جوشَ ۽ اڌ مُني جذبي کي جياريو يارو!
هي ڊئل شهر ڏسي، هانءُ نہ هاريو يارو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ذهن جي قيد مان، سوچن کي اُڏاريو يارو!
ماٺِ روئي يا ٿهڪ ڏئي پيءِ ٿي ٽوڙي سگهجي
هي ڊِٺل شهر ڏسي، هانءُ نہ هاريو يارو!
چو تہ ٿو جڳُ نئون پيءِ ڪوئي جوڙي سگهجي

اياز گل جي آزاد ۽ نثري نظمن ۾ پانت پانت جو مزاج ملندو. ايئن لڳي ٿو، تہ اياز گل ان صنف ۾ اجا تجربا ڪري رهيو آهي، چو تہ ان صنف ۾ هن ٻين صنفن وانگر هڪ کَرو اسلوب اختيار نہ ڪيو آهي. نظم 'ناشڪري' مختصر آهي، پر ان ۾ مختصر ڪهاڻيءَ وارو Climax آهي:

پرين!
مُنهنجي ننڍڙي گهرَ ۾
خدا جو ڏنو سڀڪجهہ آهي
سواءِ تنهنجي!

ساڳيءَ طرح هيئين نظم ۾ بہ ڪلائيمڪس آهي:

پالڻ ڪان تا
اهو ٻُڌندا اچون
ڪوئي جي ياد ڪري ٿو،
تہ ٽئي ٿي هڏڪي
پر اهو ڪُوڙ، صفا ڪوڙ
لڳي ٿو هاڻي
ايئن هجي ها تہ پوءِ
تُنهنجي هِڏڪي
بند ئي ڪين ٿئي ها
سائڻ!

سندس نظم 'سائينمِ سدائين ڪرين' بہ دل ڇُهندڙ آهي. 'دل جي ديس مان جلاوطن يادون' آزاد نظم گهٽ، مونو لاڳ ۽ ادب لطيف وڌيڪ ٿو لڳي. ساڳيءَ ريت 'سپنو ۽ ساڀيا' هڪ ننڍڙي، ڪلائيمڪس واري ڪهاڻي ٿي لڳي. نظم 'لاڳاپو' ۾ پڻ ساڳيو ڪهاڻيءَ ۽ ڪلائيمڪس وارو تاثر آهي.

ڪن نظمن ۾ اياز گل ڪمال جو اظهار ڪيو آهي. ۽ انهن ۾ نہ فقط

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نغمگي پري اٿائين، پر اُھي تاثر ۾ بہ ڀرپور آھن. جيئن ’وڇوڙي جو ڀڙيون نظم‘ جون ھيٺيون سٽون:

ٽيپ تان ڪوبہ خوبصورت گيتُ
صرف ھڪ شور ٿو لڳي ھاڻي
دردِ کي عمر ٿي آ ساماڻي

ڀاڻ کي ڀاڻ اوپرو ٿو لڳي
ٿھڪ تي روحَ جو گُمان ٿو ٿئي
جڻ ڏسڻ ۾ ڀڳل لڳان ٿو مان
آئيني کي مُٺل لڳان ٿو مان

تونوٽي آن تہ ايئن ڀاسي ٿو
تون وٺي آن تہ ايئن ڀاسي ٿو

نظم ’اداس پل جو ھڪ وعدو‘ جون ھيٺيون سٽون نہ فقط جديد رومانوي اظھار جو سھڻو نمونو آھن، پر انھن ۾ آزاد نظم جي اھا نغمگي بہ موجود آھي، جيڪا ھن صنف جو لازمي جزو آھي:

نہ تُنھنجو خيال، نہ جذبن جي ڪائي ڪتڪائي
نہ جاڳ ۽ نہ وري ڪا اکين ۾ لالائي
جي ذڪر آيو ڪٿي تُنھنجو ڪنھن بہ محفل ۾
تہ اھڙو ڏيکُ ڏيو جڻ نہ ڪا شناسائي

نظم ’آخري رستو‘ جي ھيٺين سٽن ۾ ردم جي رِم جِھم ڏسو:

سارو جيون تہ داوَ تي آھي
ھر ٽھڪُ، لڙڪَ جي آ ناني تي ويو
درد – درياھ آھي اُٿلي پيو

سارا رستا وڃائي آيا سي
سارا ٻيڙا جلائي آيا سي
آڳ آھي اڳيان پٺيان پاڻي
۽ ھاڻي
جيتَ ملندي تہ پلا ڇنبا پاڳ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن سٽن ۾ قافيي جو استعمال ۽ خاص ڪري ٻن اٿپورين سٽن ۾ قافيو ’پاٽي‘ ۽ ’هاٽي‘، ۽ ’هاٽي‘ تي سٽ جو ختم ٿيڻ آزاد نظم جي فنائتي استعمال جو نمونو آهي- ڇو ته ’۽ هاٽي‘ تي ردم ختم ٿو ٿئي، ڇڻ اهو فل اسٽاپ آهي، ۽ ان کان پوءِ اڳتي ’جيت ملندي...‘ وارو بند شروع ٿو ٿئي.

نظم ’خوشي‘ جون هيٺيون سٽون پڙهو:

ڪنهن چيو هو ته:
”هوءَ هتان لنگهندي“
۽ انهيءَ موڙ تي مان
ڪيترا سال اٿين بيٺو رهيس
جو سچو انتظار ٻٽجي ويس

ٻني اکيون ديپَ هُن جي راهن جا
۽ خيالن جون سڀ مندون هُن جون

اهي سٽون لفظي ردم ۽ معنوي ردم جو چٽو مثال آهن.

اياز گل جو بهترين آزاد نظم آهي: ’ڍنڍڙ ماٺهو‘

صدين کان وڃي پيو ساڳيو سازُ
سازُ بيڪار بي سُرو آواز

زندگي آهي ڏاندَ گاڏيءَ جيان
۽ ڏکن جو مٿانس بارُ سٽيل
پاڻَ بيمار ڏٻري ڏاند جيان –

نَڪَ ۾ بيوسيءَ جي نَٿَ پيل
زندگانيءَ جي ڏاندَ گاڏيءَ ۾
ڄاڻي ڄمر کان ٻي ڍُڪايل آهيون اسين

ڪنهن اڻ ڄاتي ماڳَ طرف
دردَ جي ڍابَ ۾
گِهلبا، ڪِرندا ۽ ڍهندا
هلندا هلون
۽ گهلجڻ سان پيو ٿو پيدا ٿئي
سازُ بيڪار، بي سُرو آوازا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مٿين نظم ۾ ڏنل ڊانڊ گاڏيءَ جي تمثيل، ۽ ان جي ٻي سِٽ ۾ آواز تي زور، ۽ آخري سٽن ۾ "کِلِيا، ڪِرندا ۽ ڍهندا"، جو ردم ۽ چُرندڙ عڪس سان ردم جو لاڳاپو، هن آزاد نظم کي مثالي آزاد نظم بڻائن ٿا.

هاڻي ٻئي پاسي اچون ٿا- اياز ڪل اچا وزن بحر جون ڪجهہ غلطيون ڪري ٿو:

بي قُربن جي دنيا ۾ او قُرب ورهائڻ وارا!
هرڪو تنهنجي هيرن جهڙن جذبن کي ٺُڪرائيندو

هن شعر جي پهرين سٽ، وزن ٽوڙي ماترائن ۾ ڪٿل آهي.

رات ڪاريءَ ۾ هن
تنهنجون يادون مشعل

ٻيءَ سٽ ۾ مشعل جو "ع" ڪِرائي مشَل ڪري پڙهجي ٿو، تڏهن، وزن پورو ٿو ٿئي.

لُڙڪَ ها، گيت ها، گلاب هئا
صرف پاڳل اکين جا خواب هئا

*

مان تُنهنجي شهر جي جنت مان پوءِ بہ ترڪي ويس
گهٽائي ڪاتي ۾ ٽوڙي سندم ثواب هئا

هن غزل جون پهريون ٻہ سٽون فاعلاتن مفاعلن فعلن تي آهن، تہ باقي فاعلاتن فعلاتن فعلن ۽ آخري ڏنل سِٽَ مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن تي.

لفظَ ڳوليندا رهيا سي پيئي
رات چُپ چاپ ٿي لنگهي ويئي

پهرين سٽ فاعلاتن فعلاتن فعلن تي آهي تہ، ٻي سٽ فاعلاتن مفاعلن فعلن.

مٿي مون ڪجهہ مثال ڏنا آهن. اهڙيون غلطيون اياز ڪل، جهڙي قد و قامت، شهرت ۽ هر دلعزيزيءَ واري شاعر تي ٺهن نہ ٿيون. اياز ڪل جي اهڙا شعر درست ڪري يا ڪڍي ڇڏي تہ سندس ڪتاب بي عيب ٿي پوندو.

هن اپياس لکڻ دوران اياز ڪل جا تازا لکيل غزل مليا. جيڪي هِن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اپياس ۾ شامل ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. جيئن تہ اياز گل جي غزلن جي خوبين تي، هن ئي مضمون جي شروع ۾ تفصيلي اُپٽار ڪيل آهي، ان ڪري، هتي نون غزلن مان فقط ڪي چونڊ شعر ڏيندس، جن مان اياز گل جي شاعريءَ جون اڳ بيان ڪيل خوبيون جَر جَر جرڪي رهيون آهن:

سياڻو ٿيءُ چو خون ڪرڻ ٿو چاهين تون!
مون کان پنهنجي يادِ ڪسڻ ٿو چاهين تون!

ساپيانون پيي اهمر ٿين ٿيون جيسون ۾
چو آخر پوءِ خواب ٿيڻ ٿو چاهين تون!

*

بدن جا عيبَ سمورا انهيءَ ۾ ڍڪجي ويا
هي پيارُ اهڙو تہ پهراڻ ٿي ويو آهي

اڪيون رڳو نہ، هُو وچڙيو تہ پنهنجي شعرن جو
اکر اکر ئي تہ آلاڻ ٿي ويو آهي

ملڻ مان، لهجي مان، ڪيڏو لڳي پرائو ٿو
اٿين تہ ڪونہ هو، جيئن هاڻ ٿي ويو آهي؟

*

چَپڙن لفظَ چپيا جي ناهن
شايد ڪي اقرارَ گهرن ٿا

ڌرتيءَ ڪي دوزخ ٺاهيندا
هُو جيڪي هٿيارَ گهرن ٿا

*

ڪنهن ٻالڪ جي اندر وانگي
ماٺهو آ هُو مندر وانگي

سانئڻ!، اڄڪلهہ چو ٿي وٺي آن
جُون ۾ ٻَرندڙ سڪر وانگي

آءُ سدائين تو سان رهندس
منظر سان پس - منظر وانگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نَکو ملي ٿي، نہ ٿي نيڻ ٿي پڙهڻ جاڻي
هوءَ ڇوڪري بہ رڳو سُور ٿي ڏيڻ جاڻي

انهيءَ کي ڪهڙي خبرَ، لفظَ ڪيئن مارن ٿا؟
جا ڳالهہِ ڳالهہِ ۾ بس طنزَ ٿي ڪرڻ جاڻي

*

ڇرڪُ پري اينئن اندرَ جاڳي پـوندا هن
هوءَ جي مُرڪي منظرَ جاڳي پوندا هن

جڏهن بہ ٽڪجڻ لڳندي آهي تنهائي
لفظَ، قلم ۽ ڪاڳرَ جاڳي پوندا هن

هونءَ تہ پنهنجو پاڻَ ۾ پُورا هوندا هن
ديسُ ڏکيو ٿي، شاعرَ جاڳي پوندا هن

*

هُن کان پڇجانءِ: "گلَ هلي سگهندينءَ!"
هڪڙو ننڍڙو سوالَ ڪم ايندءِ!

*

دل روئي پر مُرڪَ چَپن تي رکڻي آ
دُشمن تي دهمانُ، ضروري آ پيارا!

دردَ، دلاسا، اُلڪا، آسون سانڍيڻ لئہ
دل جهڙو گلدان، ضروري آ پيارا!

*

توکي رڳو جو ڪورو ڪاڳر لڳي پيو
مون کي صفا تو پنهنجو اندر لڳي پيو

سجَ وانگي مان انهي ۾ لهان ۽ ٻڏي وڃان
تُنهنجو وجود مون کي ساگر لڳي پيو

*

دردَ جي ديس ڏانهن وڃي ٿا وڃن
سُور آهن هي سارَ جا رستا

مونکي جيڪي مليو، اکين تي دوستَ
توکي پرتا، بهارَ جا رستا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هُو طوفان کو ساموندي، مان
آهيان ڪيتي بندر وانگي

ڪڏهن ڪڏهن جيونُ لڳندو آ
يارا! ڪچيءِ ۾ سنگهر وانگي

*

پيارا ماڻهو!، ماڻ نہ آهيون
ڳوڙهو ڳوڙهو ڳالهائي تو

مون ڏي ني موٽي اچئو ٿني
گهرَ جو رستو ڳالهائي تو

*

پاڻَ کي پاڻ اجنبي تو لڳان
تو بنا اهڙا حال ٿي ويا هِن

اسان جي شاعر اياز گلَ، جي غزلن مان مٿي ڏنل شعر پڌائين ٿا تہ، هُن غزل جي صنف ۾ ڪيڏي نہ ڪماليت حاصل ڪئي آهي، جيڪا جديد سنڌي شاعريءَ ۾ رڳو نارائڻ شيام کي ئي حاصل ٿي سگهي آهي.

مجموعي طور اياز گل، پنهنجي ٽهيءَ جي شاعرن ۾ مٿانهون تہ آهي، پر سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ هُو، سدائين چوڏهينءَ جي چنڊ جيان چمڪندو رهندو. سندس غزل، وايون، گيتَ ۽ هائيڪا سنڌي شاعريءَ جو فخر لائق ورثو رهندا.

تنوير عباسي

□ سرمد جو گهر
خيرپور ميرس
3- جنوري 1996ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

□ غزل

اياز گل جي شاعريءَ
کي هڪ انوکي خوشبوءِ
آهي، جا نمَ جي ٻُور ۾
ٿيندي آهي ۽ ان کي هڪ
الڳ رنگ آهي، جو ڦڪل
ڦيرُن ۾ ٿيندو آهي.

□ شيخ اياز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ڪنهن ٻالڪَ جي اندرَ وانگي
ماٺهو آ هُو مندرَ وانگي

پيارُ اسانجو شيشي وانگر
ماٺهو ماٺهو پٿرَ وانگي

سانئڻ! اڄڪلهہ ڇوٽي وٺي آن
جُون ۾ ٻرندڙ سڪرَ وانگي

نينڊَ ڪري ويو گهايل گهايل
خوابُ هيو ڪو خنجرَ وانگي

آءُ سدائين توسان رهندُس
منظرَ سان، پَس منظرَ وانگي

هُو طوفان ڪو ساموندي، مان
آهيان ڪيٽي بندرَ وانگي

ڪڏهن ڪڏهن جيونُ لڳندو آ
يارَا، ڳِچيءَ ۾ سنگهرَ وانگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

سياڻو ٿيءُ، جو خُون ڪرڻ تو چاهين تون!
مون کان پنهنجي يادِ کسڻ تو چاهين تون!

جيونَ! هڪڙو پيارُ نئون آچي مون کي
شايد مون سان پوڳُ ڪرڻ تو چاهين تون!

لهجو تُنهنجو روزُ وڃي خنجرُ ٿيندو
چئين تو، مُنهنجا گهاوَ پرڻ تو چاهين تون!

رستا ڇا، مان شهرُ ڇڏڻ لئہ راضي هان
ڇا لئہ هي الزام کڻڻ تو چاهين تون!

سوچ ڪٿي، تُنهنجي دنيا آ، مان ناهيان!
تنهن کان جو ايئن دُور رهڻ تو چاهين تون!

ساپيـاڻون پي اهم تيـن ٿيـون جيـونَ ۾
جو آخر پوءِ خواب ٿيڻ تو چاهيـن تون!

هُوءَ وينگسِ ڪنهن سمنڊَ جيان آهي پيارا!
ناوَ بِنا جو پارِ ڪرڻ تو چاهيـن تون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو مُنهنجي حصَي ۾ اڇٽو ٿي ناهي
ڇو اهڙو اعزاز ٿيڻ ٿو چاهين تون!

وقتَ! قدُر ڪر ديوانن جو، ايئن نہ ڪر:
پنهنجو ٿي ۽ ٻيرَ ڪيڻ ٿو چاهين تون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

بَسنتِ رُت ۾ بہ، پِيلاڻ تي ويو آهي
هوُ شخص عشقَ جو اُهڃاڻ تي ويو آهي

جڏهن بہ توسان مليو آهيان، ايئن لڳو آهي
سڄو وجودُ ئي سُرهاڻ تي ويو آهي

بَدن جا عيبَ سمورا انهيءَ ۾ ڍَڪجي ويا
هي پيارُ اهڙو تہ پَهراڻ تي ويو آهي

سمورو ڳوٺُ تو پنهنجيءَ تہ سونهَن سان ٻوڙي
هُو چڻ اگسٽ ۾ مِهراڻ تي ويو آهي

اکيون رڳو نہ، هُو وِچڙيو تہ پنهنجي شعرنِ جو
اکر اکر ئي تہ آلاڻ تي ويو آهي

ملڻَ مان، لَهجي مان، ڪيڏو لڳي پرائو تو
ائين تہ ڪونہ هو، جيئن هاڻ تي ويو آهي!

ڪي تورا ڏينهن اڳي، مان سندس حياتي هوس
جو مُنهنجي نانوَ کان اڻڄاڻ تي ويو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

يادگيريون سنيال، ڪم ايندءِ!
ڪنهن وِڇوڙي جي سال، ڪم ايندءِ!

راهَہ اوندهہ، اڳيان حياتيءَ جي
پيارُ ڏِيئي مثال، ڪم ايندءِ!

هُن ڪان پُڇجانءِ: ”گڏ هلي سگهندينءَ!“
هڪڙو ننڍڙو سوال، ڪم ايندءِ!

تو وِساري ڇڏيو، ڇڱو ئي ڪيئہ
ڪهڙو برباد حال، ڪم ايندءِ؟!

ماڻِ لمحا مِلڻ جا، پر دل ۾
ڪي جُدايون بہ پال، ڪم ايندءِ!

مان نہ هوندُس جڏهن، تڏهن ڏِسجانءِ
جڳ! مُنهنجو مثال، ڪم ايندءِ!

ڪيس چنبڙي پيئين تہ ڇا ملندءِ؟
ڇڏِ ماضي تہ حال، ڪم ايندءِ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

چرڪُ پري ايئن اندرَ جاڳي پوندا هِن
هوءَ جي مُرڪي منظرَ جاڳي پوندا هِن

ياد ائين، جيئن هوريان هوريان گهِنڊَ وڃن
ذهنَ ۾ جڻ ڪي مندرَ جاڳي پوندا هِن

جڏهن بہ تَڪجڻ لڳندي آهي تنهائي
لفظ، قلمُ ۽ ڪاڳرَ جاڳي پوندا هِن

سولائيءَ سان وِچڙي سگهبو آهي، پر
نيڻن ۾ ڪي ساگرَ جاڳي پوندا هِن

جذبا سَرد ٿيڻ لڳندا آهن جڏهين
رِشتن ۾ ڪي خنجرَ جاڳي پوندا هِن

جڏهن بہ گڏبو آهين، توکي ڏِسندي ئي
اندرَ ۾ ڪي اوگرَ جاڳي پوندا هِن

هونئن تہ پنهنجو پاڻَ ۾ پُورا هوندا هِن
ديسُ ڏکيو ٿي، شاعرَ جاڳي پوندا هِن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

نَکو ملي ٿي، نہ ٿي نيڻَ ٿي پڙهڻ جائي
هُو چوکري بہ رڳو، سُورَ ٿي ڏيڻ جائي

انهيءَ کي کهڙي خبرَ، لفظ کيئن مارن ٿا!
جا ڳالهِ ڳالهِ ۾ بس، طنزَ ٿي کرڻ جائي

عمل، نہ سوچَ، نہ کوششِ، تباهہ ٿي ويندو
هُو روئڻو، جو تڏا ساهَہ تو يرڻ جائي

سمورا سگَ جِني وئينءَ تہ خير آ سائڻ!
هي دل ٿي آسَ جا لاشا سدا کڻڻ جائي

حياتي کيس نڳيندي الائي کيڏو اجا؟
جو شخصُ پيار رُڳو پيارُ تو کرڻ جائي

اسان جا خوابَ ورائي ڏئي تہ کيس مَجون!
جو پنهنجي پَرِ ۾ کٽي معجزا هلڻ جائي!

کٿڻَ جي ڳالهِ اُنهي لاءِ آهہ بي معنيٰ
سدائين هارَ مان جو حوصلو وڃڻ جائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اياز ڪيئن پري پاڻَ کان ڪري سگهندؤ؟
اوهان جي دل ۾ تہ احساسَ جيان رهڻ جائي

سينِ سان مُرڪي ملي تي، ملي وَڃڻ جائي
هُو ڇوڪري بہ رڳو تِيرَ تي هڻڻ جائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

گهڙي گهڙي گولي تي ياسي
ويرين جي ٽولي تي ياسي

تو بن هيءَ حياتي، قاتل
اوڏڻ جي چولي تي ياسي

توسان چارِ گهڙيون جا گهاريم!
هر پاسي هولي تي ياسي

هوءَ ڪڏهن پنهنجي ۽ ڪڏهين
ڏاري ڪا ٻولي تي ، ياسي

گهارِ حياتي، پوءِ پُڇندو سانڍ!
توکي جي سولي تي ياسي

سارو زور وڃائي ويهندي
ڇوري جا ڇولي تي ياسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

هيءُ سچو سنسار، جيئرو آ پرين!
جيسيتائين پيار، جيئرو آ پرين!

توسان گڏجڻ لاءِ تو ڪيتو ڪري
مَنَ ۾ هڪ ٻار، جيئرو آ پرين!

پنڊ– پَهڻ رهندا سدا جذبا اگر
وچ ۾ انڪار، جيئرو آ پرين!

ذهنَ ۾ تُنهنجو تصور ايئن رهي
مُئلَ جو حقدار، جيئرو آ پرين!

زندگيءَ جي جيت آ، هر حالَ ۾
جيسين ڪو فنڪار، جيئرو آ پرين!

گهرَ کان آفيس، گهر، آفيس، گهر
سو تہ جڻ لاچار، جيئرو آ پرين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

مَنَ ۾ ڪو مهمانُ، ضروري آ پيارا!
دردَن جو درمانُ، ضروري آ پيارا!

دِل روئي پر مُرڪَ چَپن تي رکڻي آ
دُشمنَ تي دهمانُ، ضروري آ پيارا!

هوريان هوريان هُن کان دُور هليو وڃبو
سُورن جو سامانُ، ضروري آ پيارا!

بيشڪ سارا روپَ رکو پل ماڻهوءَ جا
اَندرَ ۾ انسانُ، ضروري آ پيارا!

ڪڏهن لِڪائي رکجي پيارُ زماني کان
ڪڏهن اهو اعلانُ، ضروري آ پيارا!

جاڻان ٿو مشڪل آ، گڏجڻ ۽ پرچڻ
رکجي پر اِمڪانُ، ضروري آ پيارا!

دردَ، دِلاسا، اُلڪا، آسون، سانڍڻ لئه
دِل جهڙو گُلدانُ، ضروري آ پيارا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

خوابَ، نہ عڪسَ، نہ پيارَ گھُرن تا
نيڻَ رُڳو ديدارَ گھُرن تا

توکي سارو جيونُ آرپي
تورا ڪي اختيارَ گھُرن تا

ساري جڳَ کان جيتي پي هُو
توکان هر هر هارَ گھُرن تا

لفظَ چپا جي ناهن چَپڙن
شايد ڪي اِقرارَ گھُرن تا

جيئڻَ ڪاڻِ أجهائلَ لمحا
تُنهنجي سُندر سارَ گھُرن تا

تو تائين پُهچڻ لئہ سپنا
نيڻن کان سهڪارَ گھُرن تا

روزُ ٿي گڏجن تا هڪبئي سان
روزُ ٿي قولَ قرارَ گھُرن تا

آهنجن کان آجو آئيندو
او انسانَا، هي بارَ گھُرن تا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيارَ، اَمُن جو اوچو جهنڊو
بيو ڇاهي فنڪارَ گهُرن ٿا؟

ڌرتيءَ کي دوزخُ ٺاهيندا
هُو جيڪي هٿيارَ گهُرن ٿا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

سڀُ رستا، ڏِکارَ جا رستا
ڳولِ پيارا! ڪي پيارَ جا رستا

دردَ جي ديسَ ڏي وڃي ٿا وڃن
سُورَ آهن هِي سارَ جا رستا

يادِ ناهي ڪٿي وڃاياسي
هلندي هلندي ها يارَ جا رستا

مون کي جيڪي مليو، اکين تي دوستَ!
توکي پَرتا بهارَ جا رستا

پيارَ وارن جي لاءِ هونديون هِن
ڏوريون پيي تہ دارَ جا رستا

سڀُ رستا ڪُٿي وڃن ٿا نيٺ
خوفَ جا يا خُمارَ جا رستا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

پيارَ ۾ ڏسُ ڪمالَ ٿي ويا هِن
ماڻ ۾ ئي حوال ٿي ويا هِن

قُربتُن، فاصلا وڌايا پئي
۽ وڇوڙا، وِصالَ ٿي ويا هِن

ڪنهن کي سمجهي سگهان نٿو هاڻي
ماڻهو مشڪل سوالَ ٿي ويا هِن

پاڻَ کي پاڻَ اجنبي ٿو لڳان
تو بِنا اهڙا حالَ ٿي ويا هِن

بي رُخي تُنهنجي جڻ تہ حملو، ۽
لُڙڪَ، نيڻن جي ڍالَ ٿي ويا هِن

هڪڙو هفتو ملڻ ٿيو ناهي
ايئن لڳي ٿو تہ سالَ ٿي ويا هِن

راتِ، اڌ راتِ تا پُڇن تو وٽ
ڪيڏا چِڙواڳ خيالَ ٿي ويا هِن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

صرف او پيارا!، لڪڻ سان ڇا تو ٿئي؟
سورَ واڌارا، لڪڻ سان ڇا تو ٿئي؟

تُنهنجي دل تائين پُڳا تہ لڪَ تيا
گيتَ هونئن سارا، لڪڻ سان ڇا تو ٿئي؟

ڳالهہِ جي هرڪا بُڙي، عملي طرح
پِٽ تي نعرا، لڪڻ سان ڇا تو ٿئي؟

ذهنُ زخمي، خوابَ جڻ شيشا ڀڳلَ
۽ ڦَٽيل تارا، لڪڻ سان ڇا تو ٿئي؟

روز تو ڪندا وِڇائين راهَہ ۾
خطَ ۾ "پيارا"، لڪڻ سان ڇا تو ٿئي؟

روءُ، باسُون باسِ، ڏِيٺا موهہِ ڪي
"موتُ وڻجارا!"، لڪڻ سان ڇا تو ٿئي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

توکي رُڳو جو ڪورو، ڪاڳر لڳي پيو
مون کي صفا تو پنھنجو، اندر لڳي پيو

ھُو جيڪو مُنھنجي دوستَ جي ناتي سُڃاپجي
ڪنھن ڪنھن مھل تو ھاڻي، خنجر لڳي پيو

ھُو پھريون سالُ پيارَ جو گھاري پيو اڃا
ھر شخصُ ڪيس، پنھنجو ئي دلبر لڳي پيو

سچَ وانگي مان انھيءَ ۾ لَھان ۽ ٻُڏي وڃان
تُنھنجو وجود مون کي ساگر لڳي پيو

توڪان جو ڏارَ آھي تہ ڪيڏو پڳل، ٿُتل
ھُو جڻ اُجاڙ شھرَ جو، منظر لڳي پيو

ھُن کي ڇڏي ھلي وئي، چنچرَ جو ڏينھنُ ھو
ھر ڏينھُن ڪيس ھاڻي، چنچر لڳي پيو

ھي ديسُ سنڌ آھي، سنڌي تا سڌِنِ ڪيس
پنھنجي ئي گھرَ ۾ جيڪو، ٻي گھر لڳي پيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

تون آن ڪٽڪو ڳالهائي ٿو
دل جو ڌڙڪو ڳالهائي ٿو

تون پل سانتِ هجين پر تُنهنجو
ٻُولو، گجرو ڳالهائي ٿو

تيز تَرارن يي شرمايو
هڪڙو پنهنجو ڳالهائي ٿو

پيارا ماڻهو!، ماڻِ نہ آهيون
ڳوڙهو ڳوڙهو ڳالهائي ٿو

”توکي، توکان ڌارَ ڪندُس مان!“
هڪڙو سپنو ڳالهائي ٿو

”هاڻي تو وٽ پنهنجو ڇاهي؟“
خالي ڪمرو ڳالهائي ٿو

مون ڏي ٿي موٽي اچڻو ٿَئي!
گهرَ جو رستو ڳالهائي ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

چَندُ نہ آهي، ڇاهي؟، تارا جاڳن ٿا
بلبَ ڳِهڻين جا، رستا سارا جاڳن ٿا

اوسيئڙن جي مُندَ پِيئا!، آئي آهي
آسُون، نيڻَ، ڏِيئا ۽ ڄارا جاڳن ٿا

سنجها کان ٿي ڏوڙ، ڏُڏرِ کان آجا ٿي
چاندوڪيءَ جي ڇاهَ ۾ چارا جاڳن ٿا

تون سمجهي ٿي ڪين سگهين تو او مورکَ!
خاموشيءَ ۾ ڪيڏا نعرا جاڳن ٿا؟!

سالن کان طوفان ڪي روڪيون بيٺاهِن
ڪاڄي ويا هِن، پر ڪنارا جاڳن ٿا

قاتل ڪپڙا، تڏيون ڇُلهيون، ڪيئن سُمهن؟
جهُوپي ٻاهران ڪيڏا پارا جاڳن ٿا؟

راتِ سندن نيڻن ۾ ڏاڍو ڪيو آ، پر
سُتا نہ آهن، سنڌڙيءَ وارا جاڳن ٿا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

هر لمحو شمشانَ جيان آ
جنگي ڪنهن اعلانَ جيان آ

هڪڙو سپنو رهجي ويئڙو
نيٽن ۾ سرطانَ جيان آ

هر الزام نِرڙ تي مُنهنجي
سجدن جي نِيشانَ جيان آ

تووٽ هاٿي جوين پيارا!
اعزازي مهمانَ جيان آ

اڪ- پُڇڙ ۾ قاتل ڳوڙهو
دَر تي جڻ دربانَ جيان آ

هيڏن چهرن ۾ هڪ چهرو
دردن جي درمانَ جيان آ

سانئڻ! تُنهنجو هرڪو واعدو
سرڪاري اعلانَ جيان آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عُمرِ جي اونداهي ڪمري ۾
پيارُ ڪنهن روشندان جيان آ

سوچُن جي ويڙهاندِ، ذهنُ ۾!
ڪَرڙيءَ جي ميدانَ جيان آ

پيٽَ ٻُڪئي لئہ هڪڙي ماني
سرڳَ جيان، ڀڳوانَ جيان آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

جارُ هو جاڻَ ۾، يارَا! ڦاسي وڻين!
هائو تون پاڻَ ۾، يارَا! ڦاسي وڻين!

تون تہ تلوارَ هئين ڪا تِکي او پرين!
وقتَ جي مياڻَ ۾، يارا! ڦاسي وئين!

ننڊَ، سپنا، نِهارون ٿي وسري ويئہ!
ڪهڙي چڪتاڻَ ۾، يارَا! ڦاسي وئين؟!

هيءَ حياتي تہ توري هئي پيارَ لئہ
جو رَتوڇاڻَ ۾، يارَا! ڦاسي وئين؟

تو ڏيڻ ۽ ورهائڻَ جو سوچيو نہ بس
آڻ ئي آڻ ۾، يارَ ڦاسي وئين!

ڪيترو پٺي لڳين ،منفرد، مختلف!!
تون بہ واڪاڻَ ۾، يارا! ڦاسي وئين!

ڳوٺَ کي جو ڇڏي، شهر ڏي پندِ پٺين
ڪيڏي مانڌاڻَ ۾، يارا! ڦاسي وئين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

مُنهنجي نظر هلي وئي آهي، تُنهنجي گاڏي سان
پليٽ فارم تي بيٺو آهيان، انڌن وانگي مان

توکي وڇڙڻ ٿي هو تُنهنجي، ڪا مجبوري هوندي
کهڙي پوءِ شڪايت توسان، ٽرين سان، سگنل سان!

جيونُ اَڄ بہ خالَ، سوالَ، عجب نشانين جهڙو!!
پاڻ کي سمجهي ڪين سگهيو هان، توکي ڇا سمجهان؟

هِن ڳليءَ کان هُن ڳليءَ ڏي، ذري ذري پٽڪان ٿو
وقت جي تيز هوائن ۾، اخبار جي ٽُڪري جيان

ٻاهران توکي دوستَا، برابر نيڪ ناڪ لڳندو هوندس
اندران آءُ اڌوهيءَ کاڌل ڪاٺيءَ جيان آهيان

ماڻهن جي هٿَ ۾ بندوقون، مون کي ڪا پرواهَہ؟!
مون کي خوف اچي ٿو تہ تُنهنجي، هٿ جي پٿر کان

هونئن تہ ڏينهن کان دروازو کُليو هي ناهي پَر
تون ٿورو کڙڪائي ڏس تہ، شايد کُلي پوان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويندي ويلي تُنهنجي نرمل نيڻن ۾ موتي
هر هر ساڳيو ساڳيو منظر، ڏسان، لُڇان، ڦتڪان

سنجها کان ئي تنهنجون، تُنهنجن ڳالهين جون يادون
سنجها کان ئي مَن ڏاڍو بيزار آ، دنيا کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

دوستَا!، نہ ٿيءُ آزارن وانگي
دشُمن جي هٿيارن وانگي

دردَ بہ دل جو ساٿ ڇڏي ويا
راڄَن جي غدارن وانگي

تُنهنجي گهر ۾ پاڻُ لڳي ٿو
گورن وچ ۾، ڪارن وانگي

پڙهي ڪري اُڇلايو ويو هان
ڪالهوڪين آخبارن وانگي

تُنهنجا نيڻَ چُمڻ ٿو چاهيان
ٽيهنِ ٿي سِيپارن وانگي

دُنيا يي بيزار ڪيو آ
ٽي- ويءَ جي اشتهارن وانگي

ذاتِ پاتِ جا ويچا آهن
ڏارَ پيل ديوارن وانگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قسمتَ ساڻ اچين ٿي تون ٻي
عيدُن ۽ تھوارن وانگي

ڏيان طلبَ سان پريو پيو هان
سنڌيءَ جي اخبارن وانگي

رات بہ ننڊَ اَچي وئي آخر
روئندي روئندي ٻارن وانگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

جنهن جي سامهون سُرت ۽ ساڃهہَ، ساٿُ نہ ڏيندي آهي
ڪائي ساپيا، سپني ڪان ٻيي، سُهڻي ٽيندي آهي

سونَهن جڏهن ڪي عڪسَ اکين ۾ اوتيندي آهي
نندَ اَسُر جي، هِيرَ ڏکڻ جي، وسري ويندي آهي

ڪڏهن هنئين جي حالتَ، هوندي آهي ايئن، جيئين
سُڃَ شهرَ ۾ آڌيءَ رات جو، ٽرين ڇڏيندي آهي

مان هِن ڪي ٽوريءَ جهٽَ ۾، بيزار ڪري وجهندو آهيان
هيءَ حياتي تـوسـان ٺي پر، بـور نہ ٽيندي آهي

رات ڪنهن بيواهہ عورت وانگي، چندُ شرابيءَ جيان!
يادِ ڪَڙِي ڪا اوجاڳن جا، ڪَنَ ٻريندي آهي

فون تي پُڇندو آهي، هڪڙو يادِ ڪرڻ وارو؛
"توکي ٻيي او جيڏا!، منهنجي يادِ ڪا ايندي آهي؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

هر زهر کي پي وئي آ زندگي
مَس- ڇُٽي جيان تي وئي آ زندگي

هُوءَ جڏهن پي موڪلائي گهر وئي
ايئن لڳو، وچڙي وئي آ زندگي

مُنهنجي باري ۾ پي، تون ئي سوچ ڪُجھ
مُنهنجي، تُنهنجي تي وئي آ زندگي

منهنجي ياڪُر ۾اچي سُمهندي رهي
راتِ ۾ گـُذري وئي آ زندگي!

تُنهنجي مُکَ تي مُرڪَ جا پوپٽ ڏسي
مِنٽ ۾ پَرچي وئي آ زندگي

ٿاڻن جا گِهرا لِيڪا، تيز رَڙ!
روڊَ تي چِٿجي وئي آ زندگي!

هر طرف جهنڊا تا ڦَڙڪنَ موتَ جا
جڳَ کان وِسري وئي آ زندگي

ڪُوڙَ جي ڪارنهن، ڌماڪنِ، دردَ جي
ڏوڙِ ۾ لَٽجي وئي آ زندگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

اوهانجي درَ تي ايئن بيٺا رهياسي
گهٽيءَ جي نانوَ جو چڻ بورڊ هياسي

هليا ڳولڻ هُياسي آئيندي کي
شهر جي گوڙَ ۾ گُم تي وياسي

ڪَچي مِٽيءَ مان جوڙي زندگيءَ کي
تِکي برسات ۾ نِکري پياسي

اَسان تُهمتَ کنئي ۽ هُنَ پٿرَ
زماني سان نوان ناتا ڳنڍياسي

اُهي اکڙيون ٻہ، اکڙين جهڙيون اکڙيون
اسان جن جي مُهابي جِي سگهياسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ڏکَ جي نہ پُڇاڻي آ
هر شخص ڪهاڻي آ

تون، مان ئي آياڻا هئون
دنيا تہ سياڻي آ

هر پيارَ کي ٻوڙي ٿو
رسمون، اُهو پاڻي آ

ڌيئي کي سلامت رکُ
جي لاڻَ اُجهاڻي آ

احساس بنان ماڻهو
اَخبار پُراڻي آ

سڀ ڌُوڙ ڪري ويندي
جا ڌُوڙِ اُڏاڻي آ

هُو، مان ۽ رُڳو ڳوڙها
ناولَ جي پُڄاڻي آ

”مون لاءِ مري وئين تون“
هُنَ تارَ اُماڻي آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ڳالھيون جڻ مھڪارون آھن
تُنھنجا ٽَھڪَ بھارون آھن

ملين، نہ ترسين، ڳالھائين نہ!
تو ڏي ڪوڙَ ميارون آھن

تُنھنجا ٿي ڪَنَ ٻُڌن نتا ھونئن
پنھنجون تيزِ پُڪارون آھن

ھو بہ اُن جو ٿي تي ويندو
جنھن وٽ بنگلا، ڪارون آھن

پيارُ وڻڻ تون نڪتو آھين!
ساريون سُڄَ ٻَزارون آھن

ڪنھن سان ڪنھن سان مِلبو ھاڻي
دَرَ تي دردَ، قطارون آھن

پاڻ جيھَن لئہ کُھريون کُھريون
ڳالھيون جڻ تلوارون آھن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان اِنسان رهيو ٿي ناهيان!
شاهد سڀ اخبارون آهن

نيٺ ڳلنِ تي اندلٺِ لهندي
هاڻِ جي لُڙڪن لارون آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

شاعرَ جي جذبن جون ڳالهيون
سنڌوءَ جي جوڀن جون ڳالهيون

توکي ٻي بس ياد رهن ٿيون
منهنجي ٿي ڏوهنَ جون ڳالهيون

اَڄ جي ٿَهڪنِ ۾ ڀُلجي ويس
ڪالهوڪنَ لُڙڪن جون ڳالهيون

تون ٿي هڪڙو سمجهي سگهندين
اوجاڳيلَ اکڙين جون ڳالهيون

اسڪولن ۾ پڙهيا آهيون
ڪُوڙن ٿي سپنن جون ڳالهيون

توسان پيارُ ڪندڙ ڇا ڄاڻي؟
سرڪاري تَمغن جون ڳالهيون

روز ٿي ٻُڌٿيون پونديون آهن
تُنهنجي گهر وارن جون ڳالهيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيئن ڪرڻ بي قومڻ ڏيندو
ڌرتيءَ ۽ قومن جون ڳالھيون؟

سنڌُ، سنڌين جي ڳالھ ڪيون، چڏِ
عجمنِ ۽ عربن جون ڳالھيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

جيئري آ، جذبن جي ڳولا
لُڙڪن ۾، ٿَهڪن جي ڳولا

ننڊَ- نگرَ کان ڏورُ وئي وئي
نيڻن کي سپنن جي ڳولا

ڪربلَ جي زخمن کي آهي
واهُر ۽ ٽاڪَن جي ڳولا

سچايُن کي سگهہ ڏئي ٿي
سين کي گهاوَن جي ڳولا

جُهوپَن کي ڏاهي وجهندي آ
مايا ۽ محلن جي ڳولا

هي مزدورَ، ڪلارڪَ، هاري
جيونَ ۾ جيون جي ڳولا

تُنهنجي در تي آندو آهي
چاهتَ کي چَهڪن جي ڳولا

تون درياهُہ تہ آن پيارا! پر
پياسَ کي آ، سمندن جي ڳولا

ڳَلَا!، هُن جو گڏجڻ آهي ٿيو
گونگي لئہ، لفظن جي ڳولا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

امنَ ۽ آشتيءَ جيان آهين
شاهَہ جي شاعريءَ جيان آهين

راهَہ ۾ روشنيءَ جيان آهين
ڪنهن اَچاتلَ خوشيءَ جيان آهين

توکي مان ڪيئن ٿو وِساري سگهان؟
گهرَ واريءَ گهِٽيءَ جيان آهين

هونئن تون ڄَٽُ، پر ڪڏهن شُهرتَ!
ديسَ سان دُشمنيءَ جيان آهين

عشقَ،! تون آجپي جي ويڙهِن ۾
سوڀَ جي خاطريءَ جيان آهين!

ڪو جي مقصد نٿي تہ پوءِ جيونَ!
جڻ ڇِڱلَ ڪنهن جُتيءَ جيان آهين

سندُ خاطر ملين، تہ موت آڙي!!
تون بہ جڻ زندگيءَ جيان آهين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

سوچون ساريون هارايَل سردارن جيان
خوابَ پيا ها پيرنِ ۾، تلوارن جيان

چَپَ اوهان جا پنهنجا، لفظَ پراوا هِن
يارو! آهيو ڊرامي جي ڪردارن جيان

کِلندا، روئندا، ٻُڌندا، ڪُجھہ چوندا بہ نيٺ
چو سمجھو ٿا ماڻهن کي، ديوارن جيان؟

●●

رستا هونئن تہ اُٺيهن جي انڌيارن جيان
توڙي ايندي چانڊوڪيءَ جي چارن جيان

جيونَ جي هِن موتَ سمان خاموشيءَ ۾
تُنهنجا نِرمل نيڻَ لڳن ٿا نعرن جيان

ڏکَ جي ڪاري رات هٺي چوڌاري ۽
تُنهنجا مُنهنجا لُڙڪ ٿي ٽِڪِيا تارن جيان

ڪيئن الائي ٿيندو آهي ماڻهن کان؟
شعر رچڻ ۽ پيارُ ڪرڻ وانگارن جيان!

رات سجي مان جاڳي ڏينهنُ ڪندو آهيان
جڏهن بہ لڳندي آهين، دنيا وارن جيان

* ٻٽو غزل: مٿئين غزل ۾، ساڳئي بحر وزن ۽ ساڳئي قافيي ۽ رديف وارن ٻن غزلن کي ڳنڍيو ويو آهي. ٻنهي غزل موضوع، احساسن ۽ ڪيفيت جي حوالي سان الڳ الڳ آهن. تنهنڪري هن غزل کي "ٻٽي غزل" جو نالو ڏنو اٿم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

نينھَن نيڻن ۾ ۽ تُنھنجا چارا ھُجن
سڀ لِڦون پيرَ جون چڻ ستارا ھُجن

نيڻَ، وِچَ سيرَ ۾، ٻوڙِ ٻوڙان ۽ چَپَ!
چڻ ڪنارا ھُجن

ڇھڪَ، چاندوڪيون، ٿڪَ، اونداھيون
گڏُ گڏارا ھجن

پيارَ وارا جتي بہ ھُجن يا خدا!
سوپيارا ھُجن

زندگيءَ جي ھَٿنِ ۾ ڏئي ھٿَ ھلون
پھرَ پيارا ھُجن

لفظَ بارود تي تا سگھن دوستوُ!
جي ھُو نعرا ھجن

سنڌُ وارؤ! ڪڏھن سَرد ٿيٹو نہ تَو
توڙي 'پارا' ھُجن

مُنھنجي ڌرتي ڪڏھن ھيڪلي نہ ٿئي
پل تہ ھِيٹا سھي، پر سھارا ھجن

* مُنو غزل: متئين غزل ۾ نئون تجربو ڪندي، مطلع ۽ مقطع کي عام غزل جيان ڪيو ويو آھي. باقي ھر بند جي ٻي سِٽ، اڌ ڪري وائيءَ جي ورائيءَ وانگر رکي وئي آھي. غزل جي ھر بند ۾ جيئن تہ ڇڻ بدران ٽي پد آھن. تنھنڪري ھن کي "مُني غزل" جو نالو ڏنو اٿم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

سوچَ جو قتلِ عام آ، جيونُ
ھڪڙو اُبتو نظام آ، جيونُ

جنهن کي آقا کي رولڻو آهي
اهڙو باغي غُلام آ، جيونُ

ڏسڪو جي دؤر ۾ اسان جو چڻ
عارفاڻو ڪلام آ، جيونُ

جنهن کي ساڻيڻ بہ مسئلو آهي
پيارا! اهڙو انعام آ، جيونُ

منهنجي نِوڙتَ سان پيارُ تي ويو ٿَس
آءٌ نوري ۽ ڄام آ، جيونُ

پاڻ کي آ، جتان جدا ٽيٽو
دوستَ! اهڙو مقام آ، جيونُ

ڪَنهن هِيٺي جو پاڻَ ڏاڍي کي
چاپلوسي سلام آ، جيونُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

رات جو پويون پهرُ، مان هُيس ۽ چنڊُ تڪلُ
هوا ڳِراٽڙي پائي چيو: ”اُٿي، گهرِ هلُ“!

اسانجي جُهوپي جو هڪ ڪَکُ نہ رهيو باقي
اوهانجو ڪَرَ ڪٽي بيٺو رهيو سدا جيان محل

هُو شخص، ڪيڏي نہ بدبوءِ هيس خيالن ۾
سچو وڳو ٽي هيو، جنهن جو سينٽِ سان مَهڪيل

ڪالهَ جو ٿهڪُ ڏنم، دوستن سان گڏجي ڪري
لڳو اُڌار تي سو ٿهڪ پي ڪتان ورتل

مِنيءَ، ملي جي نہ آهين تون، بہ مهينن کان
نہ ڪو ڪتاب تو پڙهيو ٿئي، نہ لِکجي غزل

ڪمري ۾ ڪِهڙندو جي آهيان، تہ ماري وجهندو آ
تُنهنجي تصوير بنان، ميز تي فريم پيل

زمانو مونکي ڪڏهن هوشَ ۾ لڳو نہ، ۽
زمانو مون کي سدا سمجهندو رهيو پاڳل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

مون جي اکڙين ۾ خوابَ پوکيا هن
رُڃَ ۾ جڻ گلابَ پوکيا هِن

توکان سِپ ڏُکَ کسي وٺڻ جا خيالَ
مَن ۾ بي حسابَ پوکيا هِن

سونهَن لئہ، سچَ لئہ، محبت لئہ
وقت کيڏا عتابَ پوکيا هِن

هر فصُل ۾ وجن تا مَنجِي هُو
چهري چهري نقابَ پوکيا هِن

پوءِ بہ پک آ، گُناهَہ ئي لُڻندس
تورڙي هيڏا ثوابَ پوکيا هِن

ڪجهہ عملَ ڏي بہ سوچ او ڏاها!
تو تہ خالي خطابَ پوکيا هِن

نيتِ تُنهنجي سوالَ کي رَسندا
سنڌُ! مون جي جوابَ پوکيا هِن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ڳليءَ ڳليءَ ۾ حشر آهي، ڪربلائون هِن
زبانون خُشڪ، اندر ۾ رڳو صدائون هِن

ڪوئي نہ آهي جو، عيسيٰ جي ٿي سُڃاڻپ اَڄُ
صليبَ ڪيڏا نہ هيڪل ڙي! چوڏِسائون هِن

نہ ڪنهن رسولَ، پيمبَر جو آهي پاراتو
آسانجي قومَ کي اَزلي ڪي بَددُعائون هِن

اٿين نہ سوچو تا، طوفانَ جي علامتَ آ
اوهان تا خوش ٿيو، دَہجي ويون صدائون هِن

اُصول پسند، وفا شُعار ۽ زمين پرستَ
آسانجون دوستَا! برابر گهٽيون خطائون هِن

الائي ڪاٿئون آچي، بي رُخين ڪيو ديرو
اوهانجا نيڻَ بہ هاڻي تہ ڇڻ سزائون هِن

اوهانجي پيارَ ڪان مليل، آسان کي ورثي ۾
آوهانجي يادِ ۽ ڪيسي ۾ ڪجھ دوائون هِن

آسان جي ڀاڳَ جا لِکيا، وٽين جيئڻ لکنِ
اوهانجي گهرَ ۾ تہ رهندا ٿي ديوتائون هِن

هُو جيڪي ڳُلَ ڪٽي دُور ها، ثِرّيا، تن جي
سُڳنڌ آيون ڪٽي، پاڻ وٽ هوائون هِن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ڪڪريون ٿَرَ ڏي بہ ويندين دوستو!
بارشون آخر تہ ٿينديون دوستو!

چا ٿيو جي "اَڄُ" اوهانجي وَس آ
ڪي گهڙيون پنهنجون بہ اينديون دوستو!

حالتون، هٺَ ٺوڪيون رَسمون، رواجَ
چا سيو ڪُجهہ ٿي ڪسينديون دوستو!؟

جي ڪُڇڻَ تي بندشون پئجي ويون
خامِشيون نغما رچينديون دوستو!

هيڪلايون ماءُ جيان ٿيون پيارُ ڪن
رونقون آهن ڏنگينديون دوستو!

مُحبتون هڪ هڪ ڪري ويندين رهيون
مون ڪي راهُن ۾ چڏينديون دوستو!

صرف ديوارون بُڏي سگهنديون ٿي هِن
ڪين ڪجهہ آهن سلينديون دوستو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

مون کي ماري پناھہَ ۾ رکجانءِ!
ڪا تہ نيڪي، گُناھہَ ۾ رکجانءِ!

ڪوئي هڪ شخص ناهي ڏوهاري
شهر سارو نِگاھہَ ۾ رکجانءِ!

ڪنهن نہ ڪنهن موڙَ تي تہ ملنداسي
آسَ پوئين پساھہَ ۾ رکجانءِ!

ڪنهن مُنافق جي راڄَ جا ماڻهو
ربَ منهنجا!، پناھہَ ۾ رکجانءِ!

ڪوڙَ، اوندھہَ سان ناھہُ ڪين ڪبو
اهڙو نُڪتو بہ ناھہَ ۾ رکجانءِ!

پوپيان، اوندهہِ جي وَر چڙهي نہ وڃن
ديپُ باري ڪو راھہَ ۾ رکجانءِ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

يا خُدا!، زهر آنديرن جو پڪڙبو تو وجي
تُنهنجي تخليقَ جو هر نقش اُجڙبو تو وجي

ماڻهو ماڻهو آهي جٹ، هيڏَ جي درياءَ ۾ ٻُڏل
دردُ، ٽي- ٻيءَ جيان جِسمن سان وِچڙبو تو وجي

ڏينهنَ جو ڪيرَ جيان اُجرو ۽ مقدس چهرو
راتِ جي تيز ننَهنِ ساڻ رهڙبو تو وجي

چوڏهن سؤ سال اڳي وارو ٿي منظر ساڳيو
ڦٽُ جيڪو بہ سِبيل هو سو اُدڙبو تو وجي

سونهن، سچائي، اَمن، هاڻي ڪتابي ڳالهيون
پيارَ جو پيرُ بہ ڌرتيءَ تان اُکڙبو تو وجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

وٽي وڃن ٿا چهرا ڪي دڳَ ويندي پي
هر جذبي ڪي سگهبو ناهي نانءُ ڏئي

دلبرَ! هيڏا ڏينهن اوهان کان دُور رهي
گهڙُ پي ڪين وٽي ٿو مونکي هاڻِ سچي

جنهن ماڻهوءَ کي تنهنجو پيارُ مليو آهي
تنهن ماڻهوءَ کي ڪهڙي دولتَ گهُرجي ٻي؟

جنهن ۾ ڪنهنجي ماڻِ بہ موهي وجهندي آ
حدَ نہ هوندي آهي اهڙيءَ چاهتَ جي

ڪوئي ڪم ڪرڻ کان ٻاهر ناهي هوندو
ڳالهہ سڄي هوندي آ، جاني! همتَ جي

ڪڏهن ڪڏهن کو ڏک روئاريندو ناهي
ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن يوڳَ تي پٿبو آ روئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

جنهن کي پنهنجو نہ ڪنهن ڪيو هوندو
خالي گُلدانَ جيان پيو هوندو

توسان گڏجڻَ اچي سگهيو ناهي
ڪيڏو مجبور تي ويو هوندو

ڇا روئڻَ جو سبب ٻُڌايانءِ دوستَ!؟
اکِ ۾ ڪَکُ ڪو پيو هوندو

توکي مونکي ٿي پرکَ ڪرڻي آ
ڀاڻَ کي ڪنهن ٻُرو چيو هوندو؟

منهنجون ڳالهيون، عجيب ڳالهيون هِن
پنهنجي مُنهن پڪَ تو ڪِليو هوندو

هڪ هنڌَ تي اچي پُڄاڻي آ
پيارُ توڙي جي آٿمَيو هوندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

مون کي جي تنهنجو سهارو هوندو
وچ ۾ درياھ ۾ ڪنارو هوندو

لفظَ کهڙا وري پنهنجا هوندس
جنهن کي لهجو ئي اُڌارو هوندو

هر فساني جو تئي دور تو پر
پيارُ هر دؤر ۾ نيارو هوندو

تو بنان جيئڻ ڪو جيئڻ هوندو؟
بس مڙئي دوستَا، گذارو هوندو

جنهن کي چاهي تو اُنهيءَ جو ڳل کي
گهرُ ۽ شهرُ ئي پيارو هوندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

لفظَ ڳوليندا رهيا سي ٻيئي
رات، چُپ چاپ ٿي لنگهي ويئي

هُن جي مُرڪڻ ۾ آ آلائجي ڇا؟
مُرڪندا هونئن تہ رهن ٿا ڪيئي

پنهنجو جيونُ بہ وڃي ها سُڌري
هٿُ، هٿَ ۾ جي ڇڏين ها ڏيئي

پاڻَ بہ سَرد ٿي ويا سي ۽
جڳَ جي دلِ پي ٺري پيئي

رات رُلندا رهياسي ٻين ٽائين
هيڪلائي، اُداسي، مان، ٽيئي

تُنهنجي وڇڙڻَ جي حادثي کانپوءِ
حادثا ڪَرَ ڪٿي اُٿيا ڪيئي

وقتُ، زخمن کي تہ ڀري ٿو ڇڏي
دردَ پر دوستَا!، رهن ٿا سيئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

توسان گڏجي تا گذاريون جاني!
ياگ پنهنجا تا سنواريون جاني!

پاڻ سان پيارُ آجا ڏاڍو آ
ڪيئن توکي تا وساريون جاني!

ڪنهن بہ چهري کي ڏسون، ايئن لڳي
تنهنجو چهرو تا نهاريون جاني!

سجُ ناهي جي چڙهيو، جا تي پيو
آءُ کو ديپُ تا باريون جاني!

جڳُ پل تہ ڪري بندوق سڌي
پاڻ ڳيرا تا اڏاريون جاني!

پاڻ تہ ٻڌندا وجون هر لمحي
توکي ڪيئن پارِ اُڪاريون جاني!؟

رتُ انسان جو تہ پي تا وجون
مکِ پيل چانهہِ تا هاريون جاني!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

آندرُ اُداس هوندو
منظرُ اُداس هوندو

جيسين ملي نہ سگهبو
دلبرُ اُداس هوندو

مونکي هو جنهن ڏِٺو، ڪاريو
سو گهرُ اُداس هوندو

ڪنهن تي ڪندو هُو جادو
ساحرُ اُداس هوندو

ڪو ديوتا، نہ داسي
مندرُ اُداس هوندو

شاعرَ هٿن ۾ ڪورو
ڪاڳرُ اُداس هوندو

هُن جي ڳِليءَ ۾ هڪڙو
چوڪرُ اُداس هوندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

مُنهنجا لُڙڪَ سوالن وانگي
تُنهنجا ٽَهڪ جوابن وانگي

جيئڻُ بہ ڪين آسانکي آيو
محفلِ جي آدابن وانگي

ذهنَ جي بُڪ- شيلف ۾ آهن
يادون بند ڪتابن وانگي

توکان وِڇڙي دل تي گُذريو
هر پل دوستَ! عذابن وانگي

دل جا سودا تيندا آهن
پيارا! ڪين حسابن وانگي

پنهنجيءَ قسمتَ ۾ تون يي
ناهين يارَ! ثوابن وانگي

مُنهنجون راهُون ڪنڊا ڪنڊا
تُنهنجا پيرَ گُلابن وانگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

جيونُ ايئن گُذاريو آهي
اوبَر پاڻي هاريو آهي

مَرندي مَرندي هڪڙو ماڻهو
تُنهنجي نانوَ جِياريو آهي

آلبمَ کولي تُنهنجو چهرو
ساري رات نِهاريو آهي

مُنهنجي ئي گهر جا دروازا!
تو ڇو ايئن ڏڪاريو آهي؟

پاڻَ جلي رکَ ٿي وياسي، پر
جڳَ جو هانءُ نہ ٺاريو آهي

سنڌڙي! تُنهنجو سُنهن نہ توکي
سپنن ۾ بي ساريو آهي

تُنهنجي سَڏ ۾ سڏُ ڏنو، هونئن
جو آيوَ سو ٺاريو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

وقتَ کيا ويرانا ماڻهو
تُنهنجا ڪي ديوانا ماڻهو

تـوکـي آرپڻ آيا آهـن
لُڙڪ کڻي نذرانا ماڻهو

مان جو اڄڪلهہَ هيکل آهيان
جـوڙنِ ٿا آفسانا ماڻهو

مُنهنجو هُو هڪڙو يي ناهي
تُنهنجا سڀ زمانا! ماڻهو

وِڇڙي ويندا، جي وِڇڙڻَ جا
ڳولـنِ روز بهانـا ماڻهـو

ڪهڙا جڳَ سان ليکا ڪرڻا؟
يارَا! اسان مستانا ماڻهـو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

مونکي درياھہ جان پائي وئي آ
ھک نظرَ اھڙو تہ گھائي وئي آ

آءٌ چاھيان پي نہ جڙي سگھندس
ايئن ٽُکرن ۾ ورھائي وئي آ

مونکي آئي تہ ڪِلاڻ لئہ ھئي
پنھنجي پوتِي بہ پِسائي وئي آ

رَنجشون، نفرتون، دُوريون ئي سھي
زندگي ڪُجھہ تہ بچائي وئي آ

آئي ۽ وئي ھلي لَٽي جيوڻ
واءُ ھئي، ڌُوڙ اُڏائي وئي آ

باکَ جي ڦَٽڻَ جو يقين ڏئي
آخري ديپُ اُجھائي وئي آ

جڳَ تي ڪھڙيون مياروں ٿينديون؟
ھوءَ ئي جڏھن لنوائي وئي آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

هڪ ٻرو بس اسانجو گهر آهي
تُنهنجو ويڙهو ئي معتبر آهي!!

تُنهنجي هر ڳالهہ لارَ ماکيءَ جي
منهنجو هر لفظُ ڇڻ زهر آهي

هي بہ تُنهنجي ئي شهرَ تي وَسندو
پاڻ کان رُٺل هر ڪڪر آهي

پيار جي ڪجهہ ڪَٺِنَ مان ڇا ٿيندو؟
دل جي ڌرتي نِسورو تر آهي

تُنهنجا ليڪا اچا ڪُٺن ئي نٿا
رات جو آخري پهر آهي!

مون تہ جڳ جي ستمَ جو ذڪر ئي ڪيو
تُنهنجي چو نِرڙَ تي پگهر آهي!!

بَد دُعا ڪر لڳي پئي شايد
هر دعا هاڻي بي اثر آهي

ڪيترو زندگيون انڌيريون هِن
ڪيترو روشنيون شهر آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

آئينو تو ڏِسان تہ گھائنِ تا
لُڙڪَ اکڙين ۾ مُسکرائن تا

هُو ڪڏهن ايئن مسڪرائن تا
تہ تي مينهن جڻ وَسائن تا

مُنهنجي جيونَ ۾ پيار پنهنجو هُو
کيرَ ۾ کنڊُ جيان مِلائن تا

روزُ ملندا رهون تہ بهتر آ
فاصلا، فاصلا وڌائن تا

مان تہ خاموش هان، سندس واعدا
ڪيس سامهون اچي لجائن تا

اُن ماڻهوءَ جون هيڪلايون سوچ!
خوابَ پي جنهن کان موڪلائن تا

منزلِن جون تہ مشڪلاتون نيڪ
هاڻِ رستا پي آزمائن تا!

راهہَ ۾ تا مِلن، لنوائن تا
دوستَ ڪيڏو نہ آزمائن تا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

سارَ تُنهنجي بهارَ وانگي آ
بيقراري قرارَ وانگي آ

هرگهڙي ڪِرڻ جو رهي خطرو
پيارُ پهرينءَ اُڏارَ وانگي آ

تُنهنجي يادُن سواءِ ذهنُ پرين!
ڪرفيوءَ ۾ بزار وانگي آ

هر خوشي ترضَ ۾ هلي ٿي وڃي
ماستَر جي پگهارَ وانگي آ

سوَ سُورنِ جي وچ ۾، دل منهنجي
ڏهَ سان جڻ ڏتارَ وانگي آ

هوءَ روٺي پئي، اسان بيزار
زندگي لڏل بارَ وانگي آ

هُن جو يَرِ ۾ اچي ويهڻُ، مُرڪڻ
شُهرتن جي خُمارَ وانگي آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ٿورو يي جي ٽٽي وڇوڙو، مَنَ ۾ ٻاهہِ ٻري
وَسڪاري ڪان پوءِ جڻ ماٺهو، ٿرَ ڪان رهي پري

رات اوهان جي يادِ، اسان جي ذهن ۾ ايئن آئي
ڪُونيت* ڪي جيئن ٻينو ٿوهر، ڀاڪرَ منجهہ ڀري

ٻيو تہ ٿهيو ڏسُ، اکَ ۾ جهڙا ڳُلَ ڦُٽا آهن
اهڙيءَ رُت ۾ سَري جي ٽوڙ، آخر ڪيئن سري؟

اڪڙين ڪي اوسيئڙو جنهن جو، سا تہ نہ آئي پر
پيرُ، پيرَ ۾ پاٿي آئي، ڪَوتا راتِ ٺري

پيچَ پنيءَ جو، شاهَ جي واٽي، موهنَ** جو آوازُ
ايئن لڳو پٽي، ڳايو ويٺي ٿرَ جي ٺري ٺري

ستَ- رنگ چوليون، چِلڪيل چهرا، ڳاڙهسِري واري
سنڌڙيا، تُنهنجو چاهُ پٽي تي، اڪڙين منجهہ ڀري

* ڪُونيت: ٿر جو هڪ وڻ، جيڪو ٿوهر جي جهنگلي وڻ ۾ اُڀري ايندو آهي.
** موهن: ٿر جو اڪيلو راڳي موهن پکي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

سارو شهر لٽاڙي ويو!
آيس تُنهنجي پاڙي ويو!

تُنهنجي پويان نِڪتو آهيان
سارا پيرا ساڙي ويو!

گڏُ ڪڏيل تصويرَ وٺي آ
مُنهنجي سامهون ڦاڙي ويو!

مون کان مُنهنجو حالُ پُڇي تو
سارا خوابَ اُجاڙي ويو!

ڳولِن ٿيون وڪارَ نِگاهون
جهولو پيو تو ساڙي ويو!

هٿَن پيرنِ هوندي ماڻهو
ياڳَنَ تي ڇو ياڙي ويو؟!

بَمَ نہ، توکان آنُ ڳُهريو آ
بالڪَ انگ اُگهاڙي ويو!

سُڪَ سُتل جاڳايا ماڻهو
منجُرَ ويجهو راڙي ويو!

سنڌڙي!، توکي مونکي مِليا
ڪيڏا ڏکَ ڏهاڙي ويو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

چِلڪو تُنهنجيءَ چوليءَ جو
ڏينُهن هيو جڻ هوليءَ جو

جنهن کي لڳندي، سو انسانُ
ديسُ، نہ مذهب گوليءَ جو

ڪير جهلي ها؟ واءُ جو جُهوٽو
دَرُ ٽَپي ويو کوليءَ جو

واريءَ گهرڙو ڊاهي وئي پر
ڇيهہُ ويو ٿي ڇوليءَ جو

هيڪل ٿي هارائي ويندين
ٿي وڃُ پيارا، ٽوليءَ جو

تاريخُن ۾ ڪُتو پيو آ
جهنڊو منهنجيءَ ٻوليءَ جو

ياڪُرَ بدلي، ياڪُر وجهبو
گولي بدلو گوليءَ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

تُنهنجو اڄ خطُ جيئن مليو آهي
ساهُ منهنجي سريرَ پيو آهي

توکي مُنهنجي ڏکن جي ڪهڙي خبرَ
تو تہ مون تي سدا کِليو آهي

چنڊُ، تارن جي ميڙَ کان وِڇڙي
رات جو ڪيترو رُنو آهي؟

هُن مونکي ڇڏيو وِساري تہ
اُب ڪهڙو ڀلا ڪِريو آهي؟

لمحي لمحي لڳايو آهي ڪاتُ
لمحي لمحي ٽڪيو ڦُريو آهي

مُنهنجي اندر جو هُو هٺيلو شخص
ڳُهنجي ڳُهنجي مري رهيو آهي

ڪوڙَــ بازارين ۾ ماڻهوءَ جو
اڱهُ ڪيڏو ڪِري پيو آهي!!

چهرو چهرو پَٽن جيان ويو ڇٽي
شهرُ پڙيانگ تي ويو آهي

توکان وڇڙيل، اُداس ماڻهو گُل
سڄَ وانگي جلي رهيو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

تُنهنجون راهون تڪڻ آجايو آ
توکي ساري روئڻ آجايو آ

توڪان پُڇندو نہ مونکي پرچائڻُ
مُنهنجو توڪان رُسڻ آجايو آ

ڪجهہ تہ ڳالهاءِ يار!، ڪر ڳالهيون
ايئن چُپ چُپ رهڻ آجايو آ

"يادِ آهيان، يا توڪان وِسري ويس"
بيوفا ڪان پُڇڻ آجايو آ

جي مِلو، مُرڪندي مِلو مون سان
مُنهن سُجائي ملڻ آجايو آ

هاڻي منزل ڪٿي پرين! نہ ملي
پوءِ بہ واپس ورڻ آجايو آ

ٽيٽو هوندو جو، نيٺ ٽيندو ئي
دل شڪستو ٽيڻ آجايو آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ويسُ اَچو تون پائي آئين
چانڊوڪي چورائي آئين

نينَ اچا پيي آلا تُنهنجا
ڪنهن کي تون پرچائي آئين؟

رستي تي نڪتين ۽ پويان
ڪيڏا نينَ لڳائي آئين

سچَ جيان او سُهڻا سُپرين!
ڪوڙَ سيئي شرمائي آئين

سونهنَ - نگرَ ۾ عشق اسانجا!
سارا لفظَ ڪَپائي آئين

پيارَ شهر مان ٽَڪِجي موٽين
سوچُون پيي سَهڪائي آئين

دردَ اوا، توکي شابس آهي
ڪيڏو ساٿُ نڀائي آئين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

”نہ“ جي سُوريءَ تي چڙهيل آهيون دوستَ!
دردَ سانچي ۾ گهڙيل آهيون دوستَ!

ڪُجهہ تہ سمجهون تا زماني کي آسان
چارِ درجا کي پڙهيل آهيون دوستَ!

شهرَ تُنهنجي ۾ جاءِ ڇا ملندي؟
شهرَ پنهنجي مان تڙيل آهيون دوستَ!

ڪا نئين ريتِ نہ وجهجو هاڻي
ڏاڍا ريتن مان اُڙيل آهيون دوستَ!

ڏارَ ٽوڪان تي سُڃاڻپ ٿي نہ رهندي ڪائي
توسان اهڙا تہ جڙيل آهيون دوستَ!

ڪيئن نہ جانِ ڇڏائڻُ تي گهُرين
جن کي الزام مڙهيل آهيون دوستَ!

ايترو جلدُ تہ اي دردَ نہ ڍاهہ
ذرو ذرو تي گهڙيل آهيون دوستَ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

جو نہ پُلجي پي نهاري مون کي
ڪيئن سمجهان تہ، تو ساري مونکي

جيئن وڻيس، تيئن هُو ماري مونکي
ڪيس چئو، چئو تہ وِساري مونکي

روز تو پاڻُ جيئاريان مان ۽
روز هُو شخص تو ماري مونکي

چو نتو ياد آچان مان توکي!
چو نتو لوڪُ وساري مونکي

پاڻَ تہ ڳُمر تي وئين ميلي م
چوُنڪَ هڪڙي تي بيهاري مونکي

پنهنجي ڪمري جي ڳندَ ڪچري جيان
ڪو ذهنَ مان تو ٻُهاري مونکي

ڪيڏو همدردَ هيو، مُنهنجو هُو
ويو چيڏي دردَ سهاري مونکي

چو هُو طوفان ويو ٻجي آ
ديپَ جيان پاڻَ ئي ٻاري مون کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

تُنهنجا ڌرتي! ڌراڙ جاڳيا هِن
پيچرا، پَٽَ، پهاڙ جاڳيا هِن

جن جي جاڳڻ سان، قومَ جاڳي ٿي
سي جي جاڳيا پيي، جاڙ جاڳيا هِن

ٿورڙو آهليو جڏهن آ سجُ
ڪُوڙ، دوڪو ۽ ڏاڙ جاڳيا هِن

هڪ تِڪي چيٽ آهي آزادي!
گهيڙَ، گِهٽيون ۽ گهاڙ جاڳيا هِن

ها رڳو ساٿُ تو کپي تُنهنجو
حوصلا، جڻ پهاڙ جاڳيا هِن

سنڌُ منهنجا ڏٿي!، سلامت رکُ
چِٽني پاسن کان ساڙ جاڳيا هِن

ڪنهن تہ مرهَم جي آسري ۾ اياز!
سالَ هِن دل جا ڦاڙ جاڳيا هِن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

چاهتَ کان انڪاري ماڻهو
جذبن تي بمباري ماڻهو

سڀ توجهڙا ٿي سگهندا ڪو؟
دردن ۾ دِلداري ماڻهو

آءُ اگي جيان هيڪل وياڪل
تُنهنجي ها چوڌاري ماڻهو

ديسُ بہ وِڪڻي ايندا آهن
اهڙا يي واپاري ماڻهو

دولتَ ۽ طاقتَ جا حامي
ڏوڙِ، مِٽي ۽ وارِي ماڻهو

هر ڪنهن دؤر ۾ جمندا آهن
باغي ۽ درباري ماڻهو

ڪهڙو سچُ چئي سگهنداسي؟
پاڻَ تہ هئون سرڪاري ماڻهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

حوصلو ڏي تہ حادثن مان لنگهان
پيارَ منهنجا! مان آفتن مان لنگهان

مُنهنجو سارو وجود نيڻَ ٿئي
تُنهنجي لکيلَ جڏهن خطن مان لنگهان

رات، يادون سنڌ ۾ مان جاني!
جڻ تہ هوليءَ جي ٿو رنگن مان لنگهان

مون تي جي مهربان تي پئين تون!
مان بہ خوشين جي ڪُجھ حدن مان لنگهان

توکان وسري ويس تہ خير مگر
موتَ جي جڻ تہ ٿو هٿن مان لنگهان

دوستي تي جڏهن کان دنيا سان
روزُ ٿو تجربن ڪَڙن مان لنگهان

چو پلا مان رهان انڌيرن ۾؟
سج هَٿ ۾ کڻان، چَنڊن مان لنگهان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

نيڻ پرينءَ جا پيرا ڳولنِ
پنجي جيئن آکيرا ڳولنِ

مُنهنجي ڌرتيءَ وارا اڄُ بي
سانجهيءَ ويلَ سويرا ڳولنِ

دانائن جي درَ جا ماڻهو
ديوانن جا ديرا ڳولنِ!

دردَ اٿيئن تا ڳولنِ مون کي
مارِي جن تا ڳيرا ڳولنِ

ڪيڏو اڳتي نڪري ويو آن!
توکي تُنهنجا پيرا ڳولنِ

سنڌڙي سورج آهي جنهن کي
سَوَ سَوَ گهور انڌيرا ڳولنِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

تون ملين ۽ نه مُرڪ۔هاڻي تي وئي
زندگي ٿڪن ڪهاڻي تي وئي

ڳوٺ ٻاهران ها مِلياسي راتِ جو
ڳالھ سا جڻ راتِ۔راڻي تي وئي

تو هٿن ۾ هٿ وٺي مُرڪي ڏٺو
هر مصيبت لوڻ - پاڻي تي وئي

مَڌُ وانگي آ، محبت جو نَشو
تيئن وڌي، جيئن جيئن پُراڻي تي وئي

تورڙو جوين ڇا آيس، لوڪ لئه
ڇوڪري جڻ ڳُڙ۔ ڏاڻي تي وئي؟

راتِ ۔ نيڻن ۾ اچا نه ننڊ آ
ڪيئن سپنن جي پڄاڻي تي وئي؟

دوستي جون مهربانيون بيشمار
دوستي هاڻي نه ساڻي تي وئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

مان ڪنهين پيارَ جو قصو آهيان
جڻ تہ بيروتَ جو حصو آهيان

مُنهنجي چوڌاري تمنائون سوين
مان تيو چؤنڪ جو رونشو آهيان

تُنهنجي بازار ۾ نہ هلندس مان
دوستَا!، کوٽو ڪوئي سِڪو آهيان

تون بدلجي ويو آهين پوءِ ٿي
آئون توکي ڏِسي بدليو آهيان

وِچڙندڙ مرض جيان تيزيءَ سان
مان سنڌ ءِ ذات ۾ ڦِهليو آهيان

ڪو مسافر، نہ صدا پينوءَ جي
ڪنهن ڊنل شهر جو رستو آهيان

بي حقيقت، بي بقا ۽ بي مُلهہ!!
ڏينهن ڏِٺي جو ڪوئي سپنو آهيان

مُنهنجي اندر ۾ بغاوتَ آهي
ٽينءَ دنيا جو مان نقشو آهيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

• چورَ آهن وري اُتيا تَر جا
بند رَکجو، سيئي دَرَ گهرَ جا

ڪو ٿهڪُ ڏين نڪو روئِڻ ۽ رڙڻ
ماڻهو ٿيندا وڃن پيا پٿرَ جا

سڄَ اُڀرڻ سان رنگ رنگ چهرا
روڌَ ڳهندا وڃن ٿا ڏامرَ جا

ايئن محسوس ٿا ٿين ماڻهو
جيئن شو پيسَ سنگمَرمَر جا

ڪجھ سيڪنڊ ٿهي، ڊهي ويندا
ظلمَ آهن ڪي قوتڙا جرَ جا

وحشتون دل ۾ ٿيون اچن گهڙنديون
طاقَ نِڪتا پيا آهن دَرَ جا

ڪنهن اگرَ جي آسري آهيون
پاڻَ ڏُتڙيلَ لڳون پيا ٿَرَ جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

حقيقتون ڪي، ڪي خوابَ چهرا
سوالَ چهرا، جوابَ چهرا

تي برف وانگي رِجي وڃي دِل
ڏِسي ڪري آفتابَ چهرا

اکيون اُنهن کي ٿيون روز پُوڄنِ
پيا وڏائن ثوابَ چهرا

اسان جي حصي ۾ آيا هردم
ڪي حل نہ ٿيندڙ حسابَ چهرا

پيارَ جي راهہ جا مُسافرَ
هي چندَ چهرا، گُلابَ چهرا

ڏين ٿا پنهنجا پرايا ٻڌجي
اَسان کي ڪيڏا عذابَ چهرا

رهن پيا ڏُنڌ وانگي ڇانيلَ
ذهن تي ٻي حسابَ چهرا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

توسان نينهن نيارا تي پيا
ڏينهن تہ مُرڪڻ وارا تي پيا

چاهتَ اهڙو رنگ رچايو
چهرا چنڊَ، ستارا تي پيا

تُنهنجو مَنُ ئي منزل مُنهنجي
اڪرِيون اڪرِيون چارا تي پيا

توکي دوست ڪيوسي دلبرَا!
دُشمنَ، دنيا وارا تي پيا

ماڪيءَ جهڙا مٺڙا مائٽو
چاڪان تُوهَہ کسارا تي پيا؟

يادون، سپنا، خطَ اوهانجا
جيئڻ ڪاڻِ سهارا تي پيا

ڏورانهين ڪنهن ڏيهہ وڃن پيا
خيالَ بہ هِن وڻجارا تي پيا

ڪِن جون راتيون روشن هونديون
پنهنجا ڏينهن بہ ڪارا تي پيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مُرڪي مُرڪي ڏُک ڏَسياسي
ٻُڏندڙَ روئڻ هارا ٽي پيا

جيڪي گُلَ! ڏِڪاريا دنيا
سي ئي توکي پيارا ٽي پيا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

نيري اُڀَ تي جيئين ستارا هِن
لُڙڪَ اکڙين ۾ ايئن ٽهليا هِن

ساريون همدرديون کپي ويندوَ
گهاوَ پنهنجا تمام گهِرا هِن

جن جي ڪائي بہ ساپيا ناهي
سي آسانجي اکين جا سپنا هِن

ڪير ڄاڻي تہ ڪهڙي راهہ وٺن
جيڪي تُنهنجي شهر مان نِڪتا هِن

يادون بارودَ جي سُرنگن جيان
ذهن ۾ هر طرف ڌماڪا هِن

جن جو احساس ويو مري آهي
هاڻي ماڻهو اُهي ئي جيئرا هِن

پهڻَ- اکيون، کنڌرَ کنڌرَ چهرا
هر طرف ڏبيل چِڻ تہ نعرا هِن

جن جي ڇهري تي جنگِ جي ڪارنهن
تن جي هٿ ۾ اَمُن جا جهنڊا هِن!

روز ڇپياڻجن تہ بہ خاموش
ماڻهو ڏامرَ جا ڄڻ تہ رستا هِن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

راتِ توڙي گهٽي انڌاري آ
روشنيُن جي تلاشَ جاري آ

جنهن تان هُن جو اَچڻ نہ ٿيندو آ
مان اُها راهہَ پيي نهاري آ

سچُ پيي کيس ڪُوڙ لڳندو آ
هُن اهڙي نِگاهہَ ڌاري آ

بِن اکڙين جي بند خانن ۾
چندِ سپنن جي ريزگاري آ

مُنهنجي حالتَ آ، وچَ - اوبَر جي
تُنهنجو شيوو تباهہ ڪاري آ

توري ڪاوڙ ڪرڻ جي عادتَ تِس
چوڪري هونئن تہ ڏاڍي پياري آ

ڪو ستم ڪين تو سهي چُپ چاپ
گُل بيشڪ وڏو ڏوهاري آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

دانهنَ ٻڌائيندين ڪڏهين تون گهرَ گهرَ جي
مولا سائين!، ماٺِ اسان جي اندرَ جي

سچَ سان ويسهہَ گهاتي!!، سوچَ جي سيني ۾
هوريان هوريان نوڪَ لهي ٿي خنجرَ جي

ڪيڏا سُکَ جا خوابَ، اکين ۾ ماڻهن جي
ڪيئن تہ حياتي گهارنِ پيا ٿا ٺوهرَ جي!

هڪ ٿي نانوَ تي ڌَڙڪو تيز ٿئي دل جو
مِٽي، سُرمو ٿيندي ناهي هر درَ جي

ڪمرا سڀ اوندهہِ جي ڌُوڙِ ۾ لَٽجي ويل
ٻتي ساري راتِ ٻري پئي پڌرَ جي

ذرا ذرا ٿي ويندو ڪُوڙَ جو آئينو
هڪڙي ٺوڪرَ ڪپندي آهي پٿرَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

شاعر جاڳي، تارا جاڳن
اکڙين ۾ اوجاڳا جاڳن

سُتيون پيون ساپيائون آهن
سپنا ئي ويچارا جاڳن

هر ڪم سولو ٿي پوندو جي
دل جاڳي، دل وارا جاڳن

اَڄ جو غَم ئي ڪافي آهي
اَڄ تہ نہ گهاوَ پُراڻا جاڳن

مُنهنجي سوچن سان گڏجي تا
تُنهنجي گهرَ جا رستا جاڳن

ڪُجهہ آهي جو نڪرڻ چاهي
اندر ۾ تا لاوا جاڳن

ماٺهو موتَ جي ننڊَ سُتل ۽
تاريخن جا صفحا جاڳن

نقشي ۾ تبديلي ايندي
ذهنن ۾ تا ويچا جاڳن

ڪُل دکن ۾ گهيريل آهي
هر پاسي تا ڪندا جاڳن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ٽُڪرا ٽُڪرا ٿيو پيو آهيان
پوءِ بہ پنهنجن کان پيو ٿو گهٻرايان

مونکي معلوم آ، تہ مان ڄاڻان
تُنهنجي جُتيءَ ۾ پيرُ ڪيئن پايان؟

ايئن ڀلا ڪيستائين تي سگهندو؟
تون تہ ٻاهيندو رهہُ ۽ مان ٺاهيان

تُنهنجي معيارَ کي پُڄي نہ سگهيس
هونئن تہ ڪاٿي نہ مان پُڳو آهيان!

هر ماڻهوءَ سان ڪيہ نفرت آ
هر ماڻهو کي ڪيہ ٿو چاهيان

ذهنَ جي نينڊڙي رُئل ٻالڪَ کي
يادَ جي لولَ سان ٿو پرچايان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

سج لٿو تہ شهر، ٻڏي ويواوندھہ ۾
هر روشن منظر، ٻڏي ويو اوندھہ ۾

چوڪرا، تنهنجي پيارَ جون پٽر ٽيون اکڙيون
اوسيئڙو ۽ دَرُ، ٻڏي ويو اوندھہ ۾

چنڊَ- پرينءَ جي چهري تي، ڪاوڙِ- ڪڪريون
دل جو ننڍڙو گهرُ، ٻڏي ويو اوندھہ ۾

وقتُ ڪڏي ڪُجھہ ايندڙ وقت جو اُلڪو ڪرِ
تُنهنجو سارو ترُ، ٻڏي ويو اوندھہ ۾

آزاديءَ جا ديپَ جليا جي ذهنن ۾
ساٿيا، هر سنگھرُ، ٻڏي ويو اوندھہ ۾

روپُ وني نئون آءُ وري روپا ڪولهيا!
تاريليون ۽ ترُ، ٻڏي ويو اوندھہ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

شخص هُو نرالو آ
جُونِ ۾ جُهڙالو آ

ڪنهن بور فنڪشن جو
آخري مقالو آ

زندگي خدا جو سُنهن
زهرَ جو پيالو آ

ڇوڪري تہ ناهي هوءَ
شاهَہ جو رسالو آ

ڪنهن بہ ڪم جو ناهي
هيڏو توڙي نالو آ

هُو حوالا ڳوليندي
تي ويو حوالو آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ياد جڏهن کي آيا نيڻَ
لُڙڪن سان وِهنجايا نيڻَ

اوسيئڙي ۾ پٽر تي ويا
کين مگر پڇتايا نيڻَ

ڳوڙها، عڪسَ، اوجاڳا، سپنا
ڪيڏا تو وَرسايا نيڻَ

چيڙن جي سهڪارَ سان تُهنجا
راتِ اسان پرچايا نيڻَ

پيارَ اوهان جي خوشبوءِ وانگر
مَنُ، ذهنُ، مَهڪايا نيڻَ

دل جي تاڪَ منجهند ۾ تُهنجا
ڪڪرن وانگي ڇايا نيڻَ

نِرمل نيڻن واري ماڻهوءَ
مُنهنجا کين اگهايا نيڻَ

پوءِ بہ اوکيءَ جاءِ اَڙيا هِن
ڪيڏا مون سمجهايا نيڻَ

تُهنجن يادُن جي رستي تان
مشڪل ساهہ ورايا نيڻَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ميرا ڪپڙا رهن ٿا، شيو وڌيل
ساري دنيا ڪان ٿا رهون ڪٽيل

مُنهنجي جيونَ جيان آهن اڄڪلهہ
مُنهنجي ڪمري جون هرَ شيون وِکريل

ڪنهن گناهہ جي سزا جي خوفَ جيان
ذهنَ سان يادِ تي رهي چنبڙيل

توسواءِ هر گهڙي پرين! آهي
ڪنهن بيوهہ جي سينڌِ جيان اُجڙيل

روز توڙي ملون، تڏهن بہ اٿين
جيئن ميلي ۾ ڪي مِلن وڇڙيل

ماڻهو سُهڻا، غزل ۽ گُلَ جهڙا
بيوسيءَ جي صليب تي ٽنگيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ايئن هِن لُڙڪن لارون پيارا!
اَبَ تي ڪونجَ قطارون پيارا!

توسان گڏجي هليون ويون هِن
مُنهنجون نيڻَ نهارون پيارا!

پيارَ جون پنهنجون هونديون آهن
مُندون ۽ مَهڪارون پيارا!

تُنهنجا ڪيئي نالا، خوشيون
هِيرون ۽ هُبڪارون پيارا!

ڪيڏيون چئنِ چَپن جي وچ ۾
دُوريءَ جون ديوارون پيارا!

تُنهنجي لَهجي تي ياد آيا
يالا، تِيرَ، تَرارون پيارا!

جيونُ پوءِ بہ جِيتي ويندو
توڙي هيڏيون هارون پيارا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

توري گھٽي تي ٽي، ٽو وچي روئڻَ هارڪو
پنجويھين سالَ ۾ ٽو لڳي، جڻ تہ ٻار کو

وعدو تہ، اُن ڏينھن ڪان جيئڻ ڇڏي ڏيو
توکي رهيو نہ مون تي، جڏهن اعتبار ڪو

توساڻ پيارُ آهي، تڏهن ٿي تہ ٽا سھون
الزامَ ڪير ٽو ڪٽي، ايئن هاسڪار ڪو

هُو جڏهن ٽو ملي، تہ لڳي اوپرَن جيان
چھرا ڪٽي ٽو گھمندو وَتي، بيشمار ڪو

ڏُکَ، انتظارُ، خوفُ، تجسس ۽ وري ڏُکَ
جيونُ ٽو هائي برامو لڳي، قسطوار ڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

سدائين آهي جو، هر شخصَ ڪان وِساريو ويو
”اياز“ تُهنجو سو، توڪان بہ ڪين ساريو ويو

عجيب رنگَ، عجب ڍنگَ، تُهنجي دنيا جا
جو دشمنيون نہ هيون، دوستيءَ ڪي ماريو ويو

سدائين دردَ اَچي دل ۾، دِل وڌائي تا
سدائين سُورَ سهي، تينهنُ آ جيئاريو ويو

اسان ڪي ڪين تا چاهيو، اسان ڪان نفرت تَوَ
اسان جو نانءُ پوءِ چو؟ تنڊَ ۾ پُڪاريو ويو!

سدائين رُتندا ءِ رُڪندا رهياسي راتين جو
اوهان ڪان ٺارَ ٿي، آهي اٿين گذاريو ويو

جڏهن بہ قُرب پِنڻَ، تهنجي دَرَ تي آياسي
ڪڏهن دبايو ويو آ، ڪڏهن ڌِڪاريو ويو

سدائين گهُنجَ وجهي ٿي، ڏِنو ويو مون ڏي
ڪڏهن بہ ڪين آ، پُلجي ڪِلي نِهاريو ويو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

وِڇڙڻَ ويلي لُڙڪنِ ۾، هر سپنو وَهي ويو
سوچيان ويٺو هاڻي، تُنهنجو چهرو ڪيئن هيو؟

"هُوءَ هلي وئي، اسان تہ توکان ڌارَ نہ ٿينديون سي!"
ياڪِي پائي مونکي، تُنهنجن يادُن رات چيو

خطُ لکيئہ، پوءِ فون ڪيئہ، اڄ پاڻ َ هلي آئينءَ
وِسريل ماڻهو ڪيئن آلائجي، توکي يادِ پيو؟

ڪيرُ ونڊيندءِ، روز وڇين ٿو دردَ وڌائيندو
پنهنجي پاڻ کي معاف ڪري ڇڏِ، هاڻي يارَ ٿيو!

او منهنجون خوشيون!، او مُنهنجي نيڻن جا سپنئو!
مونکي آخر پاڻ کان ايڏو، ڇو ٿا دُور ڪيو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

مون سان اَڪثر ٿو ملي، هاڻي پراوَن وانگي
هُو بہ ٿيندو ٿو وڃي، جڻ تہ عذابن وانگي

مُنهنجي هر ڳالهہِ جو ڪنڌُ، هيٺ سدائين جُهڪيلُ
هُن جو هر عملُ عدالتَ جي سوالن وانگي

شهرُ ماڻهن سان پريل، ڪوبہ خريدار نہ پر
لُڙڪ پنهنجا بہ ٿيا، سنڌي ڪتابن وانگي

مُنهنجي واتان تُنهنجوئي ذڪرُ، سدائين نِڪتو
ذهن تي يادِ رهين، ڪئيلَ ثوابن وانگي

پاڻ کي پاڻ ٿي، سوچڻ جو ڪيوسي بيمار
پنهنجو جيونُ بہ هيو هونئن تہ ڳلابن وانگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ياريون، رَسَ - رهاڻيون پيارا!
ساريون قُربَ - ڪهاڻيون پيارا!

هرَ هرَ يادِ اچي جي تُنهنجي
ڪاتئون ڳوڙها آئيون پيارا!؟

تُنهنجو پيارُ ڪتابَ، هي ڪمرو
پنهنجي دنيا جاڻيون پيارا!

توکان، مون کان اهم نہ آهن
هي راجا، هي راڻيون پيارا!

تُنهنجا تهڪَ سنيالي رکنديون
يادون ڳوڙهن - هاڻيون پيارا!

خولَ متان هڪ خولُ نئون آ
چهرا ڪيئن سڃاڻيون پيارا!

آءُ تہ لُڙڪَ اُگهان مان تُنهنجا
آءُ تہ مُرڪون ماڻيون پيارا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

هُلَ رڳو هنگاما آهن
ماڻهو سچ پچ ڊراما آهن

جيونَ ۾ پرچاوَ نہ ايذا
جيڏا يارَ! رُساما آهن

هڪ بہ خوابُ سلامت ناهي
نينڌَ تہ ناهن، ڪاما آهن

سوچُون ننگي پيرين آهن
ذهنَ تَتَل جن ٽاما آهن

جيونَ جي اڪائيءَ ۾ ڏُکَ
فُل اسٽاپ ۽ ڪاما آهن

شاعرَ جا دنيا جي نالي
شعر محبت ناما آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

پنهنجو ڪوئي ڪمال ناهي مِني!
پيار ڪي ٿي زوال ناهي مِني!

جڳ جي ڪيتري آهي پرواهه!
توکي مُنهنجو خيال ناهي مِني!

جنهن جو ڪوئي جوابُ ڪين هجي
اهڙو ڪوئي سوال ناهي مِني!

پَرجي سگهندو نه، توکان وِڇڙي ڪڏهن
جهڙو تهڙو ته خال ناهي مِني!

توڙي ڪجهه پي نه آهي، هٿ وَس ۾
پوءِ به سپنن جو ڪال ناهي مِني!

جن به نيڻن ۾ نينهن پَلجي تو
تن جو ڪوئي مثال ناهي مِني!

تون مليئه، جڳ ڇڏي وڃي پل ته
هاڻي ڪوئي ملال ناهي مِني!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ڍاهي هٿَ جون سڄيون لڪيران مان
ياڳَ جي شهرَ مان تو تَڙجان مان

تُنهنجي گهرَ جي تلاش ناهي دوست!
پنهنجي گهر کي پيو تو ڳوليان مان

زندگي قيد جڻ ٽِڪُندي ۾
جڳُ مون کي ۽ توکي چاهيان مان

خوفَ جو خول لاهي، اُجلائي
شهرَ جي گوڙَ ۾ تو نِڪران مان

جڳَ کي جو وَٽي ڪري مونکي
نيڪ آهي غلط تو سوچيان مان

اَڄ بہ ڪلهہَ جيان اُداس ۽ تنها
تُنهنجي گهرَ جي اڳيان تو گُذران مان

شالَ اهڙو بہ ڏينهن اَچي جڏهن
توکي ڪنهن گيتَ وانگي ڳايان مان

سچَ جو موت ڪوئي ٿيٿو آ!!؟
ڏِسُ نٿين تاوَ سان تو اُيران مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

سجَ لهندي جو ڪو منظر آهيان
مان انڌيري ڳلِيءَ جو گهر آهيان

ڪالهہ يي دردَ ٿي هئا، اڄ يي
ڪنهن اُداسيءَ جو مُنتظر آهيان

تُنهنجي يادُن جون پناهَہ- ڳاهون مليون
هاڻي هر خطري کان ٻاهر آهيان

هُن جي ورثاءَ مان لڳي ٿو جڻ
ماڻهو ناهيان، مان ڪو پٿر آهيان

مُنهنجي جذبن جو چو خيال ڪندينءَ
ڪهڙو آخر مان معتبر آهيان

دردَ ٻارن جيان ٿا رانديون ڪن
پَڪَ سِري گهرَ جو پڌر آهيان

هر عبادتَ آ، منهنجي اندر ۾
مان ٿي مسجد، مان ٿي مندر آهيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ڳالهہ، ڇڏيو ٻي مرهمَ جي
غم ٿي دوا، پنهنجي غمَ جي

پنهنجو ڪوئي ڏوهہُ نہ آهي
يوڳيون پيا ٿا آدمَ جي

وَبا جيان ڦهلي جَڳَ ۾
ڳالهہ، اسانجي سنگمَ جي

هُوءَ تصويرَ بہ سونهنَ ٻٽي
ڪنهن ٻٽي جيونَ- البمَ جي

تُنهنجي پيي جي ڪم نہ آئي
پوءِ حياتي ڪنهن ڪمَ جي؟

ڪهڙا حالَ پُڇين تو جاني!
روزُ ڏهين آ محرمَ جي

هر پَل دِل جي سوڪَهڙي ڪي
آسَ رهي ٿي آگمَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

هر گهڙي دردُ نيارو آهي
تُنهنجو مُرڪڻ ئي سهارو آهي

تيز اُس ۾ بہ ڇانوَ جو احساس
تُنهنجي گهرَ جو پرين! چارو آهي

مُنهنجي مَنَ ۾ آهي طوفانُ مَتل
تـوڙي هر ماڻِ نظارو آهي

تُنهنجي اکڙين ۾ بہ نفرتَ مون لئہ
هاڻي مشڪل ئي گذارو آهي

پاڻَ وٽ لُڙڪ رکُو پنهنجا هِن
هر ٽهڪُ دوستَ! اُڌارو آهي

هُن ظالمِ کي بہ مون کان ئي سواءِ
باقي هر شخصُ ئي پيارو آهي

هيتري جڳَ ۾ اَڪيلو چُپ چُپ
گُل، پِرهہَ جو جيئن تارو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

غمَ، گهايلُ ڇڏيو ڪري سائين!
آءَ تون، هاڻ ڪو نَري سائين!

نَڪو سُر آهي ۽ نَڪا سُرهاڻ
ساهہَ ۾ باھِ تي ٻَري سائين!

تي سگهي تو مرڻ جي ويجهو پرَ
ڪوبہ ڪنهن لئہ نٿو مَري سائين!

يادِ ڪنهن بيوفا جي راتين جو
ذهنَ ۾ زهرُ تي ڀري سائين!

وقتَ آهي ڏنو سهارو جو
توسواءِ ڀي پٺي سَري سائين!

مُنهنجي خاموشِ زندگيءَ ۾ اڄُ
ڇَڄَ ڳالهين جا ڪي ڀري سائين!

حالتُن جي سمونڊَ ۾ پيو تو
پيارُ پنهنجو ٻُڏي، تَري سائين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

اجنبين وانگي ملياسي تون، مان
نہ رُناسي، نہ کِلياسي تون، مان

ساڀيا جو نہ ڪوئي روپُ مِليو
سپنا، سپنا ئي رهياسي تون، مان

زندگيءَ هيءَ جُوئا بہ هارائي
آخري داءُ هياسي تون، مان

جيئن افسانو ڪو عُنوانَ بِنان
تيئن اي دوستَ!، تياسي تون، مان

لُڙڪَ تہ ڪوڙَ وهيا، وَهندا رهيا
صرف مُرڪي نہ سگهياسي تون، مان

ڪيئن هڪٻئي کي سهارو ڏيون ها
هڪ ئي وقتِ ڪِرياسي تون، مان

جڳَ جي اڪ ۾ سدائين جڻ تہ
ڪَکَ وانگي ها پياسي تون، مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

دردُ کو جنهن ۾ ناهي دوستَ!
سا دِل پٿر آهي دوستَ!

مُنهنجيءَ دل ۾ پيارُ آ تنهنجو
تُنهنجيءَ دل ۾ ڇاهي دوستَ؟!

جيونُ سُهڻو تي پوندو آ
کو جي ڪنهن کي چاهي دوستَ!

ڪوڙين قُربَ اوهان جا آهن
ڪهڙا لاهيون، لاهي دوستَ!

ياگَ تہ پنهنجي وَسَ ۾ آهن
ڇڏبا ڪنهن ڏينهن ڏاهي دوستَ!

سچُ تہ پٿرَ تي لِيڪو آ
ڪيرُ اُنهيءَ کي ڊاهي دوستَ!

ميريءَ قاتلَ جهولَ ۾ مُنهنجي
هڪڙو ٻي گُل ناهي دوستَ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

لُــڙڪَ ھــا، گيتَ ھــا، گُلابَ ھئــا
صرف پــاڳــل اکين جا خــوابَ ھئــا

اسان ۾ دوستَ!، برابر گھٽيون ٻُرايون رِھن
ڪتي چئون ٿا، اسان تي لَٿا ڪتابَ ھئا

مان تُنھنجي شھرَ جي جنت مان، نيٺ تَڙجي ويس
گھٽائي ڪاتي ۾ توڙي، سندم ثوابَ ھئا

اکيون، رَويو، چھرو ۽ لَھِجو ٿي بدليل
عجيب طرح سان، ورتا ويا حسابَ ھئا

عُمر گذاري ڇڏي سي، جوابَ ڳولڻ ۾
مِليا جي ماڻھو، سمورا ئي لاجوابَ ھئا

ھر امتحان ۾ ناپاس ٿي رھيس تيندو
بدلجي سارا حياتيءَ جا ويا نصابَ ھئا

اسانکي دوست ئي سمجھي نہ ھا سگھيا، ھونئن تہ
نہ ڪي رڏون ئي ھيون ۽ نہ ڪي ربابَ ھئا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

چو بدلجي ٿي وڃين تون ڪَنَ ۾
ڪُجھہ ته ويساھُ ڪجي ساڄَن ۾

دردَ آھن جوَ ڪُٽڻ جا ناھِن
دوستَ گھاريون ٿا پيا موجَن ۾

تُنهنجي باري ۾ غلط ڳالھِ ٻڌي
باھِ ڪائي ٿي لڳي جڻ تَنَ ۾

جڳَ وارن ڪان ڊڄڻ ڇا جو آ؟
ڪا بُرائي ته ڪين آ مَنَ ۾

تُنهنجي ناتي تہ جيئون ٿا جاني!
ڪهڙي آھي خوشي ھي جيونَ ۾؟

قُربتون، فاصلا ۽ تُنهنجي يادِ
رنگ ڪيڏا ڀَرِن پيون فَنَ ۾

گُلَا! سدا سوچَ ۾ رهين گُمر سُمر
ايڏو سنجيدو، ٿي نہ جوڀَنَ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

تُنهنجا ڳوڙهن سان يارَ! آلا نيڻَ
دل تي ٻڏجي لڳن ٿا ڀالا نيڻَ

پيارا پرچن روئَنِ، رُسن بہ روئنِ
نينهن وارنَ جا هِن نرالا نيڻَ

ڪنهن کي چاهِن تہ پيارُ اوتنِ ٿا
ڪنهن سان اٽڪنِ تہ ڄڻ جوالا نيڻَ

ڪِن جون اکڙيون اندڙيرا، ڪاري راتِ
ڪِن جا چاندوڪيونِ، اُجالا نيڻَ

توکي سارنِ، روئنِ، تَڪنِ راهون
ڪهڙا ڪهڙا ڪدين ڪشالا نيڻَ

آھ پيتي ٿٿي نَشو جي ڏِسين
تُنهنجا هِن مَڌُ جا پيالا نيڻَ

آءِ چاهيان تو سي چُمڻ جيڪي
سندُ جي سِڪَ جا حوالا نيڻَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

گوري رنگَ رنگيلي آهي
جڻ چٽنگائي تِيلي آهي

هڪڙي تُنهنجي ئي خاطر مون
ڏني دُنيا کي تِيلي آهي

ٻن دلين جي ڪاڻِ جُدائي
ڪيڏي نہ زهريلي آهي

هر هر ڪينءُ، هرهر ڪينءُ
ڪيڏي ذاتِ هٺيلي آهي

اڪثرين اُپ تي آڳمَ ڇانيا
موسمَ جي تبديلي آهي

ڏسي اسان کي مُنهن تا قيريو
اها تہ صاف بخيلي آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

سنگ ساٿي نہ ڪوئي، نہ ٻيلي آ
زندگي جڻ خُدا جيان اَڪيلي آ

مُنهنجي سوچُن کي ٻوڙي وئي پاڻَ ۾
سونهنَ تُنهنجي، پرينءَ، جڻ ڦُليلي آ

مُنهنجي ڪَوتا ڪان منڙاءَ، گهٽي معتبر
تنهنجي وارنِ ۾ اَٽڪيل چنبيلي آ

دردَ دل کي چُٽيندي رهي ٿي سدا
تو سواءِ هر گهڙي جڻ ڳُليلي آ

هڪ شاعرُ ۽ خوشيون، لڳي ٿي نٿو
پوءِ بہ چاهي ٿي مونکي، ڳهيلي آ

چارئي پهر ڳِڙڪيءَ ۾ اَٽڪيل اکيون
ڏارَ ٿي ڏارَ ساري حويلي آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

تون ۽ مان هڪ ٻئي کان، هٽاسين جُدا
مُرڪندا ئي رهيا وچَ جا فاصلا

هٿ پابند ۽ چَپَ، چُپ چاپ ها
ذهنَ ۾ لفظَ سُڏڪا ڀريندا رهيا

وقتُ مون کان کَسي جو ٻہ کَسٽو آٽس
تُنهنجي گهر ڏي وڃن پاڳَ جا پيچرا

سُکَ سپ کُجھ وِساري سُتا ئي رهيا
ڏينهن جاڳيو تہ سپ دردَ جاڳي پيا

هن ڏرتيءَ مٿان ايتريون رونقون
دل ۾ ويرانيون!!، ياخدا! ياخدا!!

ڪيڏيون مصنوعيتون زندگيءَ ۾ هيون
هڙَ مُرڪون ٺڪيون، ٺهڪَ ٻي کوکلا

موسمن جي بدلجڻَ جي، ايئن سُڌِ پئي
ڏوڙ اُڏندي رهي، گُلَ ڇڻندا رهيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

جڳُ ٻُڌندو تہ ڪيئن ڏيندو ملڻُ
ايترو زورَ سان تہ نانءُ نہ کڻُ

باکَ جي ڦُٽڻ جو ڏِسي منظر
يادِ ڪنهن جو اچي ويو مُرڪڻ

ڪيترو پُرخلوص آهين تون
شهرَ ۾ ياد تو آچي واهڻ

هڪبئي کي ڏِسون تہ مُنهن ڦيريون
شالَ اهڙو ڪڏهن نہ ٿي گڏجڻ

موتَ کان زندگي ڏي آهي سفر
تُنهنجو مون کان رُسڻ، رُسِي پرچڻ

او پرين! زندگيءَ جو هر هڪ پل
تُنهنجي شاديءَ جو ڪارڊ آهي چڻ

گُل وِکريل هجي تہ بہ خوشبوءِ
ء هو پا ں آهي تہ بہ پاهڻ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

تُنهنجي ڳليءَ جا ڦيرا هوندا
ڏينهن ۾ ڏهہ ڏهہ ڦيرا هوندا

تون جي ايندين ڳـُـھ تي ويندا
توڙي گهور اَنڌيرا هـونـدا

جن کي توسان نفرتَ هوندي
ڏاڍا مَـنَ جا ميرا هـونـدا

جيئن جيئن راتِ ڍڳهي تي سمجهو
ويجها پـکَ سويرا هـوندا

گـوليـہ جـا آواز فِـضـا ۾
اُجـڙيا کـي آکيـرا هـوندا

ذهنُ جي ڦاٽو، ڦاٽل رهندو
يادِ جا سوڳها گهيرا هوندا

ڳـلَ اُنهن جايـن تي تِـڙندا
جاتي تُنهنجا پيـرا هـونـدا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

پِرت جا پيچَ کي پاڻ گھُرجن
پاڻ تي لوکَ کِلائڻ گھُرجن

ڪنهنجي هک مُرکَ تي وِکٽي چڏجي
مَنَ جا مولَ گھٽائڻ گھُرجن

ڪڏهن هُن کي بہ وِساري چڏجي
ڪڏهن تہ خيالَ مَنائڻ گھُرجن

سونهن جي نانوَ تي جھُڪجي سائين!
نينهنَ سان نينهنَ نِيائڻ گھُرجن

لُڙڪَ اکڙين جا وجن تا سُڪندا
کي نوان دردَ پِرائڻ گھُرجن

ڪيسين راهُن جي ڏکيائي سَهبي
چوندي سب پَهنَ هٽائڻ گھُرجن

يا ڪَرائُن ۾ چوڙيون وجهجن
حوصلا يا تہ وڌائڻ گھُرجن

پل تہ آنڌين سان وڙهن ۽ وِچڙَن
پاڻَ کي ديپَ جلائڻ گھُرجن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

پلَ پلَ جو عذاب چاهي ٿو
مَنُ ڏاڍو خراب چاهي ٿو

هُن جو هر هڪ عمل ٻُڌائي ٿو
مون کي هُو بي حساب چاهي ٿو

پيارَ جي موٽَ، پيار ڏي تون ٻي
هرڪو جذبو جواب چاهي ٿو

پياسَ آهي وري لڳي گهڻَجڻَ
ذهنُ ڪو نئون سراب چاهي ٿو

پنهنجي جيون ـ ڪتابَ ۾ هرڪو
ڪوئي رنگين باب چاهي ٿو

مون کي لائي گُناهہَ جي رستي
هرڪو ماڻهو ثواب چاهي ٿو

ڪيرُ هَٿُ تو وڌائي ڪَنڊنِ ڏي
دوستَا! هرڪو گلاب چاهي ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

کيڏا لُڙڪَ لَڙيا آهن
منظرَ ڏُنڌلا ٿيا آهن

ڏُور وڃڻ چاهيم توکان
راهُن پيرَ جهليا آهن

راتِ سڄي رستن تي رُلبو
دروازا بند پيا آهن

اڄُ ٿي تون بدليو آهين ٔ
اڄ ٿي دردَ مِليا آهن

تُنهنجي ناتي سان مون تي
هر ڪنهن ڏوهہَ مڙهيا آهن

دائريءَ جي سيني تي وِڪريا
تُنهنجا قول پيا آهن

ساروڻيون، ساٿي ٔ سُکَ
هڪ هڪ تي وِچڙيا آهن

دُنيا کي چِرڪائڻَ وارا
پاڇَن کان چِرڪيا آهن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

زندگي ڪربلا وڃي ٿيندي
هر دُعا، بَددُعا وڃي ٿيندي

پنهنجي بي حد حِساس طبيعت ئي
پنهنجي لئہ ڃڻ سزا وڃي ٿيندي

جنهن تي ورتو وَفا جو قَسم اُها
پاڻ ئي بيوفا وڃي ٿيندي

توري توري، گهَڙي جهَڪائڻ تي
هوريان هوريان خُدا وڃي ٿيندي

مُنهنجو اگهہُ روز تو وڃي گهٽبو
۽ هُوءَ بي بَها وڃي ٿيندي

هُوءَ ملي پي تہ، ايئن ٿي محسوس
ڄڻ تہ مون کان جُدا وڃي ٿيندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

هيڪل دل ويچاري آهي
چوڏس چوراڪاري آهي

سُندر سپني جهڙي چوري
سوچُن تي سوياري آهي

رڳو اسان وٽ آهي حياتي
سا يي يارَا! اُڌاري آهي

ياد اوهان جيءَ ساڻُ سَجي دل
تي پٽي سُندر ناري آهي

اُپ ۽ ڌرتي مِليا اُفقَ وٽ
ماريو!، ڪاروڪاري آهي

دل سان پنهنجي ييٽي ناهي
توبَهن، توبَهن زاري آهي

سُهڻا سائين!، اسان اوهان جي
ڳالهه ڪڏهن ڪا ٽاري آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪا ڳالهہ چئي هئي ڪلهہ مون
اڄُ سا جڳَ اُچاري آهي

نيٺ گُلن سان پربي جيڪا
پنَ چَڻ چاڻي ٽاري آهي

مُنهنجي سهڻي، سادي سنڌڙي
جڳَ سڄي تي ڀاري آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

دردَ اسان جي هانوَ ڏي، هَٽ وڌايو پئي
پاڻَ ٻئي خاموش هُياسي، ڳوڙهن ڳالهايو پئي

تُنهنجي اکڙين هوريان هوريان، ايئن ڪيو سوگهو
جڻ ڪنهن ماريءَ جارَ ۾، پَنچي ڦاسايو پئي

هڪڙو ڏاڍو پيارو منظرُ، راتِ ڏٺو هو مون
اڪِ ٻئي تي تارنِ ۽ چندَ لڄايو پئي

سنڌُ جي سُورن جون ڳالهيون پئي فنڪشنَ ۾ هليون
دل ئي دل ۾ ڪيڏن ماڻهن ۽ شرمايو پئي!

تَنهن وٽ تُنهنجنِ يادُن جا سَوَ سورجَ هوندا پڪَ
راتِ جي پهرين پهَر ۾ ئي جنهن، ديپ اُجهايو پئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

مُنهنجي سوچن تي نہ ڏاڍو آهي
اهڙو خالي نہ ڍِهاڙو آهي

تُنهنجو مايا ڏي جو لاڙو آهي
پنهنجي پيرنِ تي ڪُهاڙو آهي

ٻاهران ڪيڏو نہ ڏکيل آ، ماڻهو!
اَندران ڪيڏو نہ اُگهاڙو آهي!

پيارَ جنهن جي تي ڪَجنِ تا پٽڙَ
هي اُنهيءَ شخصَ جو پاڙو آهي

تَنهن جي شعرنِ ۾ ڪتان سوزُ اچي
جنهن جو اندر ئي ٻاڙو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

دردُ ياڪُرَ پري بہ مرڪيو مون
ٿَڪَ ڏٺي سُک مگر نہ پاتو تون

هر دفعي هڪ نئون تجربو هو
ڪاوڙياسون جڏهن، ۽ پَرتاسُون

مُنهنجي چاهتَ جي ثابتي آهن
دائري، فونَ، خطَ ۽ تارون

زندگي دوستَا، آهي واڇُوڙو
پاڻ جڻ ڪَکَ پَنَ جيان آهيون

تُنهنجو هر ڏينهن آ ڏياريءَ جيان
۽ انڌيرا اسانجون ميراثون

ڪوڙَ ڪيڏا وڏو ٿي ڳالهايئين!
زورُ سچَ تي هيس نندي لاڪُون

اڄ جي سنڌ جو لِکو اتهاس
ڏَپُ، زخمي بَدنَ، ٻُسيون ٻانهون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ڪيڏا ناڪام ٿي ويا آهيون
صُبحَ مان شام ٿي ويا آهيون

تُنهنجي دل تان لهي اسان سائين!
هاڻي گُمنام ٿي ويا آهيون

هرڪو ماٺهو اٿين تو دُور رهي
ڇڻ تہ الزام ٿي ويا آهيون

تون، مان مُرڪي مليا هئاسي بس
مُفت بدنام ٿي ويا آهيون

سونهن، سِڄ ۽ سُگنڌ جا جڳَ ۾
پاڻَ پيغام ٿي ويا آهيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

مان هيس درد – غفائن ۾ گُم
تون هئين پنهنجي آدائن ۾ گُم

پنهنجو تختو ٿي ويو اونڌو تي
هو هيو لوڪَ لجائن ۾ گُم

ڪيتريون معاف ڪري، معاف ڪنديءَ
پنهنجو جيون ٿي خطائن ۾ گُم

ٿي وئي آهي سدا ليڪي مهلَ
هر وفا پنهنجي جفائن ۾ گُم

جي ڪِريل هٿَ ڪجيا، ٿي ويندو
ماڻِ جو شهرُ صدائن ۾ گُم

اَڄُ، ڪجهه عملَ جي دُنيا ۾ مني!
ڪيسين رهنديءَ تون دعائن ۾ گُم

پنهنجي ڏيئن کي سنڀالي رکجانءِ!
ٿين نہ تيز هوائن ۾ گُم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

حادثن جا شڪارَ ٿيندا وڃن
ماڻهو جي بُردبارَ ٿيندا وڃن

آئينن جي اڳيان اَچي چهرا
پاڻَ کان شرمسارَ ٿيندا وڃن

ڪالهه هڪڙو ئي هٿُ ڪچيل هو اڄُ
هڪ، ٻہ، سوَ، هزارَ ٿيندا وڃن

همتون چو جوابُ ڏينديون وڃن!؟
منزلون، رهگذارَ ٿيندا وڃن

توسان ملندي جي پنَ ڇڻَ ٻہ هجي
ايئن لڳي ڄڻ بهارَ ٿيندا وڃن

هِڪ سڪُ لاءِ سؤ دفعا روئڻ
ٽهڪڙن جا ڏُڪارَ ٿيندا وڃن

وحشتُن جي ٻہ انتها آهي
خوابَ، اکڙين کان ڌارَ ٿيندا وڃن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

نينهنُ ساڳيو، نہ نگاهون ساڳيون
ڪيئن رهنديون اُهي ٻانهون ساڳيون

تون ۽ مان دوستَ! بدلجي وياسي
پر نہ بدليون، اُهي راهون ساڳيون

پيارَ جو سفرُ شروع ”آهَہ“ سان ٿيو
۽ رهيون پوءِ وچي آهون ساڳيون

جن ۾ سپنن جا متلَ ميلا ها
هاڻ هيڪل سي نگاهون ساڳيون

اڄُ بہ مهراڻُ سڄو مِياڻي آ
لاٽَ جون ٻاٽَ تي ڪاهون ساڳيون

هيءَ ڏکهي راتِ سهي، ڪٽندي ضرور
درد رهندا، نہ ٿي دانهون ساڳيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

سُورَ سهڻ جو ڪو ساهَس
ناهي دنيا!، بس ڪر بس

اَڄڪلهہ پنهنجو جيونُ ايئن، جيئن
بين وڳي ڪان پوءِ ڪئمپس

پنهنجو پنهنجو پارٽ ڪيون پيا
دنيا هڪڙي آ، سرڪس

پاڻ تہ پيارُ ڪندا رهنداسي
هُن تي پنهنجو ڪهڙو وَس

هُو جو مون سان ملندو آهي
ماٺهو ٿيندا هن جيليس

منهنجي دِل جي اونداهُين ۾
تُنهنجي پيار ڪئي چوڌس

تنهنجي ذڪر بنا هِن پيارا!
ساريون ئي ڳالهيون بوگس

پيارن ماڻهن جي سامهون گـُل
تي ويندو آهي بيوس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

مون لئہ پتر جا ماٺھو
پنھنجي ٿي گھر جا ماٺھو

تون جي گڏ آھين مون سان
ھڪڙيءَ نوڪر جا ماٺھو

ڪھڙي اُجري ڳالھہ ڪندا
ميرا اندر جا ماٺھو

تون بادل ۽ يارا، آسان
جھروڪر ٿر جا ماٺھو

جذبن کان ٿي خالي آھن
جھڙا ڪاڳر جا ماٺھو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

تُنهنجي سامهون آ، جهڙو حال آهي
باقي چَرئي تيڻ ۾ سال آهي

خالُ آهي، رڳو سوال آهي
ڇهري ڇهري تي ڏس زوال آهي

جو نتي تي وڃين پلا مُنهنجي
توکي ايڏو اگر خيال آهي

گهٽَ، پوستَ ۾ جيئرا ماڻهو!!
بس سڄو پيٽ جو ڪمال آهي

جو بہ ڪُجهہ تي رهيو آ، دنيا ۾
طاقتُن جو نندو مثال آهي

توسان تُنهنجي ستم جو ذڪر ڪيان!
مون کي اهڙي ڪتي مجال آهي

تُنهنجي ڪاوڙِ تہ مان سَهي ويندس
توکي روئندي ڏِسڻ محال آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

پيارَ جو ديپُ، جلائي ڇڏبو
لنئون ڪنهن ساڻُ تہ لائي ڇڏبو

تُنهنجي ڳولا ۾ پرين! هيو تہ نَهيو
پاڻُ پنهنجو بہ وڃائي ڇڏبو

تُنهنجي راهُن تان ڏُکن جو پيرو
پنهنجي راهُن ڏي مَٽائي ڇڏبو

دوستَ! هڪوار ڇئي ڏسُ تہ سهي
توکي روئي بہ کلائي ڇڏبو

دردَ، ديوانگي، يادون تُنهنجون
دل کي ڪنهن سان تہ سَجائي ڇڏبو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ڇُپ جي ديوارِ کي ڍهڻ گهُرجي
ڪجھ ٻُڌڻ گهُرجي، ڪجھ چوڻ گهُرجي

پيارُ اُهڃاڻ آهي جيونَ جو
ڪنهن نہ ڪنهن سان، ڪڏهن ڪرڻ گهُرجي

هُن جي مرضي تہ هو رَهي يا وڃي
هُن کي پر وڃڻ کان، جهلڻ گهُرجي

جڳَ وارن جي لَڇا بيشڪ ڪرِ
ڪڏهن تہ بہ ملڻ گهُرجي

هڪٻئي تي رهي نہ جي ويساهُ
دوستي اهڙي پوءِ ٽُٽڻ گهُرجي

ڪوبہ رستو نہ بيو سُجهي جڏهن
پنهنجي گهر ڏانهن تڏهن وڃڻ گهُرجي

ڏُوڙ ٿي ڏُوڙ تي ويو جيونُ
هاڻي بس ماڳَ کي ملڻ گهُرجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

تون تي چوندين ڪنوَلَ
لُڙڪَ مون وٽ اَجهلَ

مُرڪبو ئي ڪڏهن
واندڪائيءَ مَهل

دردَ آهن ملِيا
تورَ ڪان ئي اُٿلَ

رات ڪاريءَ ۾ هِن
تنهنجون يادون مشعلَ

روزُ ملندينَ جي تون
روزُ لکبا غزلَ

تُنهنجو چهرو قُرآنُ
مُنهنجا هٿڙا رحلَ

نانءُ تُنهنجو ٻُڌي
هانوَ ڪاڏي اُڇلَ

ڪهڙا ليکا ڪجنِ
زندگي چار پلَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تون بہ ڏوهي هئين
مان بہ ڏوهي ”سچلَ“ !

سوچُون سَهڪنِ پيون
ذهنَ آهن ٿڪلَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

نڪو ساٿُ مون سان ڏئي ٿي سگھين
نہ ئي ساڻُ ٻئي سان سَهي ٿي سگھين

وسارڻَ ڪان اڳ ۾ هي سوچين تہ ها:
"يلا ڌارَ مون ڪان رهي ٿي سگھين؟"

محبت تہ ظاهر ٿئي، ڪيئن ٿي؟
نہ ٿي ڪجھہ چوڻ ڏئين، نہ چئي ٿي سگھين

هجومن ۾ ايڏو نہ ٿيو آهيان گُم
جي چاهين تہ مون کي لهي ٿي سگھين

حياتي! عجب ڪشمڪش ۾ وڌئي
ڊهين ٿي نَڪو تون، نهي ٿي سگھين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ديوي! دل ۾ يادون تُنهنجون، مَنَ ۾ تُنهنجي مورتَ آهي
دل ۾ پيارَ جا ديپَ جلائي، پُوڄاريءَ جيان پوڄيان وينو

تون جي آهين سڀ ڪجهہ آهي، توبِن جيونُ، جيونُ ناهي
گيتن منجهہ سي سورَ سمائي، شاعرُ بڻجي ڳايان وينو

هيڪل هيڪل مَنُ هي مُنهنجو، تنهنجي اَچڻ جي آسَ لڳائي
دوکا روز نوان ڏئي دل کي، نيڻين ننڊَ ڦِٽايان وينو

پرواني جيان پريت آ مُنهنجي، جنمَ جنمَ ۾ جلندو رهندس
تُنهنجي ڪارڻ ڏياٽيءَ وانگر، جيءَ کي روز جلايان وينو

”گُل“ بڻجي مون ڳوليو توکي، باغَ باغَ ۾، پريتم پيارا!
سجَ اُيرڻ سان نير بڻائي، ماکَ ڦڙا برسايان وينو

(زندگيءَ جو پهريون غزل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

دردَن سان دوستي ڪرا
راهُن ۾ روشني ڪرا

موت سانُ دوستيءَ ۾
ايذي نہ دُشمني ڪرا

هُن سان ملڻ جو سوچي
سُرهاڻ زندگي ڪرا

او سونَهن! مُنهنجي دل تي
اڄُ وارُ آخري ڪرا

هُن سان گُذارِ پنهنجي
ياڳن تي شاعري ڪرا

سنڌُ جو ڪرين ٿو سودو؟!
تنهن کان تہ خودڪشي ڪرا

ٿورو ٿون جاڳُ ۽ پوءِ
جيئڻ جي خاطري ڪرا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

نيڻَ نيڻن سان مِلي، ايئن مُرڪيا
ٻہ رُنلَ جڻ تہ پاڻَ ۾ پرچيا

تارا تارا، هو ذهن جو آڱُر
تُنهنجي يادُن جا ڪيئي چنڊَ چڙهيا

شهرُ دل جو سڄو ٿيو خوشبوءِ
ٽهڪَ تُنهنجا گُلن جي مثل ٽِڙيا

ساڀيائون ڪَسي وئو پل جي
ڪين سگهندؤ ڪَسي مگر سپنا

تُنهنجي نيڻن کان مُعتبر ناهِن
ڪنهن مُقدس ڪتابَ جا صفحا

تُنهنجي پيرن ۾ هئي لڳلَ ميندي
مُنهنجي گهر جا تہ ها ڪُليل رستا

روشني جهيڻي جهِيڻي ٿيندي وئي
ٔ وڏندا وڃن پيا پاڇا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ڪاتا تي رکيون هيڏا، جي مُنهنجي خطائُن جا
دَرَ بند رکيا تي چو، پوءِ جان!، سزائُن جا

گهرُ ناهي جي مونکي تہ، اَچرج ٿو ڪرين ڇا جو؟
گهرَ هوندا ڪٿي آهن؟، خوشبوءِ جا، هوائن جا!

سڀ ديپَ - اُجهيلَ راهون، خاموشي ۽ چوڌاري
سڏُ، پيرَ چُمي موٽيا، پنهنجن ئي صدائن جا

ها دوستَ!، اسانجي تہ، نالي سان ڳنڍيل آهن
ڪجهہ پيارَ ڪرڻ جا ۽، ڪجهہ ڏوهہَ وفائُن جا

بارود، بُکون، باهيون، هي ظلمُ، جبر، وحشتَ!
ڌرتيءَ تي لکيل ٿورا، ڌرتيءَ جي خدائُن جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

زندگي توڙي جي عذابُ ڪوئي
ناهي پوءِ بہ سندس جوابُ ڪوئي

دردَ اَچ! دَرُ ڪُليل آ دل جو
دوستن سان نہ ڪرِ حسابُ ڪوئي

يادِ جا عڪس ڪجهہ ڇڏي ويو بس
پيارُ تُنهنجو بہ هو خوابُ ڪوئي

صفحي صفحي تي تُنهنجو نانءُ ڏِسان
جي ڪٿان پڙهڻ لئہ ڪتابُ ڪوئي

يادون هروقت پِٽڪنديون ٿيون رهن
ذهنُ آ تي ويو سرابُ ڪوئي

جڳَ وارؤ!، گهٽائي گهاوَ ڏنوَ
خير، هڪ ڏينهن ڪبو حسابُ ڪوئي

گُلَ!، توسان بہ پيو ڪري ليڪا
ماڻهو ڏاڍو آهي خرابُ ڪوئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ڀرپور نگاهُن سان ڏِسي پِي نہ سگهياسي
هڪ دردُ ڪٿي دوستَ!، اوهان سانُ ملياسي

ڪيڏا نہ اداڪارَ وڃون پاڻ پيا ٿيندا
دل ۾ تہ رُناسي پٽي، ٻاهر ٿي کِلياسي

سڀ گيتَ، سيئي ٽهڪَ، زماني جي پلوَ ۾
سڀ لُڙڪَ، سيئي گهاوَ، اسان جهولَ جهلياسي

جو شخصُ ملي ٿو، سو پِري زَهرُ اکين ۾
ايئن ٿو لڳي شهر تي ٿي ڄڻ بارُ ٿياسي

هُن ڪان تہ جوابن جون تقاضائون ٿي بيڪار
پنهنجن ٿي سوالن ۾ تہ وِچڙي ها پياسي

اَڄُ نانءُ ڏِنو اُن بہ خزائُن جو اسانکي
جنهن لاءِ بهارن جو ڪو پيغام هياسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

خالَ ئي خالَ زندگي آهي
بس اُداري ئي هر خوشي آهي

مُستقل دردَ هِن، اُداسيون هِن
پيارُ تنهنجو بہ عارضي آهي

تُنهنجي هوندي، آ جيئڻ جو احساس
هونئن هر ڏينهنُ خودڪشي آهي

گهاوَ ڏئي، پاڻ پيي ٿو روئي ڏي
هيءَ نرالي ئي دشمني آهي

ذهنَ جون سڀ ڳليون پيون جَرڪن
تُنهنجي يادُن جي روشني آهي

دل جون ڳالهيون بہ ڪين ٿو سمجهين
ڪهڙي آخر ڪا فارسي آهي؟

دوستَا! مونکي ڇڏي نہ وڃ هيڪلا!
صرف توسان تہ دوستي آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

چمپا! مُنهنجي غزلن کي
پنهنجي ٽوري خوشبوءِ ڏي

دل چاهي ٿي گيتُ لکان
تنهنجي ساگرَ- نيڻن تي

تون يي پترَ کڻُ سانئڻ!
تون يي چريو چئُہ مونکي

ڪوڙُ کيان مان توسان ۽
تون يي مونکي دوکو ڏي

دل ہ روئيندو هوندو
هَو جو مُرکي ٿو وِچڙي

مُنهن ڦيري گُذري ويندو
هائي ڪاٽي گڏبو جي

ڏسجو کيڏو روئي ٿو
هَو جو ايڏو خوش ٿو ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنهن کي ناهي حقُ اهو
مُنهنجي جيونَ سان کيڏي

شالَ ڪڏهن کو ڪمُ پويس
هونئن تہ شايد ڪين اَچي

ذهنُ تہ ٻوڙي ٿي ويندو
يادِ جو درياءُ اُٿليو جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ماٺهو مِنڙا پيارا ووا
جيئن ڪي چنڊَ، ستارا ووا

نينهنَ اسانجيءَ دِل - ڌرتيءَ تي
پَري ڪيا وسڪارا ووا

وقتُ ڪري تو پَڌرا پيارا!!
ماٺهو آچا، ڪارا ووا

جيونَ مون ڪي پي ڪي ڏي تون!
ٻَنِڙي پلَ اُڌارا ووا

نفرتَ، ڪاوڙِ، ٻولَ - ڪڙا چِڻ
پوهَہ جا آهن پارا ووا

جي ڪنهن ڪي بہ پيارا ناهن
ڪيڏا سي ويچارا ووا

سورجُ آهيان، مُنهنجي آڏو
ڪيئن رهن انڌيارا ووا

تورو ڏک مليئي روئي پئين
حيفُ تي هيڏا سارا ووا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ساھہَ ۾ سانديلُ ساجنُ آھي
مُنھنجو سارو ئي ڏَنُ آھي

مَنَ ۾ اھڙا جذبا آھن
جھڙو ھُن جو جوبنُ آھي

توڙي ھُو يي روزُ ملي تو
پوءِ يي ويڳاڻو مَنُ آھي

مُنھنجي چوڌاري اونداھہ آ
ھُن جو چھرو روشنُ آھي

ھوُ يي مون سان ايئن ملي تو
ڄڻ ڪو مُنھنجو دشمنُ آھي

ميڙي ميڙي تَڪجي پيو ھان
ڪيڏو وِڪريل جيونُ آھي

روزُ نَون چھرنِ جي ڳولا
شھرَ جو شايد فيشنُ آھي

ھڪڙي پينگھي ۾ جھُوليا ھون
غم يي منھنجو ئي سَنُ آھي

ڪيڏين صدين تي ڦَھليل آ
توبِن گذريو جو ڪَنُ آھي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

شهرُ اونڌهہ ۾ چو پيو ٻوڙي
پنهنجي وارَنِ کي ڪير ٿو ڇوڙي؟

بيوَفا کان وفا گُهرڻ وارو
جڻ تہ پاڻيءَ تي پيرَ ٿو ڪوڙي

پاڻَ جي تا رڳو مِلون مُرڪي
جڳُ ڪيڏيون ٿو ڪهاڻيون جوڙي

ڪنهن تي ڪائي ميارَ ناهي پرين!
وقتُ ئي ڏاڍو تيز ٿو ڊوڙي

ماڻي شايد وري جُڙي نہ سگهان
دردَ آهي ائين ڇڏيو ٽوڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

تُنهنجي هڪ وينگس واهڻَ!
دِل کي وجهي وئي ڏانوڻَ

هَلڪو سلڪو سُک ڏيو بس
ڪين گهُرون تا خوشيون مَڻَ

عَجب دؤر آ، هاڻِ تہ سائين!
چانوَ نہ ڏين تا، گهاٽا وَڻَ

ڪوبہ نہ جاڳي ٿو جذبو
تُنهنجي آئي يي ساوڻَ!

شهر سڄي تي جادو چانيلُ
سارا ماڻهو پِنڊ ۔ پَهڻَ

اِجهوڪِي آئي رُتِ ۔ بَسنتي
آسَ ڏياري ٿي پَنَ چَڻَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

دل ٿي چاهي، ساري هستي، داوَ لڳائڻ چاهيان ٿو
پاڻُ وڃائي ڀي او پيارا! توکي پائڻ چاهيان ٿو

ماڻهن جا الزامَ سَوين پر، ڪوئي تہ ڄاڻيندو هوندو
پاڻُ پَڏائڻ ڪڏهن نہ چاهيم، پاڻُ وَڃائڻ چاهيان ٿو

هيءُ جو ڪجهہ ڀي آءُ لکان ٿو، ڪنهن تي ڪواحسانُ نہ آ
ڌرتيءَ جو هي قرض آ جيڪو، آءُ چُڪائڻ چاهيان ٿو

سونهن، سچائي ناهي جنهن ۾، ڳالهہ نہ سا ڳالهوڙو آهي
ڌرتيءَ ڪان جا ڳالِهہ الڳِ، سا ڳالهہ پَلائڻ چاهيان ٿو

ڳُم ٿي جنهن ۾، ڏهي وڃن سڀُ، ڳُهگهہ انڌيرا نفرتَ جا
پيارَ جو اهڙو روشن روشن، ديپُ جلائڻ چاهيان ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

پيارُ ئي پيارُ تو گھُرڻ چاهيان
توسان گڏ تو جيئڻُ، مرڻُ چاهيان

تُنهنجو نالو وٺڻ بهانو آ
پاڻَ کي يادِ تو ڪرڻُ چاهيان

هر خوشي توکي ڏئي زماني جي
توکان هر دردُ تو ڦُرڻ چاهيان

آءٌ يادُن جو ديپُ آهيان پرين!
تُنهنجي دلِ ۾ پيو ٻرڻ چاهيان

مُنهنجي منزل اڳي، گھٽي اڳتي
وقتُ آهيان، نتو ورڻ چاهيان

سچَ جي سِچَ جهڙي پيرنِ ۾
ڪُوڙ دنيا جو تو ڏرڻ چاهيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

پيڙا، پُورَ ۽ سُورَ سهيڙي
ڇا ڇا آيسُ موتي ميڙي

پيارَ جو ٻِجُ ڄَڻي دل ــ ڌرتي
هيرَنِ جهڙو هاري ڪيڙي

وقتُ وڏي مرهمُ آهي، پر
يادِ ڇڏي ٿي ڦَٽَ اُڪيڙي

شالَ مان سِڄُ ٿيان جيڪو تو
لهندي ڀي ڳاڙهاڻِ پکيڙي

جڳُ پيو پوءِ جهومي، جنهن تي
سازُ ڪو اهڙو وڄبو ڇيڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ڇا نہ مون سان آهي تُنهنجيءَ سارَ ڪيو؟
مون کي، مون کان ئي اَڇي آ ڌارَ ڪيو

اهڙي حالتَ نفرتون پيي ڪين ڪن
جيڪي مون سان آهي تُنهنجي پيارَ ڪيو

پنهنجي جيونَ ۾ اسان مُنهنجا پرين!
جيڪي ڪيو سو دَردَ جي آڌارَ ڪيو

توکي هيڏو خوش اگر ڏِسجان پيو
هيءَ جادو، يارَ جي اقرارَ ڪيو

ڪُوڙَ سان بينو سدائين پِٽ تي
سچَ کي ڇو هيڪلو سنسارَ ڪيو؟!

سنڌُ سان آهي اٿين ئي ٿيو هتي
جيئڻ هاريءَ سان سدا پوتارَ ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

مصنوعيتَ کان ٻاهر آهي
ماڻهو ڪيڏو دلبر آهي

هُو ٻي مون کان وِسري ويو آ
ڪيڏي مون کي ويسَر آهي

هٿُ مِلائڻ کان ٻي ڇرڪن
مُنهنجو هٿُ ڇڻ ٽُوهر آهي

چهري تي ظاهر ناهي سو
جيڪو مُنهنجي اندر آهي

ڦُٽ - ٻاٽِ تي تخليقون هِن
سامهون خالقَ جو گهر آهي

ماڻهن وِچَ ۾ هڪڙو ماڻهو
جڻ ڪو راجا اِندر آهي

مالڪَ بدران ڳالهائي تو
آخر سچو نوڪر آهي

هُو جو هيڪل ڳيرو آهي
تَنهن جي پويان لشڪر آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

عمرِ کِلندي گُذارجي سائين!
کين روئجي، روئارِجي سائين!

لُڙڪَ حلُ کين هِن مسئلي جو
هانءُ پنهنجو نہ هارجي سائين!

جنهن جي نيڻن ۾ نينهنُ پلجي پيو
سوئي دلِ ۾ ويهارجي سائين!

ڪڏهن پُلجي مِلڻ جي پي تہ ڪجي
کين وعدي تي ٽارجي سائين!

ڪوئي بي موت ئي مري نہ وڃي
ڏوُر ايڏو نہ گهارجي سائين!

پيارَ جي بِيکَ جو گهُري، تنهن کي
کين دَرَ تان ڌِڪارجي سائين!

پيارَ پنهنجي جو ڪُجهہ سهارو ڏئي
ڪنهن جو جيونُ سنوارجي سائين!

صافُ، سچا، سباجها ماڻهو جي
تن تي جيونُ بہ وارجي سائين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هر گهڙيءَ ئي سَنوسين، گهاءُ نئون
ڇا وِساري، وِسارجي سائين!

جي ڪُجھ چاهي ڪو، ڪُجھ نہ ڏيو
زورُ ايڏو نہ ڏارجي سائين!

هلُ تہ اوگُل!، هلي اَڄوڪي راتِ
ڪنهن جي سپنن ۾ گهارجي سائين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

هيٺو ئي نشانو آ
پٿرَ جو زمانو آ

چئبس تہ: آ مجبوري
چوندي تہ: بَهانو آ

هِن پيارَ جي سودي ۾
جيونُ تہ بَيانو آ

ڪُجھ ٿهڪَ، لُڙڪَ، يادون
مون وٽ بہ خزانو آ

مُرڪڻ تي سزا ملندي
نئون حڪم روانو آ

هُن لاءِ سندم نالو
ٻئجي ويو طعنو آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

عجيب مرحلا آهن، اوهان کي چاهڻ جا
گهڙيءَ گهڙيءَ جا، جتن هِن اسان کي ڏاهڻ جا

ڏئي هُو دردَ تو چاهي، تہ مُرڪندو ٿي رهان
نوان ٿي ڍنگ سِکيو آهي، آزمائڻ جا

اُداس توکي ڪرڻ، ڪين تو گهُران بس مان
اٿين تہ مسئلا آهن نہ، ڪي لِڪائڻ جا

اسان تہ ساهہ کان وڌيڪ تنهن تي چاهيو دوستَ!
اوهان کي خيالَ هئا، فاصلا وڌائڻ جا

سڄي حياتي پري پيئي، آهي لُڙڪن سان
مِلو تہ ذڪر ڪيو، هيلَ ڪي ڪِلائڻَ جا

وساري ڇڏجي اوهان کي، اٿين ڪو تي سگهندو
اوهان بہ يارَ! ڀلا آهيو ڪي ڀُلائڻ جا؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

عشقَ عجبُ ئي رنگُ رچايو
تون آئين جڻ ساونڻُ آيو

روزُ اَچي ٿيون ننڊَ ڦٽائن
پنهنجنِ يادُن کي سمجهايو

جذبا ماريا ويا سجدي ۾
يارو! ڪو ڪيڏارو ڳايو

ساري جڳَ لئہ چانوَ ٿياسي
پيارَ حياتيءَ کي ڦهلايو

سچُ پچُ هائي روئي پئبو
هِيسيلَ کي ڇو تا هِيسايو!

هائي ڏاڍي وحشتَ ٿئي ٿي
ائين نہ تکڙا رنگَ مَٽايو

سڀ ڪُجهہ سمجهيو وينا آهيون
ڇا سمجهون؟، ڇاتا سمجهايو!

ديونِ جي وستيءَ ۾ آهيون
باقي ڇا ڪئون تا ڇرڪايو؟

خوشبوءِ ڪين ختم ٿي سگهندي
ڇا جي هڪڙو گُل ڪُومايو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ڪاري دونهين ۾ تي ويا ڪارا
اُجرا اُجرا، سچا سُندر جذبا

مَنَ تن جا اُماسَ جون راتيون
ريشمي ويسَ جن جا، چنڊ - چهرا

روئڻو پوندَو پوءِ اوچنگارون ڏئي
ڏينهن ڏِٺي جو ڏسو نہ ڙي! سپنا

امنُ جي جيئري لاشَ تي تي ڏي
جنگِ جي ڪوڳَ ڳِجهہَ لامارا!

پيٽَ سان پَهڻ تا ٻَڌن ماڻهو
عيشُ بنگلن ۾ ڪن پيا ڪُتا!

ظلمَ جي تَتل - چانوَ جي هيڻان
ڪيئن مسافر اچي ڪي تَڪُ پچندا؟

نيڻَ ناهن او سونهن وارا سنڌ!
مُنهنجي مهراڻ - مَنَ ڪان گهرا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

سڌُ آهي ڪنهن جو دَرَ تي، نَڪو ڪَڙڪو آهي
هُو متان ڪين اچي، دل کي هي ترڙڪو آهي

غزلُ اڄ راتِ پرين!، واهہ جو لِکجي ويندو
ذهنَ منهنجي تي سندءِ!، يادِ جو ڪَڙڪو آهي

ڪيڏو بيڪار ۽ بڪواس ذهنُ آ، جنهن ۾
ڪا نئين ڳالهہ نہ آهي، نہ ئي پَڙڪو آهي

سچَ وارن جي هٿن ۾ ڪي ٻريل ديپَ ڏِسي
شهرَ اوندهہِ جي ۾ تاڪوڙو ۽ ترڙڪو آهي

تو چيو: "هاڻ ڪڏهن ڪينڪي ملنديس توسان"
گُلَ مَري پوندو جي، سچُ پچ جو هي دَڙڪو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

هر گهڙي هڪ گهاءُ آ، ويٺا سَهون
نٿين نموني روزُ ٿا ڏهندا رهون

زندگي اي دوستَ!، ائين گُذري پئي
ڄڻ پيا ٻوٽارَ جي ٻيگر وَهون

پاڻ ڄڻ، ڪاغذَ مٿان بيڪار نانءُ
وقتَ جي هٿَ سان ڊِسو پيا ٿا ڍَهون!

جنهن ۾ پنهنجي سوچَ ٽي سوليءَ چڙهي
حالتُن اهڙين سان آخر ڪيئن ٺهون؟

بس اهائي آسَ ٽي جيئرو رکي
مَن وڇايل واٽَ ڪي ڳولي لهون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ڪُجهه وڃائڻ کان پوءِ لَهڻ تائين
جيئبو توسان پرين! ملڻ تائين

سلسلو يادِ جو ڏگهو هڪڙو
مُنهنجي مُرڪڻَ کان، آ رُئڻ تائين

ڪُجهه مهينا ۽ سالَ وچ ۾ هن
ڪنهن جي هٿڙن کان ڳَلَ ڇُهڻ تائين

آءُ سپنن ۾ ڪي گهڙيون گهاريون
ڏينهنُ ٿيڻ تائين، اکِ کُلڻ تائين!

ڪيترا تاہڙيا، تِڙيا آهيون
گهرَ جي دَرَ تي اچي، پُڄڻ تائين!

ڪُجهه ته پَنَ ڇڻ ۾، پَنَ ڇڻندا ئي
يَرا! بهارُن جي رُتِ اچڻ تائين!

گهُگهه اوندهه، ڪڏهن نه ٽيٺي آ
چنڊُ چڙهي ايندو، سِجَ لَهڻ تائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

رِمِ جهم رنگَ رچايا آهن
ڪورا نينهنَ اُپايا آهن

هيلَ بہ منهنجيءَ دل ۾ ايندا
سُورنِ پُور پَچايا آهن

ڪُجھہ تہ تون ئي هٿَ ڏِگهيرِ
مون جي هٿَ وڌايا آهن

منزل پوءِ بہ ساڳي آهي
رستا جي بَدلايا آهن

آءٌ وڏو ماڻهو ڪونهيان ڪو
تُنهنجا خيالَ اجايا آهن

سچَ جي سُندر ناريءَ، گهُورِي
گهوٽَ گهٽائي گهايا آهن

چيرِ ٻڌي جذبن جي مون ئي
پنهنجا گيتَ نچايا آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

پاڻَ وٽ هاڻي يادون رهيون هِن ڇڙيون
قُربَ جون سڀ ئي ٽوڙي هليا ويا ڪَڙيون

پيارُ، سوچُون ۽ سَپنا ويا وِڪرجي
هاڻي گُهٽَ ۾ نہ، گهاريون وڃن ٽيون گهڙيون

ميٺَ مانداڻَ مان ڪوئي، چُوسي ويو
سارو جيونُ ٽِڪو، ساريون ڳالهيون ڪَڙيون

متان سُڪ دفن ٿيل، لَيي پئي هتان
اَچو دل جي دَردَن جون ڪوٺيون دَڙيونَ

پنهنجي منزل نہ ڪائي، نہ گهَرُ گهاٽُ ڪو
رولَ بادلَ جيان پيا گُذاريون گهڙيون

هُل ٿي پيو اِجهو، مُرڪي ڳوڙها اُگهو
سانتِ مان هي ٻُڌو، ڪي اچن پيون رڙيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

آءُ ڪيون ڪا روحَ رهاڻِ
دُور رهين ٿو ڇاجي ڪاڻِ؟

ڪارِنَ، ڪُجلين اکڙين ۾
مَڌُ پري تون مون لئہ آڻِ

جيونَ جون هي چار گهَڙيون
مُرڪي مُرڪي منڙا! ماڻِ

ڪيڏو ڏُکندين دوهہَ پُنيان
سچُ ڏِڪاري او اڻجاڻِ!

مُنهنجي مَنَ جي گهايل گهايل
ڪويَل ڪُوڪي تُنهنجي ڪاڻِ

روشن روشن مُنهنجون راهُون
چوڏَس چاهتَ جي چانڊاڻِ

تُنهنجي پيارَ سمائي پيارا!
مُنهنجي شعرن ۾ سُرهاڻِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

جيسين ڪوئي ڍولو ناهي
جيونُ گهارڻ سولو ناهي

تنهن کي ڪيئن حياتي چئبو
جنهن ۾ ڪوئي رولو ناهي

سمجهي سگهجڻ ناممڪن آ
دل آ، قاتلُ ڇولو ناهي

پنهنجي تنها جنگ وڙهان ٿو
ساڻُ ڪو ساٿي، ٽولو ناهي

عيشَ جي ڪاڻ ڪروڙين رُپيا
پيٽَ بُکئي لئہ لولو ناهي!

سڀڪو، سڀ ڪُجهہ سمجهي ٿو
ڪوئي ڀالو ڀولو ناهي

جا نہ ٽِهلجي، خوشبوءِ ناهي
جيڪو نہ ڀڙڪي، شُعلو ناهي

ڳالهين ڪان ڇو ڇِرڪو ٿا پيا!
جذبا هِن، ٻمُ گولو ناهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

هر ڪنهن دل ۾ دَردَن ديرو
ڪاٽي سُکَ جو پَججي پيرو؟

وَڻُ وَڻُ ويا واسينگ وَڪوڙي
ڳوڙها ڳاڙي اُڏريو ڳيرو

عَجب اسان جي وستي آهي
چورُ، ساڌَ جو ڳولي پيرو!

ماڻهُن سچَ کي سچُ نہ سمجهيو
ڪوڙُ ڪري ويو سوگهو گهيرو

توکي، مون ماڻڪُ سمجهو هو
تون پڻ نِڪتين مَنَ جو ميرو

ويڙهي کي ويران ڏِسي ٿو
جلي پيو شاعرَ جو جيرو

گُل سدائين ساڳيو رهندو
پلي آچي ماڻهُن ۾ ڦيرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

وقتَ ها ڦٽَ جيڪي اُڌيڙي ڇڏيا
وقت آهن وري پاڻَ ئي سي سِبيا

پنهنجون درخواستون، سڀ ٿيون دَربَدر
دُشمن جا سيئي عرضَ آهن آگهيا

آئين، موٽي وئين، پِنڊ - پَهڻ هوس مان
لفظ هِردي ۾ رهجي ويا آهه - چَيا

ذهن کان يادِ جِنبڙي چُميون ٿي وَتيون
آسَ، اوسيئڙي جا ٿي ڳوڙها اُگهيا

ٿڪ بَنڙي وِرهاست ۾ آيا ها، پر
عيشَ ۾ پاڻ سي ٻيي اُڏائي ڇڏيا

عشقُ اَهنجن کان هِيسيل جڏهن ٻي ڏنم
سُهڻي، ميهار، سسئي، پنهون ياد پيا

تون اَچا وينو سوچين: "چوان، نہ چوان!!؟"
چونڊَ وارا ڪڏهن جو، ڇٽي ڳالهہ ويا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

پٿرَ جهڙيءَ دل وارن سان، جيڪو پريت لڳائيندو
پاڳل ماڻهو روئندي، رُلندي، پنهنجو پاڻُ وڃائيندو

ڪِرندڙَ کي کو ڏين سهارو، هيءَ هِتان جي ريت نہ آ
هِن دنيا ۾ ڪوبہ نہ آهي، روئندن کي پرچائيندو

جيڪي راهُون ويا مَنائي، بي آڻ جاتي واتَ وٺي
تن لئہ نيڻن جا ڪو ڪيسين، ويٺو ديپَ جلائيندو

دل کي جوڙي ڪين سگهين تون، ٽوڙي جاڻين تو
تُنهنجي محفل ۾ جو ايندو، ويندو نِيرَ وهائيندو

تون توسمجهين ڏور گُذاري،مونکي دوستَا وِساري سگهندين
پر گُذُ گهاريل هر پلُ پيارا!، توکي پيو تڙپائيندو

بي قُربن جي دنيا ۾،او قُرب ورهائڻ وارا! هر
ڪو، تُنهنجي هِيرن جهڙن جذبن کي ٺڪرائيندو

هرڪو خوشيون چاهي تو، ۽ گيتَ خوشيُن جا ڳائي تو
ڳـلَ جا گيتَ غمن جا سائين!، ڪيرُ انهن کي ڳائيندو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ڪويل! پنهنجيءَ ”ڪُوڪُوءَ“ ۾ تون، جِهيڻو جِهيڻو ڳاءِ
مَسين تہ دِل جو دردُ سُتو آ، تنهن کي ڪين جڳاءِ

پيارُ ڪيوسي پاڳل ٿياسي، سياڻپ وئي وِسري
رُڃَ پُنيان تا ڊوڙون وينا، اُڃَ اُجهائڻ لاءِ

ٻاهر ڪوجهو ڪارو هان پر، اندر جو هان پيارو
ٻُرو چوڻ کان اڳ ۾ مُنهنجي، مَنَ ۾ جهاتي پاءِ

ڪُونئرا ڪُونئرا، ڪيڙا مَنَ ۾، جاڳيا هِن جذبا
موتُ پري کان پيارا!، هاڻي آسَ جي آسَ پُڄاءِ

اَندن آڏو روئڻُ جاني!، آهي اکِيُن جو زيان
ڇَپَ اسان جا سِبي چون ٿا، ”ڪوئي گيتُ ٻڌاءِ!“

هتي اٿين ٿي تيندو رهندو، آهي مُنهنجا دوستَ!
پنهنجي ڳِچيءَ ۾ پاڻ، ٻڌائي، پنهنجي سُولي پاءِ

هِيَرنِ جهڙيءَ دل کي وينا، پٿرَ جيان ٺُڪرائڻ
”ڪُلَ“! انهن اَڄاڻن کي اڄُ، تون ٿي ڪُجهہ سمجهاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

"اَيازُ" آهي، اُداسيون ۽ تنهايون هِن
روئي راتيون، ٿنهي ملهايون هِن

ذهنُ آهي جلڻ لڳو، تُنهنجون
بيوفايون جي ياد آيون هِن

مُنهنجون ڳالهيون ٻُڌي ۽ لُڙڪَ ڌِسي
تون چو چريا!، اکيون پِچايون هِن

جيڪي انسانيت سان پيارُ ٿا ڪَن
تِن جون ئي زندگيون سجايون هِن

راتِ ڪاري آَچا ڪُٽي ناهي
تو چو ڏِياٽيون اگي اُجهايون هِن؟

ايٿرڪنديشَن ۾، هينئين طبقي جون
جي ڪجن، ڳالهيون آَجايون هِن

ديسَ ڪي ڪيئن تا ڀُلائي سگهون!
جنهن جون آڻ وِسرنڌڙ ڀُلايون هِن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

شالَ جڳمڳ رهين تون ستارن جيان
مون سان مِلُ ڪينڪي جڳَ وارن جيان!

دل کي دَردن جو ٿي کو سهارو ڏيو
ڪيسين پٽڪون پيا ٻي سهارن جيان

دل ڊَنل شهرَ ٻڄجي وئي آهي يا
پنَ - ڇڻ ۾ لُٽيل ڇڻ نظارن جيان

ويجها هوندي ٻہ ڇڻ دُور ٿي آهيون
ريلَ جي ٻندَ جيان، ٻن ڪنارن جيان

راهَہ ۾ دوستُ ڪوئي گَـڏيو هو مگر
سو بہ گُـذري ويو هو بهارن جيان

ذڪرُ وِڇڙڻ جو جنهن وقت آيو هيو
روئي هُنَ، مون ڏنو تہ هو بارن جيان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

توکان پوءِ دل تي دلبرَ!
اُيري آيا جڻ توهرَ

جيئڻ تي سيکاري، سائين!
راھَہ ۾ ڪاڏلَ هر نوڪرَ

پنھنجي اکڙين منجھ لِڪاءِ
دنيا دشمن تي آ يَرَ!

برساتين جو بَڪُ ويا تي
ڪچيءَ مٽيءَ مان جوڙيل گھرَ

گوڙ ۽ دونھين جا اُھڃاڻَ
شھري ماڻھو، ھڙ شھرَ

راھَن تان راڪاس گھُمي ويو
ھِيسيل چھرا، پوٽيلَ دَرَ

هر شيءِ ھِيٺي ماڻھوءَ آڏو
موتُ اچا يي ڏاڍو پَرَ!

سنڌُ سنوارڻ لاءِ ڪندس
جيڪي پُڄندو وَس ـ آھرَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

هلبو هائي لَڏي لَڏي
بي ڦُربنِ کي چَڏي چَڏي

پيارَ جو جِتڙي پاچو ملندو
جُهوپو چڏبو آڏي آڏي

موٽي مُور نہ هائي آچبو
ٽَڪجي پوندو سَڏي سَڏي

لُڙڪَ وٺي مان مُرڪَ ڏيانءِ
آءُ اسان جي تَڏي تَڏي

جيونُ سارو پاڻَ چڏيوسي
گيتن سان گڏُ، گَڏي گَڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

اوندهہ ۾ جڻ ديپُ ٻريلُ
تُنهنجيءَ اکِ مان لُڙڪ وَهيلُ

مُنهنجا غمَ ۽ خوشيون مُنهنجون
آهن تُنهنجي نانءِ ڪيلُ

آءُ اُهي تو چارا چُونديان
جن تي تُنهنجو پيرُ پيلُ

ورندو ناهي، وري ڪڏهن سو
اڳتي جو يي وقتُ ويلُ

هر ماڻهوءَ کي آهي ڪُلهن تي
پنهنجو پنهنجو لاش کنيلُ

ڪَل ٻُکن جي ڪهڙي اُن کي
جنهن جو پنهنجو پيٽ ڀريلُ

آءُ تہ اهڙو شعرُ هان يارو!
جيڪو ڪڏهن ڪين چَيلُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ماٺيپي کي تا لجائِن ماڻهو
پوءِ بہ ماڻهو تا سڏائِن ماڻهو

دل تہ جوڙِن ٿي نٿا هڪڙي بہ
ڪيڏا بنگلا تا اَڏائِن ماڻهو

اوترا ئي تہ خسيس آهن هي
پاڻُ جيڏو تا پڏائِن ماڻهو

توکي نالي جي مَٽڻ تي حيرت!
روزُ چهرا تا مَٽائِن ماڻهو

مُک هر راز کي کولي وجهندو
لُڙڪَ توڙي جي لِڪائِن ماڻهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

تُنهنجي مون تي نگاهـَ تي وئي آ
آفتن کان پناهـَ تي وئي آ

ڪيس سڀ کان وَتان لِڪائيندو
مُرڪَ جڻ کو گناهـ تي وئي آ

مُنهنجي سچَ تي ڪِروڌ ۽ هُن جي
ڪُوڙَ تي واهواهـَ تي وئي آ

زندگي هر سِتمَ تي خوش آهي
پن نگِن جو کو ناهـ تي وئي آ

ڪُجهـ ڪرڻ جو، جي حوصلو جاڳيو
راهـَ مان ٿي ڪا راهـَ تي وئي آ

بن نِنڊڙُن اکين جي چاهتَ ڏِسُ
هڪڙو ساگر آٿاهـ تي وئي آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

دِل گهُريا دوستَ بہ ساريا نہ ٿين
هيلوڪا دردَ وِساريا نہ ٿين

ري سڏئي ٿي تا رهن ايندا هُو
دردَ دل ۾ تہ وِهاريا نہ ٿين

يادِ آئين تہ اکيون پرجي ويون
شعرَ ڪاغذَ تي اُتاريا نہ ٿين

سُکَ وِڇڙن نہ ڪڏهن پي جيڪر
پنهنجا پيارا ٿي جي ڏاريا نہ ٿين

آءُ مجبور، مسئلا توکي
قولَ ڪنهن ڪان بہ تہ پاريا نہ ٿين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ڪھڙو چھرو سنيارجي ھائي
ڪھڙو قِصو وِسارجي ھائي

هُن سان گڏجي گھٽو گـُذاريوسي
هُن ڪان وِڇڙي گـُذارجي ھائي

ٿڪَ جيڪي ھٿا، وِرھائي ڇڏيا
ڪھڙو ڪنھن کي روئارجي ھائي

تارا تِمڪن سدائين نيڻَن ۾
توکي ھر پل تو سارجي ھائي

پاڻَ ٿي پنھنجو دردُ ڄاڻون تا
پاڻَ کي ٿي پُڪارجي ھائي

هُن ڏي چا، ھن جي گھرَ ڏي ٿي ڪڏھن
حُڪم ناھي، نِھارجي ھائي

توکي گڏجي تـﮥ ڪين ھلڻو آ؟
ڪھڙو توکي بيھارجي ھائي

مُنھنجي پويان لڳيون آچن يادون
ڪيئن تن کي ڏُتارجي ھائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ڏاڍا ياڳن وارا دوستَ!
تُنهنجي پاڙي وارا' دوستَ!

دل کي ويا وِکوڙي آهن
آئِجاتل مُونجهارا دوستَ!

ڏاڍو ڪَڙو ويو تي جيونُ
تي پئو آمرتَ ڏارا دوستَ!

توکان وِسري ويندس مان ؟
مُنهنجي گهر جا چارا دوستَ!

آء تہ اُجڙيس، اُجڙيا ناهن
اکڙين جا اوتارا دوستَ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

اوهان ڪُوڙَ کي سچُ ڄاتو سدائين
اسان سچُ آهي سُڃاتو سدائين

سنيالي رکن سچَ کي ساهہَ ۾ جي
اسان جو اُنهن سان ٿي ناتو سدائين

اوهان جن کي پنهنجن دَرن تان ڌِڪاريو
اسان تن کي سيني سان لاتو سدائين

سَنا سندُ خاطر سوين سورَ جن ڀي
اسان جو اندرُ تِن لئہ آتو سدائين

اوهان جي تہ آڏو سدا سچُ چوڻ جو
اسان پاڻَ تي ڏوهہ ڇاتو سدائين

ڇڏي جو جلائي انڌيرَن جي نگري
اسان گيتُ اهڙو ئي ڳاتو سدائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ڪيئن سُک سُمجهي، پاڻَ تي تاڻي؟
يادِ، قاتلَ رِلهيءَ جيان آ هاڻي

ڪُوڙ، جنهن کي سُچاڻون تون ۽ مان
ڪال تنهن کي وڃي شهرُ ڄاڻي

نفرتون ڪن تيون آپگهاتُ تڏهن
پيارُ تو پيارَ کي جڏهن ماڻي

هر خوشي تي لڳي پرائو گهرُ
دردُ ڪاٽي چڏي ويو آڻي

اهڙي اوندهہ جو ديسَ ـ رستو گمُ!
سِجُ تي پڻ ڪَوي!، انهيءَ ٽاڻي

سالَ ٿيا هڪڙو گُلبدَن سپنو
نيڻَ ـ راهُن جي ڌُوڙِ تو ڇاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

چنڊُ چڙهيو جي ڦاهي!
تڏهن بہ اوندهہِ ناهي

پاڻُ ڏِسي پاڻيءَ ۾
ڪُتو پيو تو ٻاهي

"هُو ماڻهو" چاهي تو
ڪوبہ نہ ڪنهن کي چاهي

ڪيڏو ڏينهن چڙهي ويو
ڏِسو تہ چادرَ لاهي!

"زهرُ، زهرَ کي ٽوڙي"
سچُ چيو ڪنهن ڏاهي

چهرو چهرو، ڪندرُ
آخر هي سڀ ڇاهي؟

اُڀ جي ڳل تي لالي!
رات ڪُٺڻ تي آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

آڌيءَ ويلي تُنهنجي تاتِ
پَهرُ پَهرُ ٿي پيو پرياتِ

گهڙي مِلياسين آئي ڳالهِ
ڳوٺَ سڄي جي مائهن واتِ

ڪيڏي سوڀَ ملي، مون کي
منڙا!، توکان ڪائي ماتِ

ساجنَ!، توبِن ساوڻ جي
باهِ لڳائي ٿي برساتِ

شعرَ جي بدلي شاعرَ کي
ڏنگُ هڻي ٿي ڪيڏا ڏاتِ

اَجهي، لَٽي ۽ مانيءَ جي
هر ڪنهن کي ويڙهيل فڪراتِ

ياد ڪري ڏُکَ ڏرتيءَ جا
شعرَ رُنا ها منُهنجا راتِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

تُنهنجون يادون، نہ تون!
جاني ڙي! ڪيئن جيئون؟

دوستَ!، وڏنديون وڃن
تو سواءِ وحشتون

جي نہ مُرڪي سگهون
آءُ روئي پئون

پاڻ لئہ آهي بس
تُنهنجو مُرڪڻ خوشيون

گُهنڊَ پائي مِلون
تنهن کان وِڇڙي وڃون

چُپِ، چَپَ هن تہ چا؟
چُپِ ناهن اکيون

پنهنجو هر پل اُماس
تو سدا چوڏِهيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڻ پرچيلَ هُجون
جڳَ کي باهِہ ڏيون

ڪجھہ نہ ڏِسجي پيو
تيزِ ڪيو روشنيون

نيٺ مُرجهائبيون
گُل تي مُڪرَيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

عيدَ جي ڏينهن بہ دُوري آهي
ڪيڏي نہ مجبوري آهي

ڪهڙي نئين تمنا ڪرڻي؟
پهرين ئي اڻپوري آهي

آدمَ جو اولادُ تہ آهيان
سيدُ ڪوءِضروري آهي؟

جذبا پنهنجا راڄَ ـ دروهي
پل پل ڪائي سُوري آهي

دوستَ!، اَڌوري جيونَ وانگي
هر ڪا آسَ اَڌوري آهي

ڇا جي ڪپڙا گندا آهن!!؟
دِل جو شهرُ ڪَتوري آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

هر گهڙيءَ هُو گهائِن ٿا
دوستيون نِيائن ٿا

ڊِپُ تو ٿئي هائي
هَٿُ جي مِلائن ٿا

ڦوڪَ سان ڳهيلا ڪي
بلبَ ڪي وِسائن ٿا

زندگي جهڪي ٿي هوُ
نيڻَ جي جُهڪائن ٿا

مُرڪي ڪي مٺا ماڻهو
حادثا وڏائن ٿا

سِجُ ٻي چڙهيو ناهي
ديپُ ٻي اُجهائن ٿا

گُلَ ۽ گُلابي رنگَ
ڏيانَ ڪي چِڪائن ٿا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

سوچَ، لُڙڪَ، وحشتون!
عشقَ جون علامتون

ڪيرُ تو ڏٺي اٿين؟
آھ - گھُري محبتون

پيارُ جي ملي پوي
ڇا ڪنداسين دولتون؟

سڪَ، پيارَ سامهان
يورَ يورَ نفرتون

تو جِها تہ تيون اَول
پوءِ ڪنداسي حُجتون

تيون صفا يجي ڇڏنِ
آدميءِ ڪي حالتون

ظُلمتن ڪي ڇا ڪندا
بيانَ ۽ مذَمتون؟

سنڌُ ساڻِ ييٽجن
ڪھڙيون ڪھڙيون عظمتون؟

خوابَ ـ گُلَ، خوشبئون
حادثا ـ حقيقتون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

گهِندِ تا دل جي گِرجا جا وڄندا رهن
يادِ پيارا اچن، گيتَ رچندا رهن

ساري جڳَ جون بُرايون اسان ۾ پرين!
پاڻَ ڏي هٿَ دُنيا جا کَڄندا رهن

مُنهنجي سوچن ۽ جذبن، خيالن جا گهرَ
يادِ تُنهنجيءَ جي بَرکا ۾ ڀِڄندا رهن

قُرب قائم، تہ قائم رهن دوستيون
قُرب جيئن جيئن ٽُٽي، هانوَ ڇِڄندا رهن

ڳوٺَ ۾ راتِ جي گهُگهہ پوئين پَهرِ
ڪيترا ماڻهو لِڪندا تا ملندا رهن

شهرَ تُنهنجي مان اُڏري ويو آ اَمُن
پنهنجي پاڇي کان ماڻهو تا ڊڄندا رهن

سَچَ جي سِجَ جي تاوَ اِڳيان سدا
ڪُوڙَ جي برفَ جا ڪوٽَ رِجندا رهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ڪيڏا پيا پلجن تا ڪوٽَ
هتڙي اونداهِين جي اوٽَ

بَرپٽ برپٽَ، ٻنيون – وَنيون
هيسيلَ هِيسيلَ هاري – گهوٽَ

سياڻن جي هيءَ چوٽي آهي:
”چالبازَ ٿي ڪاٺِن چوٽَ“

راتين جا اوجاڳا سوچون
ماٺهوءَ جي ماضيءَ ڏي موٽَ

دُنيا جو ايمانُ ويا ٿِي
ڳاڙها، ساوا، نِيرا نوٽَ

منزل پيڙا تيئن ٻِنا ٿي
موٽيا جيڪي ها، اڻموٽَ!

سَت مِڙي ڪيرائيندا هِن
پاڻَ تہ ڪِرندا ناهن ڪوٽَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

هاڻي هرڪو پُڇڻ لڳو آهي
توکي آخر 'اياز'! ڇيو ڇاهي؟

پاڻ کي هيلَ تائين ڏوکو ڏنم
سچُ پُڇو مُنهنجو ڪوئي ڀي ناهي

زندگيءَ جو هرهڪ قدم تو وِڇي
موتَ جي رِڻَ — پَٽَن ڏي ٿي ڪاهي

ڪنهن پَهرِ دل اِهو ٿي چاهي، بس
پاڻَ کي پاڻَ ٿي چڏيان ڊاهي

ڀيا تہ ڀيا، جنهن جي ڪاڻِ جيئرو رهيس
تنهن بہ اڄُ دل تان آ، ڇڏيو لاهي

مرڻَ تائين اِها ڪندس ڪوشش
زندگي ڪنهن طرح سگهان ٺاهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ڪنهن کي سارڻ جو اُهڃاڻ
ناسي اڪڙيُن ۾ آلاڻ

بدنُ اوهان جو چوڏهينءَ — چنڊُ
بادلَ، مَلمل جو پَهراڻ

سچُ تہ ڏاڍا گهايلَ آهيون
جڳَ! اسان تي تيرَ نہ تاڻ

جيڏو ماڻهو سمجهن تا
ايڏو ناهيان مان اَڃاڻ

تُنهنجي ڪپڙن ۾ خوشبوءِ
مُنهنجن سوچُن ۾ سُرهاڻ

ڪنهين وڏي ڏاهي جا قولَ
تُنهنجون ڳالهيون مُنهنجي ڪاڻ

تُنهنجي سَڏ ۾ سڏُ ڏيندس
ڏرتي! مون کي ڏارَ نہ جاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

جنھن ۾ ڪنھن جو ساٿُ نہ سنگُ
جيوَن سو ڪاريھرَ ـ ڏنگُ

جَڪڙيل پنھنجا جيءَ اٿين، جيئن
ڇَپڙن وِچَ ۾ وجندڙ چنگُ

اندلٺ جھڙا سُپرين! تو بِن
جيوَن پاڻيءَ جيان بي رنگُ

جڳَ ۾ پيارُ ورھايو، لاھيو
ذھنَ متاران نفرت زنگُ

متان وِسارين نوان نسل! تون
توتي آ، ڌرتيءَ جو ننگُ

مُنھنجو پنڌ اُتان تي جاري
جنھن ھنڌ دنيا وارن دنگُ

مُنھنجون سوچون سُرھا گُلَ
جن جو پنھنجو رنگُ ۽ ڍنگُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ڳلڙا ڳلڙا ڳوڙهن هاڻا
پرينءَ ڀُڃاڻا، پريتِ ڀُڃاڻا

ڪنهن جي ڇپڙن ۾ مُرڪڻ تان
صدقي سُهڻن جا سَوَ ماڻا

ڏرتي! توسان لانوان لهندا
مُنهنجا جذبا هِن ساماڻا

هانءُ نہ هاريو، وَر وَر ٻاريو
واءُ ۾ جيڪي ديپَ اُجهاڻا

اونداهين راتين ۾ مُنهنجا
گيتَ اٿين جيئڻ کي ٽاندڻا

وڏڙن وڏڙا بارَ ڪُلهن تي
خوش آياڻا، سُورنِ سياڻا—

پڙڪو ڏئي آزاديءَ — پَنجي
ٽوڙي موڙي جيلَ اُڏاڻا

نفرت جي هٿڙنِ ۾ ايندي
گُلَ محبت جا ڪُوماڻا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

سچُ ظاهر ٿئي ٿو زهرن ۾
پيار پلندو رهي ٿو پَهرن ۾

مون کي ڳوٺن ۾ جو پيا ڳوليو
مان تہ گُم ٿي ويو هان شهرن ۾

ڪيترا داڳَ مون ڏٺا يارو!
مِڙني ماڻهن جي صاف چَهرن ۾

هائو، هڪ ڇهري کي ڏسي ٿي اڇي
ماٺِ بيچين دل جي لهرن ۾

ساڻُ يادُن جو آ هُجوم، ۽ مان
پوءِ بہ تنها اُداس پَهرن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

مُنهنجا ڏُک آهن ۽ مان
گهاريون پيا تا سالن کان

تنهن کي ڪيئن دوکو ڏيندس؟
جنهن کي پنهنجو ٿو سمجهان

دولتَ جن لئہ سڀ ڪجهہ آ
اهڙن ماڻهن مان ناهيان

توکي سڀ ڪُجهہ ڏيان پنهنجو
توکان تُنهنجا دردَ وٺان

پاندُ سلامت ناهي ڪو
ڇا سان تُنهنجا لُڙڪَ اُگهان؟

دنيا ڇو ٿي وچَ ۾ پئي؟
هُو ڄاڻي يا مان ڄاڻان

پڇتائيندينءَ هڪ ڏينهن تون
چئين ٿي؛ "توکي ڇڏي وڃان"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

خوشيءَ ۾ ڪو مزو ناهي
اُداسيءَ جو قسم آهي

اڻين مون کي هُو چاهي تو
جيئڻ ڪو بارُ تو لاهي

نديءَ ۾ ناوَ ڪاغذ جي
حياتي بيو يلا ڇاهي؟

اسان جي خوابَ اکڙين مان
ويا هِن پيرَ ٿي ڊاهي

گهڙي يي زندگي ڇٿبي
ڪوئي ڪنهن کي اگر چاهي

زماني کي ڇا ٿاهيندو؟
جو پنهنجو گهرُ نٿو ٿاهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ماڻهو تہ مَري ويا هِن
پر سڌَ وريا آهن

ڪجھہ تاءُ تہ تيندو ٿي
جي جهنگ ٻريا آهن

ڪجھہ ڦٽَ وري اُڌڙيا
ڪجھہ گهاوَ ڀريا آهن

تو ساٿُ ڏنو مُنهنجو
سڀ ڳڻَ ڳريا آهن

هي عشقُ، ۽ آزادي
جذبا ٿي چَريا آهن

تو ڏوهَہ ڪيا، تن جا
مون ڏنڊَ ڀريا آهن

ايئن لُڙڪَ، جئين ڊيڊَ ۾
ٻہ هنجُ ترَيا آهن

سنڌُ ۾ ٿي اڄي سائيءَ
جو پيرَ ڌريا آهن؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

زندگي بهارَ جئن
ڀرين ڀرين پيارَ جئن

دوستي زماني جي
موسمي بُخار جئن

تو سواءِ هر گهڙي
ڪنڊ تي ترارَ جئن

پيارُ تا ڏين ماڻهو
وياجَ تي اُڌارَ جئن

زندگيءَ مان نِڪري وئو
سُکَ ۽ قرارَ جئن

ظُلم، شوق آ ڪِن جو
سيرَ ۽ شڪارَ جئن

بي سبب حياتيءَ جي
جيتَ پي آ، هار جئن

سچَ ڪاڻ ويڙهِہ ۾
هڪُ پي هزارَ جئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

مُنهنجي هٿَ ۾ گُلدستو
هُن جي هٿ ۾ پٿر هو

ماري وِڇنديون تنهايون
ڪاتي آهين پيارا ووءِ!!

مُنهنجي دل جي ڌرتيءَ مان
تُنهنجو پيارُ ڦُٽي نِڪتو

تُنهنجي مُنهنجي وچ ۾ آ
صديون پُراڻو رِشتو ڪو

تُنهنجي نينهن جي ناتي جيئبو
سوڳند تُنهنجي نيڻن جو

پنهنجن سان ئي ڪاوڙ سائين!
ايئن به ٿيندو آهي ڪو؟

ڳالهِ لِڪائڻ جي آهي
ٿورو آءُ اچا ويجهو

محبت، قيد لڪيرن ۾
ڦاڙيو ساڙيو هي نقشو!

توکي ڪيئن ٻُڌائي ته
توکي ٿي گُل چاهي تو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

مون کي جيئرو ڏِسڻ نٿو چاهي
مُنهنجو منُ بس کِلڻ نہ ٿو چاهي

ساري جڳ تي وسي پيو بادلُ
منهنجي گهرَ تي وسڻ نہ ٿو چاهي

فونَ تي آخري سندس جُملو:
"مون سان هاڻي ملڻ نٿو چاهي"

هُن کي آخر تہ ماڳ رَسڻو آ
هيءَ گاڏي ڇڏڻ نہ ٿو چاهي

جي هُو ڪم کان هليو ويو آهي
زندگيءَ کان وڃڻ نٿو چاهي

پنهنجي هر ڳالهہ تو مَڃائي هُو
مُنهنجو ڪجهہ بہ مڃڻ نہ ٿو چاهي

دردَ مون وٽ ڇڏي ويو آهي
مون کان سڀ ڪجهہ ڪسڻ نٿو چاهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

تون جي آئين، آسَ اڳهائي
جلِي پئي، جا لاٽَ اُجهائي

منهنجي يادِ ائين رهندئي جيئن
ذَهن تي ڪا لوڪ ڪهاڻي!

ڪَپَ تي بيٺل ماڳِ نہ پُهتا
لُڙهندي سُهڻيءَ، منزل ماڻي

سوچَ نٿينءَ ڪان ڌارَ ڪَلا ايئن
ڏَپَ ڪيل، جيئن بيٺل پاڻي

ڏوڪڙ بدلي ذاتِ وِڪيائون
هٿ اڄاڻن ڄاڻي ڄاڻي!

شاعرَ لاءِ تہ شعرَ ائين جڻ
آڌڙو، آڌڙي، نينگرُ، نياڻي

مُرڪن ۾ بدلايو منڙا!
هيءَ حياتي ڳوڙهن هاڻي!

جيونَ ۾ ڪو جيونُ ناهي
پوءِ بہ جيئون ٿا جاڻي واڻي

روزُ نِڙون ٿا ٿَهڪَ ڏئي اَڄ
روئندا هاسي، ڳالهہ پُراڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

سچَ متان جي سپ ڪجھہ پنهنجو واري ويندا آهن
سي ئي ماڻهو ڳائڻَ جهڙا ماڻهو ٿيندا آهن

چاهيندي آ دل سُکن ۾ گُمہ ٿي وڃجي پر
دُکَ ڌرتيءَ جا روئي روئي راھہَ جهليندا آهن

ڪٽڻو هوندو آھہ ڪُلهن تي پنهنجي دوستَ! صليب
سچَ چوڻ تي وڏا وڏا الزامَ بہ ايندا آهن

ساري جڳ جا سُور سهيڙي، پنهنجيءَ جهوليءَ ۾
شاعرَ ماڻهو گيتَ، غزلَ ۽ وايون ڏيندا آهن

پاڻَ تہ پل پي پيارن ڪان پري نہ ٿي سگهنداهُون
خبر نہ آهي ماڻهو دِلڙي ڪيئن پليندا آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

بادل پرجي بَرسِي ويندا
شايد پوءِ وٺجارا ايندا!

لُڙڪَ مِٽيءَ ۾ ملندا منهنجا
ڪير انهن لئہ پانڌُ جهليندا؟

ساهان وڌ سي ساهَہ – سهارا
پري رهي ڪيئن پاڻُ پليندا؟

هڪ آڌ ناهي، سوين، هزارين
دردَ اسان جا ڪير ڳڻيندا؟

گُلَ! پلي تون ڳالهہِ لِڪاءِ
شعرَ سمورا سُورَ سَليندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

گهڻَ کي گهٽائڻُ ڏيو
کي گهڙيون تہ ٻائڻُ ڏيو

کُجهہ پهرَ تہ ماڻِ کيو
ماڻِ کي ٻالهائڻُ ڏيو

لهندي سِجَ کي چڏيو
تيکُ کو ڏيکارڻُ ڏيو

مُنهنجي مُرڪَ کي تہ ڏِسو
لُڙڪَ کي لِڪائڻ ڏيو

هِن ڊڻلَ شهرَ تي ٿي
نئون شهر وَسائڻُ ڏيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

تون جي ايندين سِڪَ کٽي
جِيءَ ۾ تو لئہ جاءِ گهٽي

ماٺوءَ ماٺوءَ مَنَ تي مَرُ
هندڙُ ڪيو آ، وجي هٽي

ايڪڙ بيڪڙ سِڪَ سنيالي
هونئن نہ ڪنهن وٽ قُربَ - ڪَٽي

تُنهنجا بُسا بولَ بُڌي ويا
پيارَ - پيرَ جا پَنَ ڇٽي

مَنَ مِٺيءَ جا مَتي مَتي ۾
غُربت کهڙي تيلَ - ڦٽي

خالي جهولَ جهلِي آ مون
ڏات يري ڏي ڏاتِ - ڏٺي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

چنگ چرندا رهن
پير سرندا رهن

سچ جا سر سدا
کنڌ گهرندا رهن

ٻڪ باهيون ڏسي
ڦٽ ڪرندا رهن

منهن ڪارا پيا
مُلهہ ترندا رهن

ديس دانهون ٻڌي
جيءَ جهرندا رهن

ريت ڪوڙيءَ سندا
يرمَ يرندا رهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

توسان سِنڌڙي! پيارُ ڪيوسي
روزُ نثون اِلزام ڪنيوسي

اِن ڪان وڌ سچائي ڪهڙي
ڪُوڙ ٻُڌو سي، سَچُ چيوسي

سڪَ سمورا صَدقي ڪياسي
ڪينَ ذهنُ، ضَمير وِڪيوسي

چند گهڙيُن جي خوشين ڪارڻ
گهڙيءَ گهڙيءَ جو گهاءُ سَنوسي

جيونَ جي گاڏي کي اڳتي
مُرڪي مَرڪي ٿي گِهليوسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

سچ سُڃاڻيندا، ڏِسجو!
خوشيون آڻيندا، ڏِسجو!

هَر، هَتوڙا، زخمي هَٿَ
منزلِ ماڻيندا، ڏِسجو!

ويراڳي ٿي سُورن آڏو
سينو تاڻيندا، ڏِسجو!

نگهَ، لُٽيرا، لوڀي ماڻهو
ڇاڻي ڇاڻيندا، ڏِسجو!

سچا ماڻهو، ڌرتيءَ وارو
سڀ سُڃاڻيندا، ڏِسجو

اوندهه کو ڀي روپُ وٺي
اوندهِ ڄاڻيندا، ڏِسجو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

سنڌ تي ساھہ ڏيو
اَمر ٿيو، شالَ جِيئو!

تِي جڏھن رات ٺري
تڏھن ٻَري، ڏات ڏِيئو

مَڏُ جي ڳالھہ نہ ڪيو
سُورَ پيئو، پُورَ پيئو

ڪيڏي اوندھہ آ، وڏي
سِڄُ! ڪٽان پاءِ ليئو

سچَ جو سيڪُ ڏِئي
دُور ڪيو، سُور سِيئو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

مُرکي چِکيا تي چڙهندو
سو ٿي سَيني کي وڻندو

جاڳي سچُ سدائين آهي
ڇَهرن تان پردا کڻندو

ڏاها ٽيو، سو روپُ سُڄاڻو
ديسَ کي جو ڏاڙا هڻندو

سِچُ سُتت ٿي چڙهندو اهڙو
ساهُ نہ ڪو جنهن ۾ سڙندو

گُل خوشبوءِ ڦهلائي پوءِ ٿي
ٽُٽندو، ٽاريءَ مان ڇڻندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

قلمُ پڇي پل پورا ٿِي پٺي، اوندهہ ساري واٽَ
تڏهن بہ جاني! جهَڪِي نہ ٿيندي، ذاتِ ڏيئي جي لاٽَ

مانگرَ مُنهنَ ۾ ماسُ اچي پل، ڪَچي گهڙي تي گهڙيو
واٽَ عشقَ جي جهلي نہ سگهندا، ڪُن جا ڪڙڪاٽَ

جيءَ ۾ جذبا جَرڪن جَرڪن، قيدِ ڪَلا ڪيئن ٿيندي؟
گيتَ پريت جا لِکيا رهبا، ڪري تہ اُوچا ڳاٽَ

عشق، مُشڪَ ڪي ڪيسين ڍڪبو، نيڻ تہ ظاهر ٿيندا
جيڪي چئبو واڪَ وڏي سان، ڪين ڪبا سرباٽَ

نئون صبوح آ، سَچَ جو سُورجُ، چاڻ ٿيو نِروار
هن ڌرتيءَ تي هاڻ نہ رهندي، ڪاري ڪاري باٽَ

ديسَ سان دِلڙي لائي سائين! منزل ماڻڻ وڃبو
اَنڌيارن ۾ پنهنجا رهبرَ، چاهتَ جا چَمڪاٽَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

جڏهن بہ سچَ جو سڏُ ٿئي ٿو
ڪاتُ ڪاتُ تو ڪَڙڪي سائين!

مَنَ ۾ سُورن سيجَ سجائي
باهہ باهہ تي پڙڪي سائين!

غُربتَ هردم انگَ اُگهاڙي
لِيڙوون لِيڙون لَڙڪي سائين!

ڪنهن جي آهہ جي ڳالهہ نہ ڪر تون
ڪَڙڪ ڪَڙڪ اُپ ڪَڙڪي سائين!

ڏاڍَ جا ڏونگرَ ڏارڻُ سَهنجو
ٻکَ جڏهن تي پڙڪي سائين!

سپنن ۾ پيي توکي ساري
ڌَڙڪ ڌَڙڪ دِل ڌَڙڪي سائين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

لَڙي مُنهنجي مَنَ ۾ لِيئو پاءِ تون!
ازل کان رُٺل روحُ پرچاءِ تون!

وجهي وَڍ، گهايل ڪري جيءَ کي
اٿين پنهنجي پايلِ نہ ڇَمڪاءِ تون!

هليو آ، پري کان نہ هٿڙا هِلاءِ
اسان تاتِ تُنهنجي، نہ ترساءِ تون!

سفر آ اَٿانگو، نہ سوچيئِي اڳي
گهِڙي سِيرَ هاٺي نہ گهبراءِ تون!

پلي ٻولَ آئت جا، ٻولي نہ ڪو
وڃي ماڳِ رَسبو، نہ گهبراءِ تون!

وري 'گلَ'! ورائي، ورئين ذاتِ کي
لِکي شعرَ محفل کي گرماءِ تون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

وڃي وساري وينئين ڍولَ!
جنَم جنَم جا ڪيَڙا قولَ

هيلَ بہ ڪين وَريا وڻجارا
ٺَر ٺِر اکڙين، هينئڙي هولَ!

ڪوڏيُون مُلهہ يي ڪين وِڪاڻا
اکڙيُن جا موتي انمولَ!

دانَ ۾ دَمڙي ڪينَ مِلي
ڪٿي ورياسين خالي جهولَ

اُڀَ رُليا ها راتِ بہ يارَا!
آسان جيان هي تارا رولَ

جڳُ بُڌي تو ٺهڪُ ڏئي
دوست! آسان جا ٻاڙا ٻولَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

مِٺڙا! مُنهنجيءَ نگريءَ آءُ
سدا رهي تُنهنجو سوداءُ

نينهن تہ آهي نانگ مِثل
ڏنگُ اِنهيءَ کان هر هر کاءُ

سارو جڳ سُڃاڻي ويو آ
پنهنجو پيارا! لنئون - لڳاءُ

پُلي ڪري پي ڪين ڪندا هِن
پيارُ ڪرڻ وارا پڇتاءُ

هجي ڪٿي ڪوڙو ڪيڏو بہ
جيون پوءِ بہ هِيرَ - هڳاءُ

تون ڳولائو خوشين جو
مُنهنجو سورن سان سرچاءُ

مُنهنجو ساٿُ انهيءَ سان سائين!
جنهن کي گهَرو گهَرو گهاءُ

چِڏي هي سارو نينهنُ - نگر
ڪاڏي ويندين، مُنهنجا ياءُ؟!

مُنهنجي شعرن مان تون ڳول
پنهنجيءَ پيڙا جو پَڙلاءُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

نينهَن جو مينهُن نِرالو آهي
پاندُ رهندو سدا آلو آهي

پيارا! سولو تہ نہ آ، پيارُ ڪرڻ
ڪانٽو جڻ ڪو ڪشالو آهي

تُنهنجي واتان هي ڪَڙيون ڳالهيون جڻ
لفظَ ناهن ڪوئي ڀالو آهي

پاڻَ سُقراطَ جيان آهيون ۽
زندگي زهرَ جو پيالو آهي

بيوسي، وَحشتون ۽ وِيرانيون
پنهنجي جيوَن جو حوالو آهي

ڦيرو محفل ۾ اوهان جي آهي
پاڻَ آهيون، نہ پنهنجو ڻالو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ڇا جي ناهيون هِيرن مان
تُنهنجي هَٿون فقيرن مان

توکي آڇبو چورائي
ياڳَ جي لڪيرن مان

تُنهنجي آئي ٿِي خوشبوءِ
باڪَ ويلي هيرن مان

مُحبتون لنگهي ويندِيون
نفرتُن جي تِيرن مان

پاڻَ آهيون جڳَ وارؤ!
پيارَ جي سفِيرن مان

دل جا بادشاهہ آهيون
توڙي هَٿون فقيرن مان

سُکَ لئہ نندِا آهيون
ڏُکَ لئہ ڪبِيرن مان

لعلَ کي لَبي پوندوَ
دوستؤ! حقيرن مان

ڪيرُ آهي، ناهي جو
وقتَ جي آسيرن مان

سندُ آهي آڙجي وٽي
پَڙَ - باسَ، پِيرن مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ٽوڙي چاهت جا زنجيرَ
ماڻهو ڪيڏا هِن دلگيرَ

پٿر جهڙي دل وارن ڪان
چاهتَ پاتا هِن سَوَ چيرَ

ڇِهيرون ڇِهيرون جذبن تي
اڄُ بہ وڃن ٿا ٽاٽيا ٽِيرَ

گُذريل گهڙيون يادِ ڏياري
آلبم ۾ تُنهنجي تصويرَ

ڪڏهن تہ ساري هاريا هوندءِ
ناسي اکڙين مان ڪي نِيرَ

تون بہ ڪوئي سپنو آهين
منهنجن سپنن جي تعبيرَ!

روز ٿي آسون ٻوڙين، تارين
منهنجي دل-درياهَہ جي سِيرَ!

ڪيڏو جيءُ جهنجهوڙن ٿا
تُنهنجا گيتَ، غزلَ، تنويرَ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

اوهان سان جڏهن کان اسان پريت لاتي
رهي دل رڳو تي، اوهان لاءِ آتي

اوهان ئي ٻين جان ٻُرو ڇو اسان کي!
اوهان ئي اسان جي حقيقت نہ جاتي!

وفائن کي وينا جفائون سڏيو تا
اوهان سڪَ ڪڏهين نہ ڪائي سُڃاتي

گهرن جا سيئي در پيا بند آهن
اسان لئہ ڪڏهن ڪين پاڻي ڪو جهاتي

مَرڻ ڪو مسئلو نہ آهي او سهڻا!
وڏي ڳالهہ آهي گذارڻ حياتي

ڏکن ۽ ٻُکن جي ذڪر کان سوا جنهن
لِکيو ليکُ، ليکڪ آ، جنهن ڏوڙِ پاتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

سدا توکي ساري، سدا توکي ساري
پيو تو جيان يادِ تُنهنجيءَ سهاري

ڏٺي وَڏَ، وري پاڻَ ٿي ڏَڏُ ڏٺي تي
اٿين زندگي پٺي تي ماري جِياري

کي ڳالهيون، مسئلا ۽ مجبوريون هِن
اٿين تو ڀلا کير کنهن کي وساري؟!

انهن کان نہ ترتيءَ جي کا ڳالهہ ٿيندي
ڇڏي سوچَ جن آهہ اُپَ تي اُڏاري

هلو مُرکَ مان سُرکَ پرجي هلي
ڏِسو ماڳ مُرکي پيو تو نِهاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

ذهنُ لوچي ۽ لُڇي ڦَتڪي تو
پوءِ ٿي شعر تہ لِکيو ٿي تو

عمرَ، بُرا حالَ، اُداسيون، طعنا
سڀ مون تي ٿي مهربانيون ڇو؟

ڪنهن مَهل لُڙڪَ لَڙي ٿي تا پون
مان يي پٿرُ تہ نہ آهيان لوڪو؟

سرَ ۽ سُرهاڻِ سواءِ، پيارَ بنا
ماڻهو ڇاهي؟ جيئن خالي کوکو

ساري دنيا وَٺي مون کان وِسري
تون ٿي هڪڙو نہ مگر آن وِسريو

ايئن يادِ آيو، گُلابي مُکڙو
ذهنَ جي اُڀَ تي جيئن چندُ نِڪتو

آئي جويَنَ تي جواني جڏهن
گُل ٽاريءَ مان ٽُٽو ۽ وِڪريو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

توکان دور رهون تا
ڪيڏا سورَ سهون تا

ڪوهَ ڪشالا سنڌڙي!
تُنهنجي ڪاڻِ ڪهون تا

تيز ڪئين طوفانَ
ڪيڏا تارِ وهون تا

ڊاهڻَ وارا! ڏِس تُون
ڊَهندي روزُ ٺهون تا

مُورکَ ماٺهو آهيون
جاڳي خوابَ لهون تا

ڳلَ تي ناهي ڳوڙهو
توڙي روزُ ڊهون تا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✿

مون سان ڳنڍجي گهارِ نہ گهار
جتي هُجين، شلَ خوش گذار

توسان روز اَزل جو ناتو
ڪيئن مان ٽيندُس توکان ڌار

ساريءَ دُنيا کان وِسريل –
تون تہ او منٺڙا! ڪينَ وِسار

دل ۾ آسَ اَجائي آهِ
ويندڙ وَرندا ناهِن يار!

ڪين ڪو جهولَ جهليندو دوستَ!
لُڙڪَ مِٽيءَ تي پنهنجا هار

تون ۽ مان ٻئي گُلَ آهيون
پوپٽَ وانگي آهي پيار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

□ وايون



هر سچي شاعر کي
پنهنجو الڳ Diction،
ٺٺون لهجو ۽ نِڪور رِدم
هوندو آهي. ان آڌار تي
ئي هُو پنهنجي همعصرن
۾ منفرد حيثيت ماڻيندو
آهي. اياز ڪل پنهنجي
دؤر ۾ اهڙي حيثيت ماڻي
چڪو آهي.

□ امداد حسيني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

آنـدَر ۾ هـي آدمـي
مـنـدرَ ۾ ڀڳـوانُ
ڪيڏو تنها تي ويو!

سوچي سوچي پاڻَ تي
پاڻَ ئي ٿئي حيـرانُ
ڪيڏو تنها تي ويو!

ڪُوڙ پُڄي ويو ماڳَ تي
رسـتـي ۾ ايمـانُ
ڪيڏو تنها تي ويو!

هيڏيون جوڙي رونقون
آخـرِ ۾ انسـانُ
ڪيڏو تنها تي ويو!

تـون وڃـيءَ تہ آءُ ڇـا
گهـرُ سجو ئي جان!
ڪيڏو تنها تي ويو!

آنـدَر ۾ هـي آدمـي
مـنـدرَ ۾ ڀڳـوانُ
ڪيڏو تنها تي ويو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

آجيا تاڻين سپنا
کولي نيڻنِ - دَرَ
توکي ڳولنِ تا!

ناهي مَرهمَ آسرو
گهايل جذبا پَر
توکي ڳولنِ تا!

مون سان آڏيءَ راتِ جو
اُتي روز اکرَ
توکي ڳولنِ تا!

جيئڻَ جون آسون کٺي
مُئل هي منظرَ
توکي ڳولنِ تا!

خوشحالي!، هر ڳوٺَ جا
سارا ڪچا گهرَ
توکي ڳولنِ تا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شَهرن ۾ گهر چوڪرا!
ڪَسِيون، ٻَنيون، هَرَ
توکي ڳولِن ٿا!

آڄان تائين سپنا
کولي نيڻن - دَرَ
توکي ڳولِن ٿا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٥

هيڏي تِڪيءَ اُسَ ۾
ڪَچڻ رنگن سان
ڇا لئہ تون نِڪتين پرين!

ٻاهر هر پل حادثو
مُنهنجن نيڻن مان
ڇا لئہ تون نِڪتين پرين!

تارَن راتِ پُڇيو پئي
پاڇَن جي پويان
ڇا لئہ تون نِڪتين پرين!

سوچي سوچي ٿَڪجان ٿو
ٿَڪجي ٿو سوچيان
ڇا لئہ تون نِڪتين پرين!

هيڏي تِڪيءَ اُسَ ۾
ڪَچڻ رنگن سان
ڇا لئہ تون نِڪتين پرين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ه

چڏِ ڪٺي او يارڙا!
مون کان مُنهنجون تون
کھڙيون تو ڳالهيون پُڇيون!

جڻ تہ ڊائناميٽ جي
مٿان وينا هئون
کھڙيون تو ڳالهيون پُڇيون!

جيونُ هوندي ئي مسئلو
ويتر هي دوريون
کھڙيون تو ڳالهيون پُڇيون!

تون ناهين تہ هانوَ ۾
ڇُهنديون— چانڊوڪيون
کھڙيون تو ڳالهيون پُڇيون!

چاهہُ بہ تن جو ڇهڪَ جيان
مِٺا! ماٺُڙن جون
کھڙيون تو ڳالهيون پُڇيون!

چڏِ ڪٺي او يارڙا!
مون کان مُنهنجون تون
کھڙيون تو ڳالهيون پُڇيون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

o

تُنهنجي وئي ڪانپوءِ
مُنهنجي آندر ۾
راتِ رهي پئي آهي!

انڌين اکيُن لاءِ تہ
هرڪنهن منظرَ ۾
راتِ رهي پئي آهي!

ويندي ويندي ٻيِ وري
دردَن سان دَرَ ۾
راتِ رهي پئي آهي!

ساري جڳَ ۾ سوجهرو
پنهنجي ئي تَرَ ۾
راتِ رهي پئي آهي!

صديون گُذريون رُوپلا!
پر تُنهنجي تَرَ ۾
راتِ رهي پئي آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

گوري!، گجري ۾
ڪاٿي آ مهڪارَ؟
تُنهنجي ٿهڪن جي!

جيونَ، جيونُ ٿيڻ لاءِ
ورتـي آهـي اُڌارَ
تُنهنجي ٿهڪن جي!

آءُ اُتي ئي آهيان
ڏاڍي ڏورُ اُڏارَ
تُنهنجي ٿهڪن جي!

اکيون آڱرَ تي ويون
جڏهين آئي سارَ
تُنهنجي ٿهڪن جي!

آءُ مسافرُ دردَ جو
ڳوليان ٿو وٿڪارَ
تُنهنجي ٿهڪن جي!

گوري!، گجري ۾
ڪاٿي آ مهڪارَ؟
تُنهنجي ٿهڪن جي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

o

هوءَ جا مُنهنجي زندگي
پري وئي مون کان
تبديلي چاهي پئي!

جڻ تہ پُراڻو هُن جو
وڳو آهيان مان
تبديلي چاهي پئي!

جئي وئي، هُن جي شَهر ۾
بيهر نہ ڏسجان
تبديلي چاهي پئي!

هڪڙي پل ۾ ٿي ويس
مان جڻ پٿرَ جيان
تبديلي چاهي پئي!

آءٌ جيئان ٿو، يا مَران
هُنَ کي ڇا تنهن سان؟
تبديلي چاهي پئي!

هوءَ جا مُنهنجي زندگي
پري وئي مون کان
تبديلي چاهي پئي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

توکي چاهڻ جي
نينهن نِڀائڻ جي
لائق ئي ناهيان رهيو!

تُنهنجا، نيڻن ۾ پرين!
خوابَ سجائڻ جي
لائق ئي ناهيان رهيو!

جاڻان تو هِن موڙَ تي
ڪنڌ ورائڻ جي
لائق ئي ناهيان رهيو!

توکي روڪڻ لاءِ مان
هٿ وڌائڻ جي
لائق ئي ناهيان رهيو!

ڇا واقعي مان تُنهنجو؟
پيارُ سڏائڻ جي
لائق ئي ناهيان رهيو!

توکي چاهڻ جي
نينهن نِڀائڻ جي
لائق ئي ناهيان رهيو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

پرين!، هيڏو چاهہ
هڪبئي تي ويساهہ
ڇا سڀ ڪُوڙ هيو!

تو هتاران تي ويو
هڪڙو شخص تباهہ
ڇا سڀ ڪُوڙ هيو!

تون وٺين ۽ يا ويو هليو
چورائي ڪو ساهہ
ڇا سڀ ڪُوڙ هيو!

ٻوڙي ويٺرو هر خوشي
ڏردن جو درياهہ
ڇا سڀ ڪُوڙ هيو!

پرين!، هيڏو چاهہ
هڪبئي تي ويساهہ
ڇا سڀ ڪُوڙ هيو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

o

مُرڪي مايا سان
ناتو جوڙين ٿي
ڏاڍو تون پڇتائيندينءَ!

تنهائُن جي سمنڊَ ۾
جيونُ ٻوڙين ٿي
ڏاڍو تون پڇتائيندينءَ!

سچ پُڇين تہ رُڃَ ٿئي
جنهن ڏانهن ڊوڙين ٿي
ڏاڍو تون پڇتائيندينءَ!

ڇا ملندءِ جو مون کي
ايڏو ٿوڙين ٿي
ڏاڍو تون پڇتائيندينءَ!

مُرڪي مايا سان
ناتو جوڙين ٿي
ڏاڍو تون پڇتائيندينءَ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

جاڏي ڪاڏي تون
مون وڃايو پاڻَ کي!

سوچڻ کان نِڪري ويون
ساريون ئي سوچون
مون وڃايو پاڻَ کي!

ڪاٿي عشقَ اڳيان ٽيون
هَلن تدبيرون؟
مون وڃايو پاڻَ کي!

توبِن سانوَڻ ڏينهڙا
هيڏيون برساتيون!
مون وڃايو پاڻَ کي!

جيونُ، ڏَبيل شهر جون
بہ ٿي نِشانيون
مون وڃايو پاڻَ کي!

تون بہ ڏيندو ئي رهين
ٿلهيون تجويزون!
مون وڃايو پاڻَ کي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٥

تُنهنجي يادِ جو دل ۾
ڏيپُ ڪو جلائڻَ سان
زندگيءَ سان پَرچي ويس!

تُنهنجو پنهنجِن سرتيُن ۾
مُنهنِجي ٿي سڏائڻَ سان
زندگيءَ سان پَرچي ويس!

خوفَ ڪي وِڇوڙي جي
مَنَ مان لڏائڻَ سان
زندگيءَ سان پَرچي ويس!

ڪنهن اُجاڙ مَندر جي
گِهنڊَ ڪي وَڄائڻَ سان
زندگيءَ سان پَرچي ويس!

تُنهنجي يادِ جو دل ۾
ڏيپُ ڪو جلائڻَ سان
زندگيءَ سان پَرچي ويس!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

o

يادِ— ڪتابن تي
سارن خوابن تي
دَزَ چڙهي وئي آهي!

تو آڏو چُپ چاپ مان
هَتَرَ جوابن تي
دَزَ چڙهي وئي آهي!

توکان مان وڇڙي ويس
نينهن— نصابن تي
دَزَ چڙهي وئي آهي!

گونگي، ٻوڙي ديسَ ۾
گيتَ— گُلابن تي
دَزَ چڙهي وئي آهي!

چَمڪن پيا هٿيارَ ۽
قلمَ، ڪتابن تي
دَزَ چڙهي وئي آهي!

يادِ— ڪتابن تي
سارن خوابن تي
دَزَ چڙهي وئي آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

ڏاتِ بنان جيئڻ ڏانءُ
جڻ کو خالي ٽانءُ
ڏرتيءَ تي هيءَ زندگي!

هر گوليءَ ۾ ڳولي تي
پنهنجو گُم تيل نانءُ
ڏرتيءَ تي هيءَ زندگي!

سوچي پيئي: ”پُڇنديس
آخر ڪاٽي آنءُ؟“
ڏرتيءَ تي هيءَ زندگي!

پيڙائُن جي پنڌ ۾
هارايل کو هانءُ
ڏرتيءَ تي هيءَ زندگي!

ڏاتِ بنان جيئڻ ڏانءُ
جڻ کو خالي ٽانءُ
ڏرتيءَ تي هيءَ زندگي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٥

تـوکان تيندي ڌارَ
کِلندي کِلندي يارَ!
لُڙڪَ لَڙي پيا لارِ ڪري.

تُهنجي پويان ڪيرُ اسانجي
سُپرين!، لَهندو سارَ؟
لُڙڪَ لَڙي پيا لارَ ڪري.

ساهَہ ۾ تُنهنجِن ساهنِ جي
اَجا يي آ، مهڪارَ
لُڙڪَ لَڙي پيا لارَ ڪري.

راتِ ڪُٺي ۽ باکَ ڦُٽي وئي
جنهن پل ويڙهيئي وارَ
لُڙڪَ لَڙي پيا لارَ ڪري.

پاڻيءَ تي جڻ لِيڪا ها
تُنهنجا قولَ قرارَ
لُڙڪَ لَڙي پيا لارَ ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وري ملڻ جي مهل وري
شالَ هينئين جا هارَ!
لُڙڪ لڙي پيا لارَ ڪري.

تـوکان تيـنـدي ڏارَ
ڪِلندي ڪِلندي يارَ!
لُڙڪ لڙي پيا لارَ ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

o

توکي ۽ تُنهنجن
يادُن کي چاهي؟
پوڳيون يارَ اسان تا!

ننڊون ئي ويندا کَسي
سپنن کي چاهي؟
پوڳيون يارَ اسان تا!

پِتون پيرَ ويا تي
رستن کي چاهي؟
پوڳيون يارَ اسان تا!

توڙي تيزِ ترارَ جيان
لفظن کي چاهي؟
پوڳيون يارَ اسان تا!

چندڊُ گهُرن تا راندِ لئہ
بارن کي چاهي؟
پوڳيون يارَ اسان تا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

ڳـُـگهہَ جي گهيرَنِ ۾
گهور انڌيـرنِ ۾
ڏِيئا ٻاريان تـو!

پنڇي راهہَ نہ ڀُلجن جيئن
مـان آڪيـرنِ ۾
ڏِيئا ٻاريان تـو!

اُجرن گيتن جا پيو
انـدرَ ميـرنِ ۾
ڏِيئا ٻاريان تـو!

مان ڏِياريءَ جي ڏينهنَ تي
پرينءَ— پـيـرنِ ۾
ڏِيئا ٻاريان تـو!

ڳـُـگهہَ جي گهيرنِ ۾
گهور انڌيرنِ ۾
ڏِيئا ٻاريان تـو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

o

آءُ امر انسانُ
ماري موتَ نہ سگھندين!

اونداهي ڪمري جو مان
آهيان روشن دان
ماري موتَ نہ سگھندين!

گُلَ مُرجهايا پوءِ بہ
چَمڪي ٿو گُلدانُ
ماري موتَ نہ سگھندين!

ڏکَ اسان جي ڏيهَ ۾
ڏينهنَ بہ ٿي مهمانُ
ماري موتَ نہ سگھندين!

ڪنڌرَ ڇهڻ جي پُٺيان
پَسجي پيو طُوفانُ
ماري موتَ نہ سگھندين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

آءُ اسان وٽ هيلَ
جهولِ ڪٽي رابيل
برکا رُت جي بانوري!

موٽ مورَ ڙَي!، مري نہ پئي
ڊوڙي ڊوڙي ڊيلَ
برکا رُت جي بانوري!

ڏاڍِن جون ڏاڍيون سائين!
پوپاڙيءَ جا کيل
برکا رُت جي بانوري!

ٿَرٿَرِ، ٿَرٿَرِ ڳاڙها جهنڊا
باڪَ ٿُٽيءَ جي ويلَ
برکا رُت جي بانوري!

ڳاٿَ اُوچي سان ٽيندا رهندا
مِنڙِن سان پيا ميلَ
برکا رُت جي بانوري!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٥

چا تي کڏهن آلاءِ
اوکيءَ سوکيءَ لاءِ
لُڙڪَ سنيالي رک تُون!

ساري دنيا دانهَن آ
تَنهن ۾ ٿَهڪَ وِرهاءِ
لُڙڪَ سنيالي رک تُون!

تورو تورو خرچُ ڪر
وچڙڻَ ويلي تاءِ
لُڙڪَ سنيالي رک تُون!

خوابَ ڪٽي وڃُ پانهنجا
موهہ سندم موٽاءِ
لُڙڪَ سنيالي رک تُون!

ڏينَهن تيڻ ڪان اڳ ئي
ڏِيئا ڪين وساءِ!
لُڙڪَ سنيالي رک تُون!

چاتي ڪڏهن آلاءِ
اوکيءَ سوکيءَ لاءِ
لُڙڪَ سنيالي رک تُون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

o

دلبرَا! دير سويرَ
ماڻيندا سين ماڳ کي!

ڪين پِتون ٿيا پنڌ ۾
پٿرَ پنهنجا پيرَ
ماڻيندا سين ماڳ کي!

ڏاڍي ڇڏيو ڏاڍُ ڇڻ
ٻيرُ ڄڻيا ٻيرَ
ماڻيندا سين ماڳ کي!

قسمت پنهنجيءَ راهه ۾
ٿيندي آهي ڪير؟
ماڻيندا سين ماڳ کي!

ڪين اسان جي هانوَ کي
هارائڻ جي هيرَ
ماڻيندا سين ماڳ کي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

o

ناهي ديرِ سويرن ۾
راتِ وڃي ٿي رِڙهندي رِڙهندي!

باکَ— ڦُٽي ٿي ڪاڪُ هٽي
يارو! گُهگهہ آنڌير نِ ۾
راتِ وڃي ٿي رِڙهندي رِڙهندي!

ڪُوڙ سموري دنيا جو
هوندو پنهنجن پيرنِ ۾
راتِ وڃي ٿي رِڙهندي رِڙهندي!

ماڻڪَ، موتي، لعل، ڪنولَ
ڦاٽلَ ڪپڙن ميرنِ ۾
راتِ وڃي ٿي رِڙهندي رِڙهندي!

جاڳُ پرين! ٿَرٿوٽ پئي
تُنهنجي غَمَ جي گهيرنِ ۾
راتِ وڃي ٿي رِڙهندي رِڙهندي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

واھہ وٽي تو گـُـل
وينگسِ وارنِ وچ ھا!

اُڏريو پکي پيارَ جو
تنھن ڏانھن ڏيئي ٻُل
وينگسِ وارنِ وچ ھا!

چـرکي اَمَن اُڏامندو
ڪين ڪيو ڪو ھُل
وينگسِ وارنِ وچ ھا!

پيارُ سمورو سچُ آ
ڪُوڙ ٻيو آ ڪُل
وينگسِ وارنِ وچ ھا!

سسئي ٻڌجي سوچَ! تون
راھون راھون رُل
وينگسِ وارنِ وچ ھا!

ڏکڙَ! منھنجيءَ ذات جا!
گـُـھل گھڙي ڪن گـَـھل
وينگسِ وارنِ وچ ھا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

o

گـُـلن جيان چَهرا
ماڪَ- ڦـُڙا جڻ موهيڙا!

نفرتَ ڏئي تي نينهن کي
گهاوَ گهٽا گَهرا
ماڪَ- ڦـُڙا جڻ موهيڙا!

ڍهندا، لَهندا نيٺ هي
پيارَ مـتـان پَهرا
ماڪَ- ڦـُڙا جڻ موهيڙا!

ڏبيل، هِيسيل هانوَ ۾
اُلڪا — اُڀرا
ماڪَ- ڦـُڙا جڻ موهيڙا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

o

جيونُ جهڙي جُٺِ
پل پل پُور نوان!

پيٽَ ٻُڪئي لاءِ ٻُگڙن لَپَ آ
جن کي موتين مُٺِ
پل پل پُور نوان!

مسڪين جو جيئڻ کهڙو؟
جيئري پيئڙا ٻُٺِ
پل پل پُور نوان!

ڇِيهان ڇِيهان سورهيہ ڇاتي
ڪانئرَ گهايل پُٺِ
پل پل پُور نوان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

سانوڻَ رُتِ ۾ سارَ
آئـي تُنهنجي يارَ!
ڦـُٽيا ڳوڙهَ غمن جا!

تُنهنجو هرپلُ ٺَهڪڙا
مُنهنجو، لـُڙڪنِ لارَ
ڦـُٽيا ڳوڙهَ غمن جا!

ڇپَن وانگيان ڇِتَ تي
ڇانيل آ ماٺارَ
ڦـُٽيا ڳوڙهَ غمن جا!

ايڏا سورَ سهون ڪيئن؟
ناهيون ڪي اوتارَ
ڦـُٽيا ڳوڙهَ غمن جا!

گهڙيون گڏجي گهارجن،
هيلَ نہ ڪر هاڪارَ
ڦـُٽيا ڳوڙهَ غمن جا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

o

سانگيئڙن کي سارِ
ڌاريا ڪهڙا دوستَ ڙي!!

آيلَ پنهنجي اَنَ تان،
ڪُڙمي! ڪانگَ اُڏارِ
ڌاريا ڪهڙا دوستَ ڙي!!

ريتي رَتُ جو ريجُ ڏئي،
سونو سِجُ اُيارِ
ڌاريا ڪهڙا دوستَ ڙي!!

ڏُکن سُکن سان پرين!
گڏجي سڏجي گهارِ
ڌاريا ڪهڙا دوستَ ڙي!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

o

سچلُ، سامي يا لطيفُ
نانوَن ۾ ڇا هي؟
سچُ تہ سچُ آهي!

سورجُ سدا لاءِ ڪوئي
ڪين سگهيو لاهي
سچُ تہ سچُ آهي!

مُورکَ بَڪ بَڪ ڪنِ پيا
ماٺِ ڪئي ڏاهيِ
سچُ تہ سچُ آهي!

دلبرا، پنهنجي ديسَ ۾
ڇا نہ ٿيو آهي؟
سچُ تہ سچُ آهي!

ڪيڏا ڏينهن رهي سگهبو
واريءَ— گهر ٺاهي!
سچُ تہ سچُ آهي!

ظُلم ختم ٿي ويندو؟
تون جي چئين: ناهي
سچُ تہ سچُ آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

o

سپنا!، ساڀيا ماڻ
هيلَ تہ خوشيون آڻ
ڏاڍا ڏُکَ مِليا هِن!

چاهتَ پنهنجي پورِ پورِ
جذبا ــــ رتوچاڻ
ڏاڍا ڏُکَ مِليا هِن!

يادُن آندي ڀاڻَ سان
اکڙيُن ۾ آلاڻ
ڏاڍا ڏُکَ مِليا هِن!

ڪليو مُنهنجي حالَ تي
رَنس جنهن جي ڪاڻ
ڏاڍا ڏُکَ مِليا هِن!

جندڙي جهُوني ناوَ آ
وقتُ جيئين مهراڻ
ڏاڍا ڏُکَ مِليا هِن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

o

پِپُرَپِيلا پَنَ
ويا وِڪري واءَ ۾!

آندو آهي مون کي تُنهنجي
چنچل!، چاهہَ چمنَ
ويا وِڪري واءَ ۾!

سامهون ساجنَ ساهہَ جا
پَسِي مَتا مَنَ
ويا وِڪري واءَ ۾!

پانيان ڏوڏا، ڏڄُ مان
ڏاريا! تُنهنجا ڏَنَ
ويا وِڪري واءَ ۾!

سچُ سٽن، سچارَ سدا
ڪُوڙن ڪَهہَ- ڪَنَ
ويا وِڪري واءَ ۾!

(جيون جي پهرين واٽي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

ورتوسين ويراڳُ
ناتو جوڙي نينهَن سان!

عشقُ ڪيو سي عشقَ سان
پاڻ بڻائي ياڳُ
ناتو جوڙي نينهَن سان!

سُڌڪي سڌئي سونهَن تي
عشقَ! اسانجا جاڳُ
ناتو جوڙي نينهَن سان!

جي مان سوچيان سچَ سواءِ
ڏئي وجُ ذاتِ! ڏهاڳُ
ناتو جوڙي نينهَن سان!

ورتوسين ويراڳُ
ناتو جوڙي نينهَن سان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٥

روشن ڪيو راهُون
لاٽَ جلائي لاٽَ مان!

ڪيسين ڪارونيارَ جون
سُورجَ تي ڪاهُون!
لاٽَ جلائي لاٽَ مان!

سورهيہ ڪارڻ سوبَ جون
ٻاڪارڻِ — ٻانهون
لاٽَ جلائي لاٽَ مان!

ٻُڏي ٻُڏجنِ ڪيترين؟
ديس سُجو دانهون
لاٽَ جلائي لاٽَ مان!

روشن ڪيو راهُون
لاٽَ جلائي لاٽَ مان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

o

آئـي جـاڳـرتـا
دلبَرا! پنهنجي ديس ۾!

سـدا رهـيا پـيـارُ ۾
سچُ سندر سَرتا
دلبَرا! پنهنجي ديس ۾!

ڪانئرَ ڪاڻ جو موت آ
مـون لـئـہ آمرتا
دلبَرا! پنهنجي ديس ۾!

جنمَيئي ڪاتان جيءَ ۾
ايڏي ڪانئرتا!!
دلبَرا! پنهنجي ديس ۾!

جُوءِ جي لاءِ جيئڻ جي
مـائـنِ سَـقـلـتـا
دلبَرا! پنهنجي ديس ۾!

آئـي جـاڳـرتـا
دلبَرا! پنهنجي ديس ۾!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٥

عشقُ اسان جو آرسي
پٽرَ لوڪُ سڄو!

جڏهن يي مان سچَ سان
آهي لِڇَ ڳنڍي
پٽرَ لوڪُ سڄو!

جاڳندي جو خواب آ
تُنهنجي مُنهنجي زندگي
پٽرَ لوڪُ سڄو!

دردَ پرائيندين پرين!
مون سان واتَ رکي
پٽرَ لوڪُ سڄو!

ڪيئن لِڪائي سگهبي
خوشبوءِ ۽ خوشي؟
پٽرَ لوڪُ سڄو!

عشق اسان جو آرسي
پٽرَ لوڪُ سڄو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

o

پـتـرَ ڏِسـنـداسـي
هِـيـرا چـونـداسـي
مُورکَ نـاهـيـون ايـتـرا!

قَـتـين لـونڻُ جي ٻُرڪبو
مُرڪـي پـونداسـي
مُورکَ نـاهـيـون ايـتـرا!

توري ڏُکَ ملڻ تي
هِيڙا تيـنـداسـي
مُورکَ نـاهـيـون ايـتـرا!

انـڌيـُن اکين ۾ پيـا
خوابَ ٽنگينداسي
مُورکَ نـاهـيـون ايـتـرا!

هر جذبي هر سوچَ جو
اَگهـُ ڪَـتيـنـداسـي
مُورکَ نـاهـيـون ايـتـرا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

جذبا ڪيئن بچندءِ؟
لاشا ٿي ملندءِ
بارودي هِن دور ۾!

ماڻهو! توتي ماڻهپو
ٿهڪَ ڏئي کِلندءِ
بارودي هِن دورَ ۾!

بَمَ هي تُنهنجي ٻارَ ڪان
مُرڪون کسيندءِ
بارودي هِن دورَ ۾!

مورڪَا!، سوچيو ٿي ڪڏهن
لُڙڪَ رڳو ملندءِ
بارودي هِن دورَ ۾!

دل ۾ لڪين وحشتون
خنجَر جيان لهندءِ
بارودي هِن دورَ ۾!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿامي جا ٽُڪرا ڏئي
پيارُ ڪسيُ ويندءِ
بارُودي هِن دورَ ۾!

جذبا ڪيئن بچندءِ!
لاشا ئي ملندءِ
بارُودي هِن دورَ ۾!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

وِکري ويندا سي
هاڻِ نہ جيئندا سي
نفرتَ سندءِ نهارَ ۾!

تيز هوائون، حالتون
نيٺ اُجهاميا سي
نفرتَ سندءِ نهارَ ۾!

ساهہُ هئين تون ساهہَ ۾
توکان وِسرياسي!
نفرتَ سندءِ نهارَ ۾!

ڪيئن حياتي گُذرندي؟
بس گهِليندا سي
نفرتَ سندءِ نهارَ ۾!

واندَ مِلي تہ دل جا
گهاوَ ڳڻيندا سي
نفرتَ سندءِ نهارَ ۾!

ڪنهن جاتو ٿي گُلَ مان
پترَ ٿيندا سي
نفرتَ سندءِ نهارَ ۾!

■

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٥

ڪيئن پوندا، ڪيئن پوندا يارَ!؟
سنگهرَ سوچُن تي!

پاڳيا منهنجيءَ پونءِ جا
هِيٺا يا هالارَ؟
سنگهرَ سوچُن تي!

ڏرتيءَ وارا پيا تين
جو ڏرتيءَ ڪان ڏارَ؟
سنگهرَ سوچُن تي!

ماروئڙن جي ماٿِ ۾
لِڪل ڪا للڪارَ؟
سنگهرَ سوچُن تي!

ڪيئن پوندا، ڪيئن پوندا يارَ!؟
سنگهرَ سوچُن تي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

o

ڪيڏيون وِڇوڙيون!؟
سائيا ۽ سپنَ ميرا!

ڏاڍي چوٽَ ڏئي ويون
تنهنجون ٻہ چوٽيون
سائيا ۽ سپنَ ميرا!

سوچُون، لهرون سمنڊَ جون
آيون ۽ موٽيون
سائيا ۽ سپنَ ميرا!

جانبَ!، جياپي جون
جڳيون تا جوٽيون
سائيا ۽ سپنَ ميرا!

ڏيجي وئي يادِ جي
قبرون چا کوٽيون؟
سائيا ۽ سپنَ ميرا!

ڪيڏيون وڇوڙيون؟!
سائيا ۽ سپنَ ميرا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

ڇوريءَ ڇِڳلُ ڇَڄُ
ڪَٽا ڪونهن ڪٽڪَ جا!

ڇِتان ڇاهيان، وَستيون واهڻَ
ڌرتي! تُنهنجي ڌَڄُ
ڪَٽا ڪونهن ڪٽڪَ جا!

ڪارنِ ڪَڪرنِ واتَ وَڪوڙي
اونـدهـہِ آهـي اَڄُ
ڪَٽا ڪونهن ڪٽڪَ جا!

آزاديءَ— آوازَ اَندر جا!
واڄَـٽَ وانـگـي وَڄُ
ڪَٽا ڪونهن ڪٽڪَ جا!

ڇوريءَ ڇِڳلُ ڇَڄُ
ڪَٽا ڪونهن ڪٽڪَ جا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿ

ڪسجي ويندي اوچتو
آهي هر خوشبوء
سانديي رکجانءِ پيارَ ڪي!

گهڙيءَ ۾ تا تِي وجن
مِرون ڙي! ماڻهو
سانديي رکجانءِ پيارَ ڪي!

راتِ رُنس پئي آءٌ ء
مُرڪيا تي ٽيڙوء
سانديي رکجانءِ پيارَ ڪي!

رهندو ڇا؟ ڪسجي وئي
ڪويل ڪان ڪُو ڪُو!
سانديي رکجانءِ پيارَ ڪي!

ڪسجي ويندي اوچتو
آهي هر خوشبوء
سانديي رکجانءِ پيارَ ڪي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

تو تائين پُهتا
مُنهنجي نيڻن جا
سارا تَڪَ لهي ويا!

تُهنجو ناءُ لِکي ڏٺم
منهنجي هٿن جا
سارا تَڪَ لهي ويا!

تون جي آئين، شهرَ ۾
سيني رستن جا
سارا تَڪَ لهي ويا!

ساپيائن جي ديسَ ۾
ساڻن سپنن جا
سارا تَڪَ لهي ويا!

هڪڙي ياڪُرَ ساهُ ئي
وِسريل وعدن جا
سارا تَڪَ لهي ويا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تُنهنجي چُنريءَ ۾ اڇي
راڻي!، رنگن جا
سارا ٽَڪَ لهي ويا!

تو تائين پُهتا
مُنهنجي نيڻن جا
سارا ٽَڪَ لهي ويا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٥

سانڍيو ڙي سانڍيو!
سَرڪش ھِن سماجَ کي.

ذاتِ پاتِ جي فرقَ جا
لِيکا لتاڙيو!
سَرڪش ھِن سماجَ کي.

ڇڏي پُراڻا پيچرا
راھہَ نئين تاڙيو!
سَرڪش ھِن سماجَ کي.

کِلو مِلو موجَ ڪيو
ڳوڙھا چو ڳاڙيو!
سَرڪش ھِن سماجَ کي.

پنھنجا ڪيل قولَ قرارَ
پرينَ سان پاڙيو!
سَرڪش ھِن سماجَ کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ه

ڏيئا نينھَ جلائنِ
پنهنجو پاڻُ وِچائنِ
وَڻجارنِ جي واٽَ تي.

شلَ نہ پيارَ جي راهَ تي
دِليون دوکا کائنِ
وَڻجارنِ جي واٽَ تي.

سڄڻ سواءِ سُهاڳڻيون تيون
متي مِٺي پائنِ
وَڻجارنِ جي واٽَ تي.

هُجن کي پنهنجا پيارا جي
روئون تہ پرچائنِ
وَڻجارنِ جي واٽَ تي.

لوکَن آڏو لوپي سائين!
آخِر پاڻُ لڄائنِ
وَڻجارنِ جي واٽَ تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

گهرا گهرا گهاوَ
ماٺوءَ ماٺوءَ مُرڪَ ۾!

دردَ - لهر ڪڪئي ٽُڪرا ٽُڪرا
جهوني جيون - ناوَ
ماٺوءَ ماٺوءَ مُرڪَ ۾!

شعرَ شعرَ ۾ شاعرَ جي
پِيڙا جا پڙلاوَ
ماٺوءَ ماٺوءَ مُرڪَ ۾!

ڪيڏڻ وارا! شال ڪٿين تون
دِل لڳائيہ داوَ
ماٺوءَ ماٺوءَ مُرڪَ ۾!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

- نظم
- آزاد نظم
- نثري نظم

اياز ڪلّ جي شاعري محسوس ڪرڻ جي شاعري آهي، حواسن کي ڇهڻ واري، لمحن تائين هلڪو هلڪو سُرور ڏيندڙ.

□ تاج بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ

سنڌُ اوچي آ
سنڌُ اوچي آ

هِن سورجَ، چنڊَ، ستارن کان
هر منظرَ کان، مَهکارن کان
درياهَن کان، وڻکارن کان
۽ ساوڻ مُند، بهارن کان

سنڌُ اوچي آ
سنڌُ اوچي آ

هر ڪُرسيءَ، قلم، ڪتابن کان
سڀ مستيُن، ڪيفَ، حِجابن کان
ها گلڙن، گُلَ گُلابن کان
۽ تُنهنجي مُنهنجي خوابن کان

سنڌُ اوچي آ
سنڌُ اوچي آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تو پارَن ڪان، مون پارن ڪان
ها ٻَنيءَ، وَنيءَ، ٻارَن ڪان
هر جانيءَ، جانِ ۽ يارن ڪان
۽ هُن جي گهَر جي چارن ڪان

سنڌُ اوچي آ
سنڌُ اوچي آ

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان انسان

اسان جي اندرَ ۾ تون سَرچي وڃين پل
اسان کي سجڻ! پوءِ بہ سمجهي نہ سگهندين!

اسان پيارَ پَريا مِنا گيتَ آهيون
اسان ماتِ آهيون، اسان جيت آهيون!

اسان ماکَ پِنڙي کا پرِيات آهيون
اسان ڌَرتتيءَ ۾ ٽڌي چانوَ آهيون

اسان سِکَ جي کا سِڌي واٽَ آهيون
اسان کِريَ پَريا کي سرہاٽَ آهيون

اسان کنهن جي دَردن جو درمان آهيون
اسان دردُ ڏيندڙ کي ڏَنوان آهيون

اسان موتئي جي تہ سُرهاڻ آهيون
اسان ذِلتن جا بہ اُهڃاڻ آهيون

اسان پيارَ جا پَکسِرا کوٽ آهيون
اسان ٿي گُناهن سندي اوٽ آهيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان عزتن جا سهارا بہ آهيون
اسان لَڄ لوٽڻَ وارا بہ آهيون

اسان ڪِن جي رونقَ تي رُئندا بہ آهيون
اسان خوش ڏسي ڪنهن کي جلندا بہ آهيون

اسان ڪنهن لاءِ ڏاتارَ، يڳوانَ آهيون
اسان ڪن جي نظرن ۾ شيطانَ آهيون

اسان ڪن جي شعرن جا عُنوانَ آهيون
اسان قُربَ قاتل تِکا ڪانَ آهيون

اسان پيارَ جي ڪٽ پالوٽَ آهيون
اسان ڪِن جي احساسَ تي چوٽَ آهيون

اسان ڪارِ، بنگلن جا سينگارَ آهيون
اسان پيٽَ بُکيا ننگا بارَ آهيون

اسان اُتم سڀ کان تہ انسانَ آهيون
اسان ڪِريلَ وحشي ۽ حيوانَ آهيون

اسان جي اندر ۾ تون سَرچي وڃين پل
اسان کي سڄڻ! پوءِ بہ سمجهي نہ سگهندين!

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽

نئين ڳالهہ

اسان تي جي الزام آهي تہ ڇاهي؟
اِها ڪا نئين ڳالهِہ ناهي او پيارا!

سدا سچَ کي ڪَچُ ڄاتو ويو آ
سدا ڪُوڙَ جو گيتُ ڳاتو ويو آ
هتي قُرب آهي ڏِڪاريو ويو ۽
سدا لوڀَ سان نينهنُ لاتو ويو آ
هتي روپَ بدلڻ نئين ڳالهہ ناهي
اسان تي الزام جي آهي ڇا هي؟
اها ڪا نئين ڳالهہ ناهي او پيارا!

خيالَن تي پَهرا لڳايا وڃن ٿا
جي جاڳَن ٿا جذبا، دَٻايا وڃن ٿا
ڦَٽن تي لَيون لوڻُ ٻُرڪيو وڃي ٿو
هتي روزُ گهايلَ ئي گهايا وڃن ٿا
نَڪا سونَهن آهي، نہ سُرهاڻ آهي
اسان تي جي الزام آهي تہ ڇاهي؟
اها ڪا نئين ڳالهہ ناهي او پيارا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان سُورَ سارا هي سَهندا رهون ٿا
سنڌوءَ وانگي اڳتي ئي وڌندا رهون ٿا
هي الزامَ سارا ۽ ڳاليهون آجايون
ٻُڌي سب زماني جون کِلندا رهون ٿا
يلا کيرُ آهي، اسان کي جو ڏاهي؟
اسان تي جي الزام آهي تہ ڇاهي؟
اها ڪا نئين ڳالهہ ناهي او پيارا!

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاپُ

پاڻَ تہ پاپُ ڪيو ئي آهي
ڇو نہ پلا سنگسار ٿيون؟
يا مُرڪي مُرڪي زَهرُ پيئون
۽ مري جيئون!

ڪنهن سان قولُ قرار ڪيوسي
ڇڻ دنيا تي وارُ ڪيوسي
پيارُ ڪيوسي، پاپُ ڪيوسي؟
پاپُ ڪيوسي؟!

ڌرتيءَ سان جي نينهَن نِيائي
اُن سان جيڪو ناتو آهي
ڪين ڇِنوسي، يا حقُ پنهنجو
ڪَسي ڪنيوسي، ڪين پِنيوسي
پاپ ڪيوسي؟

نينهَن ڪي گِيتن ۾ ڳاتوسي
ڏينهَن ڪي گِيتن ۾ ڳاتوسي
رات ڪي هردم راتِ ڇيوسي
پاپَ ڪيوسي، پاپُ ڪيوسي؟!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڻَ تہ پاپُ، ڪيو ئي آهي
چو نہ پيلا سنگسار ٿيون؟
يا مرُڪي زَهرُ پيئون
۽ مري جيئون!

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ياد پوين‎ءَ جي

يادِ جيئن جيئن پرين! تُنهنجي ايندي وئي
دردَ جي هر گهڙي دُور ٿيندي وئي

هر طرف روشني، سازَ، سُرهاڻ آ
مُنهنجو مَنُ موجَ ۾، ڇڻ تہ مهراڻ آ
جنهن ۾ اِحساسَ مِٺڙا ڇڏيندي وئي
يادِ جيئن جيئن پرين! تُنهنجي ايندي وئي

توکي ساري مان سُپرين! سُتس جنهن پلک
ڏينهنَ جا ڏُک وسري ويا تنهن پلک
مُنهنجي خوابن ۾ خوشبوءِ پريندي وئي
يادِ جيئن جيئن پرين! تُنهنجي ايندي وئي

تو سواءِ زندگي ڇڻ مِنو زهرُ هئي
دل ڊِئلَ شهرَ جو ڪوئي کنڊرُ هئي
قُربَ جا ڪوٽَ اُن تي اَڏيندي وئي
يادِ جيئن جيئن پرين! تُنهنجي ايندي وئي

يادِ جيئن جيئن پرين!، تُنهنجي ايندي وئي
دردَ جي هر گهڙي دُور ٿيندي وئي

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

روشنيءَ جو سفر

ڳالھہ سولي نہ آ
ڳالھہ سولي نہ آ

مُورکن جي شھرَ منجھہ ڏاھو تيڻُ
وھہُ پيئڻُ!
تيز طوفانَ سان ديپَ جو اٽڪجڻ
پوءِ بہ جلندو رھڻ!
راتِ کان ڏينھن ڏي، روشنيءَ جو سفُر
ڳالھہ سولي نہ آ

ڪُجھہ پھر ڏُک ڏسڻو تہ پوندو ضرور
بند اونداھي ڪمري مان نِڪري جڏھن
صاف روشن فِضا ۾ تو اچجي تڏھن
تِرورا تِرورا ڇائنجي تا وڃن
ڪُجھہ پلڪ ڪُجھہ ڏسڻ ۾ اَچي ٿي نٿو
روشني جڻ ڪندڻ جيان چُڀڻ تي لڳي
سوجھري سونَ جھڙي ڪي پڏرو پَسڻ
خوش ٿيڻُ!

ڳالھہ سولي نہ آ
ڳالھہ سولي نہ آ
□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيون

جيونُ ڪنهن جيءَ يادِ جو نالو
جيونُ ڪڙيءَ دوا جو پيالو

جيونُ سُرَ، سگنڌ، اُجالو
جيونُ اکڙين منجهہ جهُڙالو

جيونُ گُل جڻن ماڪَ ۾ آلو
جيونُ جذبن تي ڪو تالو

جيونُ ڪوئي ٺهڪ نِرالو
جيونُ جڻ ڪو من پُورالو

جيونُ تيزِ اُڌامر اپالو
جيونُ سُستي، ڏکَ، ڏيوالو

جيونُ روشنين جو حوالو
جيونُ، غربتَ، بُکَ جو يالو

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڃا اسان جو ڏوڙ آ

اڃا اسان جو ڏوڙ آ
اڃا اسان جو ڏوڙ آ
او ڪُوڙَ جا پيمبرؤ!
پري رهو، پري رهو!

اَڃا تہ پيارَ جو شهرُ وَسي پيو
اِنهيءَ تي مينهنُ نينهنَ جو وَسي پيو

اڃا تي سِينڌ سونهَن جي سنوارجي
اڃا تي ڪنهنجي واٽَ پئي نهارجي
جُدا تي روئي راتِ پئي گُذارجي
اڃا ملڻَ جي آس دل ۾ ڏارجي
اَڃا نہ پنهنجو پيارُ تہ وِسارجي
ڏکي اکين ۾ ساهَہ ۾ تہ سارجي
غَمن ۾ هانءُ ڪين پيو تہ هارجي
پکي پيو تہ پيارَ جو اُڏارجي
اَڃا ڪيلُ قول پيو تہ پارجي
اڃا ڀي ساهہُ ديس تان تہ وارجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڄا تي ناوَ سير مان اُڪارجي
اڄا سُتل سوچَ تي اُتارجي
اڄا يي مَچُ ڏاتِ جو تو بارجي
۽ راتِ مان ڪو سِجُ تو اُپارجي

اڄا اسان جو دؤر آ
اڄا اسان جو دؤر آ

اَڄا تہ لاتَ سچَ جي جلي پئي
۽ پُٽڪَ سُورَ پُٽڪَ سان سَلي پئي
اڄا نہ دل ڪان دِل، ڪا دل پَلي پئي
نہ رازُ اڪ، اڪِ ڪان آلي پئي
اَڄا تہ سِڪَ راھہ تي جهلي پئي
اڄا بہ جَنگِ ڪِربَ سان هلي پئي

سو ڪُوڙَ جا پيمبرؤ!
پري رهو، پري رهو
اڄا اسان جو دؤر آ
اڄا اسان جو دؤر آ

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دعـــا

شالَ هي ديسُ ٺَري
ڏاڍُ ڏَري، ڏاڍُ مري

کيتَ ۾ سنگَ پچَن
رنگَ رچن، انگَ نچن
پيارا پيغامَ کٺي
ڪانگَ اچن، مَچ مچن
سونهن سينگارُ ڪري
ميتُ وري، مهر ڪري

شالَ هي ديسُ ٺَري
ڏاڍُ ڏَري، ڏاڍُ مري!

سچ اوچوئي رهي
سورَ سهي، ڪين ڊهي
سچَ جيان سنڌو اَمر
تارِ وَهي، ڪين لهي
رُجَ جي اُجَ مري
پارِ پري، تَرَ ٻري
شالَ هي ديس ٺَري
ڏاڍُ ڏَري، ڏاڍُ مري!

شالَ هي ديسُ ٺري
ڏاڍُ ڏَري، ڏاڍُ مري!
□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گونگو پيارُ

”ٻَهڳَڻَ وانگي ٻَهڪي شالَ
مُڪڙين وانگي مَهڪي شال“
جنهن لئہ جهولَ جهليندو آهين

ڏينهنُ سڄو ۽ راتِ سڄي پيو
جنهن بابت سوچيندو آهين
جنهن جو چهرو چَريا ماڻهو
تارن ۾ ڳوليندو آهين
اک ۾ اُن جي ڪَکَ پوڻ تي
پاڳَلُ ٻڄي ويندو آهين
ساري گهرَ جي اکِ بچائي
موتين کي روليندو آهين؟

روزُ پيو سوچيندو آهين:
”اڄُ اُنهي جي آڏو ايندس
پيارَ جا گُلَ سمورا سوئي
لفظن جا کي موتي ميڙي
اُن جي قدمن ۾ هاريندُس
دل ۾ ڪائي ڳالهه نہ رکندس
ساري ساري سُور سليندُس“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سِڪَ سنيالي سيني ۾
پَڌرو پيارَ ڪرڻ جو سوچي
پوءِ چو منھنجا دوستَ! جڏھن
هُن جي سامھون ايندو آھين
پنڌ ــ پَھڻ تي ويندو آھين؟

واھ‍َ! عجب تون ماڻھو آھين
حيرتَ جھڙو ماڻھو آھين!!

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آخري رستو

□ هاڻي موٽڻ جو ڪٿي آ، امڪان؟

سارو جيونُ تہ داوَ تي آهي
هر ٺهڪُ، لُڙڪَ جي آ ناءِ تي ويو
دردَ— درياهُ آهي اُٿلي پيو

سارا رستا وڃائي آياسي
سارا ٻيڙا جلائي آياسي
اَڳِ آهي اڳيان
پُٺيان پاڻي
۽ هاڻي!

جِيتَ ملندي تہ ڀلا ڇٺبا ڀاڳَ
هارَ هرڪا بہ اکين تي آهي
آءُ تہ پوءِ تنهن کان اڳي
ڪُوڙ جو ڏوڙ مُنهن ۾ پائي وڃي
(پنهنجي ٿي)
رات هر سونهن کي ڳَڙڪائي وڃي
(سچَ سوڌي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

راتِ ڪاريءَ جي اکين منجهه
ڪُپائي اکيون
ساري سگهه ميڙي سَهيڙي اُن سان
جهيڙي ڏيون، وڙهندا رهون
وڙهندا رهون، مُنهنجي جان!

هاڻي موتَ جو ڪٿي آ، امڪان؟

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڇوڙي جو پهريون نظم

▫ تون وئي آن تہ ايئن ياسي تو

چو ڏِسائن ۾ ڏُوڙ اُڏري تي
وقتَ جا پيرَ جڻ تہ وَڍجي ويا
هر گهڙي سالَ وانگي گُذري تي

ڪنهن بہ گُـلَ ۾ سُگندِ ناهي رهي
بس اُيا تيز صرف ڪندا هِن
آگرُين ۾ تا جيڪي لهندا وڃن

ٽيپِ تان ڪو بہ خوبصورت گيتُ
صرف هڪ شورُ تو لڳي هائي
دردَ ڪي عُمرِ تي آ ساماٺي!

پاڻَ ڪي پاڻُ اوپرو تو لڳي
ٿهڪَ تي روجَ جو گُمان تو ٿئي
جڻ ڏِسڻ ۾ يَڳل لڳان تو مان
آئيني ڪي مُئل لڳان تو مان

تون وئي آن، تہ ايئن ياسي تو!
تون وئي آن تہ ايئن ياسي تو!

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دل جي ديس مان جلا وطن يادون

□ اُهي بہ ڏينهن هئا:

روزُ روزُ ملبو هو
۽ ڳالهہِ جا بہ هجي
ٿهڪَ ڏيئي کِلبو هو

ڇَپنِ تي پنهنجون پرايون، هزار آکاڻيون
ادبَ تي، آرٽِ تي، فلمن تي ۽ ڪتابن تي
طويل بحثَ، رُساما، عَجب عَجب ڳالهيون!
۽ وِچ ۾ وري اڪڙينِ جون پنهنجون شيطانيون
عجب نَشي ۾ تي گـذريا، هي ڏينهنَ ۽ راتيون
نہ پنهنجو هوشُ، نہ دُنيا جي ڪا خبرَ پرواهہَ!

۽ هي بہ ڏينهن تيا:

تا ڪڏهن ڪڏهن گڏجئون
مِلون تہ ايئن جو ستَ ڪوٽَ اوپرائپَ جا
ڪنهن JOKE تي بہ رڳي مُرڪَ، سا بہ زوريءَجي
نہ مان ئي ساڳيو اُهو ۽ نہ تون اُها ساڳي
اڪيون اُهي ئي مگر، هاڻي تِن ۾ ويرانيون!
پرائي ديسَ ۾ ڪنهن اجنبيءَ جون حيرانيون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ہہ چار جُملا، لڳن ٽيپِ ٽيلَ زبانن تي:

”اوهان جي ڪيئن آ طبيعت،
ڪٿي ۽ ڪيئن آهيو؟
لکو تا؟
لکڻ بہ شايد ڇڏي ڏنوَ هاڻي!
گهڻن ڏينهنِ کان اوهانجو نہ ڪُجهہ پڙهيو آهي
ڏسو تہ ڪيڏي نہ آهي خراب موسمَ اَڄ
هَوا ۾ ڪيڏي مٽي!
بس زڪام، کنگهہ، بُخار!!“

۽ وِچَ ۾ وري خاموش چانهہ جو وقفو:

جي ڪوپ ڏيندي ٽٽي آڱرين جو تورو ڇهاءُ
تَڪڙ ۾ هَٿُ ڇڪڻ، SORRY تورڙو پڇتاءُ!
نگاهون هيٺ، رڳو ماٺ، ماٺِ يي هڪ گهاءُ!

عذابُ ماٺِ جو جنهن پل وڌي وڃي حد کان
”ڇگو، هلان ٿو!“ چوڻ:
دَرَ ڏانهن وڌڻ، وڌي رُڪجڻ
اَچائي آسَ، اِجهو موٽَ ۾ ڪوئي چوندو:

”اچا تہ ويهہُ اَچا وقت ٿي ٿيو چاهي؟
جڏهن بہ ايندين، اٿين تَڪڙِ ٿي ڪيون ايندين!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مگر جوابَ ۾:
”پوءِ چڱو، وري اچجو!“

ٻُڌي، نِڙيءَ ۾ ڪائي شيءِ آتڪندي ياسي
۽ تيز تيز قدمَ، ڏُوڙ ڏُوڙ راهُن تي.

اِهي بہ ڏينهن تيا!
ها، اِهي بہ ڏينهن تيا!!

●

* مذاق، Joke
* افسوس، Sorry

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اُداس پل جو هڪ وعدو

□ مان پنهنجي پاڻَ سان
اهڙو ڪيان ٿو وعدو اَڄُ

تہ تُنهنجي نينهنَ جي ناتي نہ
آئيندي جيئبو
نہ مُرڪبو ٿي وري، هاڻي تُنهنجو نانءُ وٺي
نہ تنهنجي راهَہ گُذارن تان گُذريو هاڻي
جي گُذربو بہ تہ، ڪنڌُ هيٺ ۽
جُهڪيلَ اکيون.
نہ تنهنجو خيال، نہ جذبن جي ڪائي ڪِتڪائي
نہ جاڳَ ۽ نہ وري ڪا اکيُن ۾ لالائي

جي ذڪر آيو ڪٿي، تُنهنجو
ڪنهن بہ محفلِ ۾
تہ اهڙو ڏيکُ ڏِبو، ڄڻ نہ ڪا شناسائي.

اڪيلو ڪمري ۾ ويهي۽توکي يادِ ڪري
ڪو غزلُ لِکبو ۽ نہ ڪو شعرُ
تُنهنجي نانءِ ڪبو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي دِل گهُري ڪنهن پُڇيو دوستَ
تُنهنجي باري ۾
تہ ٿهڪُ ڏيئي وڏو چئبو:

”ڪُوڙ هو سڀ ڪجهہ
مرڻي دل پئي وِندرائي سي
بہ ٿي ڏينهڙا
اسان ۽ پيارُ!!، ڪو ڪوڙو
لڳي ٿو دوستَ ڀلا؟!!“

نہ تُنهنجو ساٿُ، نہ آٿتُ، نہ هانوَ تي چَنڊو
تہ پوءِ روزُ دُکن جا صليبَ چو کڻجن؟
چو روزُ مَرجي ۽ چو روز رولجَن موتي،

جي جيتَ ناهي اسانجي تہ ماتِ جا جي لاءِ؟
ڊِگهو سفر ۽ اُداسيءَ جي راتِ ڇاجي لاءِ؟
سدا اَڪيلو رهان
سو چڱو آهي اڳنا
مان پنهنجو پاڻَ سان اهڙو ڪيان ٿو
وعدو اَجُ

تہ هاڻي ڪنهن سان بہ پُلجي ڪڏهن
نہ پيار ڪبو!

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ناشڪري

□ پرين!

مُنهنجي ننڍڙي گهَر ۾
خُدا جو ڏِنو
سڀ ڪجهہ آهي
سواءِ تُنهنجي!

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سائينم سدائين ڪرين...

□ هِن ترين جي
هڪ گاڏي ۾
ٻين گهڻن ڏارين سان گڏ
هڪڙو محبوب مُرڪندڙ چهرو
پڻ آهي

هِن ترين کي پنهنجي ءَ
پناهہ ۾ رکجانءِ
سڀ سُکَ هِن جي راهہ ۾ رکجانءِ

يا خدا!
يا خدا!

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪُوڙ

□ ٻالپڻ کان تا
اِهو ٻُڌندا اَچون

ڪوئي جي يادِ ڪري ٿو تہ
ٿئي ٿي هِڏڪي
پر اِهو ڪُوڙ، صفا ڪوڙ
لڳي ٿو هاڻي

ايئن هجي ها تہ پوءِ
تُنهنجي هِڏڪي

بندِ ٿي ڪين ٿئي ها
ساڻئي!

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪ مجبوري آ

□ جڏهن بہ سُکَ جي هر شاهراهہَ
بند ٿي وئي
۽ روڳَ– رستي تي تِڙندو رهيس ۽ ٿڏبو رهيس!
نہ ڪوئي سڏُ ٿيو، هٿُ وڌيو
نہ ٽيڪَ ملي،
رُڳو اهوئي ٿيو، مون تي ٿَهڪَ ڏيئي وڌا
هوا کِلي آهي، رستي جي
هيڪلائي کِلي
۽ آڌ سُڪل ڦَٽن تي هي روز رُهندڙَ نٿين
سيبيئي رستا مُنجهيلَ
خواب خواب راهہَ سنٿين
ٿهڪَ جي نانءَ کان نا آشنا هي چَپَ مُنهنجا
بَسنتـــ رنگَ کان اوپريون نِگاهون هي
ڪنهن هڪ نهارَ لئہ
سالن کان منتظر اکڙيون
جنين جي ياڳَ ۾ لِڪبيون رهيون ٿي مايوسيون
نہ ڪنهن جي پيارَ جو امرتُ، نہ جيئڻ لئہ اُتساهہ
لڳي تہ ساهہُ، هر هڪ ساهہُ
آهي پويون پَساهہُ!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تڏهن جن دل جي انڌيرين گهٽين کي روشن ڪيو
۽ ماءُ جيان وجهي ڀاڪرُ، چُميو نيرڙ، منهنجو
انهن جن منهنجي خيالن جا ديپَ ٻاري ڇڏيا
۽ وارَ سوچَ جا، ڀاڀوهہَ مان سنواري ڇڏيا
جنين حياتي ڏني مُنهنجي
مُثلَ لفظن کي
۽گهاوَ گهاوَ اُميدن جي ڪئي مسيحائي!
اُنهن جي هوندي حياتيءَ مان گُم تنهائي.

پوءِ هاڻي عرصي پڄاڻان
جي مُرڪَ، مرُڪي آ
سدا جي ننڊَ وِساريل اکين کي خوابَ مليا
سُکن آ ڪنڌُ ورائي ڏِٺو، ڏِسي ۽ کِليا
۽ دل جي باغَ ۾ ڪجهہ رنگَ رنگَ گُولَ ٽِڙيا
تہ هاڻي ڪيئن ڪري تو سگهان ۽ ڪيئن ڪيان؟
پُراڻا دوستَ ڇڏيان؟!
ايئن ڪئي ڪري تو سگهان!!

۽ تي جي سُکَ مِليا هِن تہ پوءِ
هاڻي مان

”دُکن کي ڪيئن چوان؟
دوستَ منهنجو دَرُ نہ ڏِٺو!!“

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آداڪار

□ تون سدا مونکي ”آداڪار“ سڏيندي آهين
”ڊائلاگن“ جو ڏئي نانءُ ۽ مُنهنجا جذبا
روزُ مارينديءِ جيئارِيندي آهين

مون نہ توکان جي ڪوئي زخم لِڪايو آهي
جيڪي ڪُجهہ ٻي آهي پوڇيو سو
ٻُڌايو آهي
مون نَڪو ڪُوڙ ڪيو آهي ڪڏهن ٻي توسان
جيڪي اندر ۾ هُجي، چهري تي سو ظاهر ڪيو آ
دَردَ دل ۾ ٿي دٻائي دِل جا
ڪين ڪو ٽهڪُ لڳايو آ، جي

ان جو مقصد ڪو اٿين ناهي تہ مان
توکان همدرديون حاصل ٿو ڪرڻ چاهيان ڪي،
۽ منُهنجو پيارُ فِلرٽ آهي، آداڪاري آ
اٿين ناهي، اٿين ناهي سانئڻ!

هڪ شاعرَ وٽ لفظن ڪانسواءِ ڇا ٿو ٿئي؟
عام ماڻهو ٻہ تہ لفظنِ جو سهارو ٿا وٺن
مون جي ورتو آهي تہ ڪهڙو گناهہ ڪيو آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تون مگر تِن کي سڏي ڊائيلاگَ
مُنهنجي جذبن ۽ منهنجي پيارَ جي
توهين نہ ڪر،

تو جي پنهنجي متان هڪ خول چڙهيو چاڙهي آ
ان جو مقصد ڪو ائين ناهي تہ:

هر سچو پيارُ، "اداڪاري" ۽
هر سچو پيار ڪرڻ وارو، "اَداڪار" تو ٿئي!.

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهنجي جنم ڏينهن تي

□ ڏور
نيڻ— نِهارن ڪان بہ ڏور

روشنيُن جي شهرَ وچ ۾ ڪٿي
ڪنهن جڳمڳ جڳمڳ گهرَ ۾
ٺيڪ هِن وقت سَنجها جي ويلي
هڙئي رنگَ گُلابن جا
سجائي مُکَ تي
پنهنجي پيارنِ جي ننڍڙي ميڙَ ۾ تون
ڊِنڊَ ۾ نيلَ ـ ڪنولَ وانگي ياسندي هوندينءَ

۽ جڏهن ساريون وِسائي شَمعون
”بَرٿ ڊي ڪيڪ“ ڪَٽيو هوندءِ تڏهن
جاڳي پيا هوندا چوڌ طرف، اُن پل
”هيپي بَرٿ ڊي ٽو يُو“ جا آوازَ

ٺيڪ اُن وقت سَنجها ويلي مان
(مان جو تو ساڻ حياتي تو گُذارڻ چاهيان
پر جنم ـــ ڏينهنُ بہ تُنهنجو توسان—
ڪين آهيان جو گُذاري سگهيو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان اهو ساڳيو مان
پنهنجي ڪمري جي قبرَ ۾ پوريل
تُنهنجي يادُن جي سحَر ۾ جَڪڙيل
شهرَ تُنهنجي ڏي مُنهن ڪري ٿو چوان:

”هيپي برٿ ڊي ٽو يُو او فرينڊ!
هيپي برٿ ڊي ٽو يُو او فرينڊ!!.“

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سپنو ۽ سايبا

□ چوندي هئينءَ:

”ڏُکَ سُکَ تہ ايندا ئي رهندا هِن
ٿوريءَ ٿوريءَ ڳالهِ تي گهبرائبو ناهي
روئڻَ سان ڪهڙو مسئلو حل ٿيندو؟
دِل وڏي ڪرِ
نيڪ تي ويندو سڀ ڪجهہ ئي.“

۽ راتِ جڏهن
ڊاڪٽر ڏَسي ويو آهي:

”مسٽر!
تُنهنجي دِل وڏي ٿي وئي آهي.“

تہ روئين ڇو ٿي؟
گهبرائين ڇو ٿي؟

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اوسيئـڙو

□ مان اُنهيءَ ڏينهن جي
اوسيئڙي ۾ آهيان سانئڻ!

شهرَ تُنهنجي جا، جڏهن سڀ ماڻهو
گُلَ هٿن مان رکي پٿرَ کڻندا
جن جي اکڙين جي جڳهہَ ڇهري تي
هوندا چڻ ڪي بہ سجايَلَ ٽانڊا
جن مان اُلري ڪي اُلا نفرتَ جا
مُنهنجي جذبن کي ڪندا
رکَ، ساڙي.

مان انهيءَ ڏينهن جي اوسيئڙي ۾
آهيان سانئڻ!

تُنهنجي گهرَ جيان، تُنهنجي دِل جا مون تي،
سڀ دروازا جڏهن بندِ ٿيندا
مون تي هڪ اوپري نِگاهہَ وجهي
راهہَ ۾ گڏجي تون گُذري ويندينءَ
۽ انهيءَ پل ئي ، انهي راهہَ مٿان
مان سندم پيارَ ۽ ويساهہَ جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وِکريلَ موتي
ميڙيندي مڙيندي
راهہَ جي ڌوڙ ۾ گم ٿي ويندس.

مان انهيءَ ڏينهن جي اوسيئڙي ۾
آهيان سائينءَ!

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

درخواست

□ منهنجي سانڻ!
سچ چوانء
ڪاوڙ ۾ تون بلڪل ئي سُهڻي لڳندي ناهين!

اُهي ٻيا ڪي چهرا هوندا
جن تي ڪاوڙِ ٺهندي آهي
تُنهنجو چهرو تن مان ناهي
تون تہ سدائين
ڪِلندي / ٽِڙندي
ٺهندي آهين/ وڻندي آهين

تُنهنجي ڳلن ۾ ٺهڪَ ڏيڻ تي
جيڪي ڇُڳهَ پون ٿا
تن ۾ مُنهنجا خيال پيا
ٻُڏنِ تَرن ٿا، تَرَن ٻُڏنِ ٿا
تڏهن تہ سانڻ!
تو جهڙا ڪي سُهڻا سُهڻا
شعرَ جُڙن ٿا

مُنهنجي سانڻ!
سچ چوانء؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاوڙ ۾ تون بلڪل ئي سهڻي لڳندي ناهين

تون تہ سدائين کِلندي ڪر
ٽهڪَ ڏئي پئي ٽِڙندي ڪرِ!

●

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاڳاپو

□ روزُ ڪلاسَ ۾

قومن جي لاڳاپَن کي
پڙھندا آھيون
مان ۽ مُنھنجا ھَمَ ـ ڪلاسي.

قومُون ڪيئن تيون جوڙنِ، ٽوڙنِ
پنھنجي وِچَ ۾ لاڳاپا!
ساري جڳَ جي ڳانڍاپي جي
ڄاڻَ آسانکي

حيرتَ آ، پر
مُنھنجي يَرِ ۾ ويٺل مُنھنجي ھَمَ ـ ڪلاسڻِ
مُنھنجو نانءُ بہ ڪين تي ڄاڻي

لاڳاپو تہ پري رھيو!!

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسٽوڊنٽ لائيف

□ ڪاري رنگَ سان ٿَلهَ هڪ ديوارَ تي

چار مطالبا ۽ بس:

"......... جا رسٽيڪيشن آرڊرَ واپس ورتو"
"سائينءَ...... جي گرفتاريءَ جا وارنٽَ رَد ڪيو"
"محترم..... کي آزاد ڪيو" ۽
"شهيد...... جي قاتلن کي گرفتار ڪيو"

آخري مطالبو!!

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

داڻوي

□ وحشتُن ۾
ڏُکن ۾
ڪاوڙِ ۾

توکي چاهيو هيم، ڇَوڻ جيڪي
۽ ڇَڻِي جو سگهيس نہ
چاهيندي
اُهو سڀ ڪُجهہ، ذَرو ذَرو ٿي هُن

تُنهنجي بدران
بُدو، سَنو آهي.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مصلحت خداوندي

□ چوندا آهن:

ديوارُن کي ڪَنَ ٿين ٿا
پر اِهو بہ چڱو ٿيو جو
ديوارُن کي ناهي زِبانَ!

نہ تہ ، تہ جيڪر ڪيئي رازَ اُگهاڙا ٿين ها
ڪي ئي قِصا، اونداهيُن جو سِينو چِيري
عام ٿين ها.
خولَ شرافتَ جا چهرن تان
لهي وڃن ها
۽ هيئان جي ظاهر ٿين ها
چَهرا، ڪيڏا ڇَهڪَ ڏين ها!؟

ڪيئي سونا لڱندڙَ ماٿهو
رولڊ ـ گولڊ جا ثابت ٿين ها
سپنا، پنهنجي ساپيائنُ تي
روئي ڏين ها،
ويساهَنِ جي وِڪرڻ تي سب
سُندر سوچون وِهہ پيئن ها
(جاڙَ جيئن ها، جي جيئن ها!)

چڱو ٿيو جو
ديوارُنِ کي ناهي زِبانَ.

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوالَ جي ديوارَ

□ ڪُجهہ ڪجي، ڪُجهہ نہ ڪجي
جي وِچَ ۾

جسمُ سارو تِياسَ تي ٽنگيل
هر گهڙيءَ جي هٿن ۾ آ پٿرُ
راهہَ آهي جو ڪا سُجهي ٿي نٿي
اَجنبي شهرَ ۾ مُسافر جئن

هر طرف آ سوالَ جي ديوارَ؛

سُور سَهجن تہ ڪنهن جي خاطر، ڇو؟
گيتَ سَرجنِ تہ ڪنهنجي خاطر، ڇو؟
ڇا ڪجي، ڇا نہ ڪجي جي وِچَ ۾

راتِ ناهي تڏهن بہ راتِ لڳي
جيتَ توڙي تڏهن بہ ماتِ لڳي

جڻ اُداسيءَ جي آهي ڪا موسم
زندگي ڪربلا، سدا ماتم
مُنهن تي هيڏَ جا گُهمايل هٿَ
هٿَ ـــ لَڪيرون اياڳَ ۾ وِهنتلَ
دردَ آهن جو هر طرف ڦهليلَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چو ڪجي، چو نہ ڪجي جي وِچَ ۾
هڪڙو چهرو اڃا جو آ پيارو
راتِ ڪاريءَ ۾ ذَهنَ جي اُڀَ تي
پرهَہ جو جڻ تہ هيڪلو تارو

خيالَ جاڳائي تو جيئڻ جي لاءِ
۽ وري' نئون زهرُ پيئڻ جي لاءِ

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وعدي خلافي

□ هڪڙو وعدو جو ڪيو
تون ۽ مان
روزُ هر راتِ سمُهڻ کان اڳ ۾
هڪٻئي جي ڪري
گهرَ ڏي مُنهن

دوستَ!
چونداسين "خدا حافظ"، سو
تون بہ هر راتِ ائين ڪيو هوندو
مون بہ هر راتِ ائين ڪيو آهي
معاف مونکي ڪجاءِ دوستَ!، مگر
راتِ وعدي خلافي ٿي ويئي
روئندي راتِ ٿي لنگهي ويئي.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوچيندو آهيان

□ ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان:

مان اهڙو بي ڏوهي جنهن تي
ڏوهي ڪوئي
ڏوهہَ مڙهيا ويا آهن ڪيئي
رشتا ناتا جهڙا پاڇا
راتِ ٽيڻ تي ساٿُ ڇڏي ويا
نيٺ سڀيئي!

ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان:

تُنهنجي مُنهنجي گهرَ جي وِچَ ۾
آهي هڪڙي،
دُشمن ملڪنِ جي وِچَ واري
حدَ ــ لڪيرَ
جنهن کي تو، مان ناںء ڏنو آهي
تقديرا!

ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان:

ڳالهيون سڀ اجايون ڳالهيون
سپنا سڀ اجايا سپنا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهنجو پيارُ اَجايو سپنو
قول قرار اَجايو سپنو
جو ڪجھ بہ مون سوچيو هو سو
سڀ وهنوار اَجايو سپنو

ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان:

۽ پوءِ
چُپ ٿي ويندو آهيان!

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خودڪشي

□ پنهنجي گيتن جيان
پنهنجي غزلن جيان
جنهن کي چاهيو هئم

هو لُڙڪنِ پريلَ زندگيءَ ۾ هيو
ٿـڙيل ٿڪُ ڪو
سڏُ هو مُنهنجو، جيڪو پڙاڏو هيو
آسَ هو جيڪو ۽ جڻ دلاسو هيو

پنهنجي سپنن کي جنهن سان
سجايو هئم
جنهن کي ڳايو هئم
پنهنجي گيتن جيان
پنهنجي غزلن جيان

حالتُن اڄ ائين آهي ٽوڙي ڇڏيو
مُنهنجي سوچُن جي ڌارا کي موڙي ڇڏيو
جو انهيءَ کي بہ دل تان وِساري ڇڏيم

پاڻ کي پاڻُ ٿي جڻ تہ ماري ڇڏيم!

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊيٽ ايڪسپائرڊ لوَ

□ مُنهنجي جيونَ مان رَسُ ڪڍي، چَسُ ڪڍي
ٻُڪَ جي سِيرَ مان، پاڻيءَ جيان وٺي هٿڻيءَ نِڪري

پيارَ تُنهنجي جي مون کي، ڪيڏي ضرورتَ هئي تڏهن
ڪوبہ اِحساس، ڪوئي قياسُ نہ ٿيو هو توکي
تو بعد ڪيڏو ويو هٿس وِڪري
ڪيڏي غَمناڪ ۽ گُمنام حياتي گهاريم
ڪيترا زخمَ مِليا، ڪيڏو نہ بدنام ٿيس!

هاڻي هر زخمُ، هر هڪ غَمُ ڀلائي جڏهن
زندگي پيارَ سواءِ گهارڻ جو
ڍنگُ آهيان مان سِکيو، تون تڏهن
پنهنجي ماضيءَ جي مُحبت جا حوالا ڳولي
مُنهنجي جيونَ ۾ موٽَڻ تي ڪُهرين
پر سانئڻ!

پنهنجو هيءُ پيارُ ڪٺي واپس وَڃُ
ڪا بہ همدردي، ڪوئي پيارُ نہ گُهرجي مون کي
هاڻي ڪوئي جي مِليو پيارُ مري ويندُس ۽
ڪنهن طرح آءٌ مري وڃڻ لئہ،
راضي ناهيان!

•

* Date Expired Love مُدي خارج پيار،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نيم پليٽ

□ دوستَ هڪ هڪ ڪري سارا ئي ڇڏي ويا آهن
دل جون ڳالهيون ويون دِل ۾ گُهٽجي
مُنهنجا جذبا، قبرستانَ جي قبرُن تي رکيل
تيلَ ـ ڏيئَن جيان اُجهامي ويا هِن

ڪيترو آهيان دِنل، ڪيترو اُجڙيل تو لڳان
ڏينهن تيا دَرَ تي ڪو ڪڙڪو ناهي
(ايئَن محسوس تو ٿي، دَرَ ۾ ڪَڙوئي ناهي!)

ڪوڪِلا ٿهڪ ڏئي، ڏينهنُ سڄو گهاريو ٿَم
هاڻي پويون آ، پهرُ رات جو ۽ مان آهيان
مُنهن وِهاڻي ۾ وجهي، سُڏڪي رهيو آهيان ۽
ٻاهر دَرَ تي هوءَ ڪِلي پئي مون تي

ناں ءَ مُنهنجي جي ٿي نيم ـ پليٽ!

•

* Name Plate نالي واري تختي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لوڪ ڪهاڻي

□ ڏينهن ٽيا جو
سونهن-نگر جي شهزاديءَ
"آزاديءَ" کي
ڪوهہ قاف جي وحشي، ڪاري، ڪاڻي ديوَ
کڻي وڃي، آ قيد ڪيو

سونهن ـ نگرَ جو راجا، راڄُ
ڏاڍو آ حيران، پريشان
هُت شهزاديءَ "آزاديءَ" جو يي
جڻ تہ رهي ٿو مُٺ ۾ ساهُ
روزُ جيئي ٿي، روزُ مري ٿي

جنهن جي ڪِلڻ سان گُلَ ٽِڙيا ٿي
ڳوڙها ٿي تَنهن جا مهمانَ
سونهن-نگرَ جا هزَ شهزادا، جُنگ جوانَ
ڪاڻي ديوَ جي قيدَ منجهاران
ڪيس ڇڏائڻ جيئن ويا هِن، ورِيا ناهن
راهُن ۾ ئي ڪاڻي ديوَ جي جادوءَ هيٺ
هو هڙئي هٿيارن سوڌا
پٿر پَهڻ ٿي سب ويا هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهن کي ڪي ئي سال ٿيا هِن

ڪاٺي ديوَ جي قيدي، شهزادي "آزاديءَ" جي
نيٽن ۾ هيءَ آسَ اَچا پيي
ٽِمر ٽِمر، ٽِمر ٽِمر ڏيئي وانگي جَلي پئي:

"ڪوئي تہ ايندو، ڪوئي تہ ايندو،
جيڪو جادوءَ کي ٽوڙيندو،
جيڪو جادوءَ کي ٽوڙيندو!!"

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وولڪينو

□ هائي مُنهنجو خير نہ آهي!

شهرَ جي هڪڙي پريل چؤنڪَ تي
هُن، مُنهنجي نِڙ ــ گهُٽَ تي نَنهن ڏئي
حُڪم ڪيو هو:

"ڏينهنَ ڏِني ڪي راتِ چوڻ جو،
ڪاريءَ راتِ کي ڏينهنَ مڃڻ جو"

مون چاهيو پئي:
"ها" ڪيان جو، (نِڙگهُٽَ مُنهنجي تي نَنهُن هو)
پر واتان هي نِڪري ويو آ
"ائين تہ ناهي، ائين تہ ناهي"
هائي منهنجو خيرُ نہ آهي!

پر ايئن ناهي، پر ايئن ناهي
هائي هُن جو خيرُ نہ آهي!
جو تہ اسان جي چئني پاسي
ميڙُ ڪري بيٺل َ ماڻهن مان
هرڪو ماڻهو سمجهي ويو آ
ڪُوڙو ڪيرُ ۽ دوکو چاهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو ماٺهو چا چا تو چاهي
هرڪو ماٺهو سمجهي ويو آ
ماٺهوءَ ماٺهوءَ جي اک ٽانڊو
تيڻ لڳي آ
ٻانهن ٻانهن ۾ ڇُرڀُر آهي!

هاڻي هُن جو خيرُ نہ آهي!
هاڻي هُن جو خيرُ نہ آهي !!

●

* ٻرندڙ جبل، Volcano

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تـَـنَـي جـي پـُـٺ ۾

□ مان اَڄ جي تاريخ لِکان ٿو!

”شهرَ سڄي ۾ ڪيڏو سُک آ
ڪيڏو آهي سُڪون!
همتَ جي ڪا کوٽِ نہ آهي
ڪنهن ہ دل ۾ خوفُ نہ آهي
ٻڪري، شينهن ٿا، هڪڙي گهاٽَ تان اُڄَ اُجهائِن
هوندي وارا اَڻهوندَن کي سيني لائِن

ڪنهن ہ پيٽَ سان هاٿي ٻَڌل ڪو پَهڻ نہ آهي
ڪنهن ہ اکِ مان لُڙڪنِ جو ۽ وهڻ نہ آهي
ڪُوڙ هيو جو، تنهن کي ڦاهيءَ چاڙهيو ويو
سچائِنَ سان آهي وَعدو پاڙيو ويو
سچُ رهي ٿو، سَرهو هاٿي سوبَ ڪٽي
دوکي ۽ دولابَ جي آهي پاڙَ پٽي
شهَر سندم جو ڏيهَنِ ۾ آ نالو ٿيو
شهرُ اَمن جو آهي جڻ حوالو ٿيو
هر ڪنهن گهرَ ۾، سُک ۽ چينَ جو ديپُ ٻري
اهڙو بهتر حالُ ڏِسي ٿو هانءُ ٺري.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون اڄُ جي تاريخَ لِکي آ
ڪيڏي مُنهنجي دِيدَ تِکي آ
پر سُيان جا سب لَوڪو!
جاڻي وڻجو
مون جيڪي ٻي اڄ لکيو آ
ڪُوڙ لِکيو آ!
تَنهن ڪان چوڻيءَ تائين ڪُوڙ
سب ڪجهه اِن جي اُبتڙ آهي!

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڌھنڌڙ ماڻھو

□ صديُن کان وڃي پيو ساڳيو سازُ
سازُ بيڪار، بي سُرو آوازُ

زندگي آھي ڏاندَ گاڏيءَ جيان
۽ ڏکن جو مٿانس بارُ سَٽيل
پاڻَ، بيمار ڏُبري ڏاندَ جيان
نَڪَ ۾ بيوسيءَ جي نَٿَ پيل
زندگانيءَ جي ڏاندَ گاڏيءَ ۾
جائي ڄَمَ کان ڏُکايلَ آھيون اسين
ڪنھن اَڻ ڄاتي ماڳَ طرف
دردَ جي ڏابَ ۾
گِھلبا، ڪِرندا ۽ ڌھندا
ھلندا ھلون

۽ گھِلجڻ سان پيو تو پئدا ٿئي
سازُ بيڪار، بي سُرو آوازُ.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڏانگو سفر

□ پکيئڙا!

جڏهن آهين اُڏڻ سِکيو
۽ اُڏامين پيو
تڏهن ساهَہ پنهنجي جو سانگو نہ کرِ

اهو آهہ ممکن تہ کنهن يي پهر
کنهن ظالم هٿن ۾ جهليل
کنهن غُليليءَ منجهان کو غُليلو اچي
اُڏامڻ ۾ توکي لڳي
ڦـٽَ ڏيئي وجهي
(تڏهن تون ڪِري ۽ مَرِي بہ سگهين تو!)

يا آئِجاڻ، بيڏوهي ڦاسِي پوين تون
کنهن ماريءَ جي چالاڪ چَنبن اندر
۽ راتيون گذارين کنهن پِڃري اندر
جي گهبرائين، پڇتائين پيارا پکيئڙا!
"تہ اڳ۾ ئي جيکر اُڏامان نہ ها"
(تہ کانئڻ ۽ ڏوهي تون سَڏبين، سڄي ساٽَ ۾)

اُڏامَڻ جو ڏاڍو اڏانگو سفر
کڏهن، کجهہ يي تي تو سگهي، کنهن پهَر
فضا ۾ اُڏامڻ سِکيو آن اگر
۽ پيارا پکيئڙا، اُڏامين پيو
تڏهن ساهَہ پنهنجي جو سانگو نہ کر!

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چاڻ سيجاڻ

□ دنيا وارؤ!
سڀ سمجهان ٿو،
مون سان ڪيڏو پيارُ ڪيو ٿا!

ڏَڏُ تہ ڏيو ٿا، پر وَڏَ ڏيئي
مُنهنجي خاطر
هٿ کڻو ٿا، دُعا پِنو ٿا
جيئڻ بدران،روز مَرڻ جي

سڀ سمجهان ٿو!
سڀ سمجهان ٿو!

ڏَر تَتيءَ ۾ لَيندا ناهيو
چانوَ ٿيو ٿا پر سانجهيءَ جو
پنهنجو پيارُ ڏيکارڻ خاطر
ڪيرُ تہ ڏيو ٿا، پر اَڪَ جو

دنيا وارؤ!
سڀ سمجهان ٿو
سڀ سمجهان ٿو
مون سان ڪيڏو پيارُ ڪيو ٿا!!!

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

توڏانهن......

□ مون کي آهن اکيون ڏِسڻ لاءِ
جِيبَ ڪُڇڻ لاءِ
ڪَنَ ٻُڌڻ لاءِ
هٿَ لکڻ لاءِ

تون چاهين ٿو، تُنهنجو وينو ڏاڍُ سَهان
گهَر گهَر يَنيٽ باهِر ڏسان
چُپ رهان ۽ ڪين ڪُڇان
”ديسَ سڄي تي ڌاڙا ڇو؟“
توکان ڪين سوالُ پُڇان

روحَ روحَ مان راڙِ ٻُڌان
سانتِ سَڳي سان چَپَ سِبي
اندرَ اندرَ ۾ پيو لُڇان
پنهنجو قلم يَجي ڇڏيان .
ڪجهه يي ڪين لِکان
لِکان يي جي آءٌ تڏهن، تُنهنجا گيتَ لِکان
تُنهنجيءَ ڪُوڙيءَ شهرتَ جا، ڪوڙين ڪوٽَ اَڏيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پر هي سڀ ڪجھ، مون کان ڪڏهين ٿيندو ڪونہ
آءٌ سدائين لِکندو رهندس
ڏِسندو، ٻُڌندو، چوندو رهندس
آءٌ لِکڻ لاءِ قَلم جي ڪٽندس
تُنهنجو ڪُوڙ تڏهن ڦيرائي، تُنهنجي مُنهن ۾ هڻندس

چاڪاڻ تہ
مون کي آهن اکيون ڏِسڻ لاءِ
جِڀَ ڪُڇڻ لاءِ
ڪَنَ ٻُڌڻ لاءِ
هٿَ لِکڻ لاءِ.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آواز ٺي آواز

□ ماڻِ ڪڏهن بہ تيٽي ناهي

ماڻِ ڪرائڻ وارا!
تون جي مون تي
(ماڻِ ڪرائڻ ڪارڻ)
سوٽَن جو ڪو سَنڪو لائين
تنهن سان بہ آواز ٺٺي تو

۽ جي ڏَڪَ لڳڻ تي ڪُٺڪان
۽ جي ڪائي دانهنَ ڪيان تو
تنهن سان بہ تي ماڻِ ٿٿي

۽ جي تو زنجيرَ وجهين
سي بہ تا جَهنڪارون ڪَنِ
مَنڊُ ماڻِ جو تا ٽوڙِنِ
سونهنَ، سُڳنڌ ۽ سچ جتي
جَرڪيل جذبا جتي، اُتي

ماڻِ ڪرائڻ وارا!

ماڻِ ڪڏهن بہ تيٽي ناهي
ماڻِ ڪڏهن بہ تيٽي ناهي!!.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رُت بدل

□ هلڪو هلڪو راتِ ساري
مينهُن وَئو
وڻ، جايون ڌوپجي اُجرا ٿيا
چنڊَ جيان چمڪي پيا
صبح سان ڪنهن چيو پئي:
"مُندَ بدلي آ، بهاريون ٿي ويون"

سوچيو مون:
"پر اَجا يي،
مَنَ ماڻُهن جا پرين!
ڌوپجي ۽ ڪين اُجرا ٿي سگهيا
ساڳي ڪارنهن قَلب تي قائم رهي
ڪُوڙ جي ڪوٽَن جون ڪِنگريون
ڪَرَ ڪنيو بيٺيون رهيون
سي متانهيون ۽ ڪان ٽُٽِي
پَٽِ ڪاٽي هِن پيون؟
پوءِ چوين ٿو ڪيئَن تون!
رُتِ بدلي آ، بَهاريون ٿي ويون"

رُتِ بَدلي ڪين آ!
رُتِ بدلي ڪين آهي!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هٽ ٺوڪي نفرت

☐ دوستَ!
يلي جي مون سان تون
پيارُ نہ ڪرِ، نفرتَ ڪر
(جيئن گورنِ جي ڪارن سان –
غلط سلط، هٽ ٺوڪي نفرتَ)

مان ڄاڻان ٿو، پيارَ سندم جو
ٻُڪَ وِڳهي رُنُدڙ ڪنهن ننڍڙي
معصوم 'نيگرو' ٻالڪَ جي
اوندهِ جهڙي ڳَلَ تان ڳڙندڙَ
گرم، کَساري ڳوڙهي جيان
(جهولَ نہ ڪائي جهلبي جنهن لئہ –
(مِٽيءَ ۾ جنهن کي مِلڻو آ)

ڪوئي ويليو (Value) ڪونهي
مان ڄاڻان ٿو،
پيارَ سندم جو.

مُلهہ: Value *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سچ

□ دل چاهي تہ
کنهن بہ ويلي
ڏِسي سگهان تو
تُنهنجي مُک تي
سچَ لهڻ جو
ڏيکُ.

بس
هڪڙو پيرو
حرڪت واري مُرڪَ
چپن تي آئي
توکي،
پيڄٽي پوندي
اکِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنم - واڌايون

□ صرف هڪ جُملو چوڻ چاهيان ٿو
ڪي گهٽيون ڳالهيون تہ ناهن چَوٽيون

دردَ ۽ دوستَ!
اُداسين جو ذڪر ڪرڻو نہ آ
ڪي ميارون، نہ شڪايتَ ڪائي
تو سان ڪرڻي آ، نہ ٻُڌڻي آهي
تُنهنجو هٿُ ٻِي نٿو چاهيان پڪڙڻُ
نہ سنڌ ۾ خيالَ تو چاهيان جڪڙڻُ

مان اَڪيلائيءَ جي درياهَہ اندر
تو وجان ٻُڏندو مگر پوءِ ٻي
تُنهنجي ڳالهيُن جو سهارو تہ نہ تو
توکان گهُران!
تون مگر ايڏو پري، ايڏو پري
چو آهين؟
مُنهنجو هڪ جُملو بہ چو ڪين
ٻُڌڻ ٿي چاهين؟
ڪي گهٽيون ڳالهيون تہ ناهن چَوٽيون
صرف هڪ جملو تہ چوڻو آهي:
”جنم — ڏينهنَ جون مبارڪون توکي!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هوم ورڪ

□ مون کي هيئين سان اَچو، جوڙَ، ونڊَ، ڪَٽَ، ضَرب ڪيو:

مان + نفرتون سنسارَ جون = ...!

مان − آذيتون ويچارَ جون = ...!!

مان ÷ محبتون واپارَ جون = ...؟

مان × بي وفايون يارَ جون = ...؟؟

سراسري پاڇي بڇي؛

= ڳالهيون سِڪَ ۽ پيارَ جون.

* Home Work گهرو ڪم،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خوشي

□ ڪنهن چيو هو تہ:
”هُوءَ هتان لنگهندي“

۽ انهيءَ موڙ تي مان
ڪيترا سالَ ائين بيٺو رهيس
جو سڄو انتظارُ بڻجي ويس
ٻئي اکيون، ديپَ هُن جي راهُن جا
۽ خيالن جون سڀ مُندون
هُن جون

ڪالهہَ پر، هُوءَ جڏهن هِتان گُذري
اوپرائپَ هيس نِگاهُن ۾
هڪ گهڙي ئي نہ تَرسي
مُنهنجي لاءِ

”مان تہ توکي نٿي سُڃاڻان!“
چئي،
سڀ مُندون، سڀ خيالَ
مون کان کَسي
هوءَ هوا وانگي آئي

گـُذري وئي!

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گيت

اياز گلَ، پنهنجي
شاعريءَ سان پُراڻي نسل جي
شاعرن جي لڄَ رکي آهي.

□ آغا سليم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✤

تون ساڻُ آن تہ پيارا!
هر پل بهار آهي
توسان ٺي پيار آهي

خوشبو ڪِلڻ آ تُنهنجو
مُرڪڻ ملهار آهي
توسان ٺي پيار آهي

ويندين تہ سُڄَ ٿيندي
ايندين سُڪار آهي
توسان ٺي پيار آهي

گُل گُل ٽِڙي پيو آ
ٻَنَ ٻَنَ ٻُڪار آهي
توسان ٺي پيار آهي

تون ساڻُ آن تہ پيارا!
هر پل بهار آهي
توسان ٺي پيار آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✤

هڪ گيتُ لکڻ سان تُنهنجي
واڪاڻِ نہ ٿي سگهندي
پَڪ جاڻِ نہ ٿي سگهندي

جا تُنهنجي آ، ٽَهڪڻِ ۾
سا ڪڏهين گُلڙنِ ۾
سُرهاڻِ نہ ٿي سگهندي
پَڪ جاڻِ نہ ٿي سگهندي

جيئن پريتِ لڳي توسان
۽ روزُ وڌي توسان
ٻئي ساڻُ نہ ٿي سگهندي
پَڪ جاڻِ نہ ٿي سگهندي

هوندُس جڻ مان بَنَ ۾
ايندين جي نہ جيوَن ۾
چانداڻِ نہ ٿي سگهندي
پَڪ جاڻِ نہ ٿي سگهندي

هڪ گيتُ لکڻ سان تُنهنجي
واڪاڻِ نہ ٿي سگهندي
پَڪ جاڻِ نہ ٿي سگهندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✤

توهن کهڙا چانورا
او سانورا، او بانورا!

مُنهنجي چانوَ، چپرُ تون آهين
مان درياهُه، ڪپرُ تون آهين
او سانورا، او بانورا!
توهن ڪهڙا چانورا!

سِيني ۾ دل ڌَڙڪي جيسين
تون مُنهنجو، مان تُنهنجي تيسين
او سانورا، او بانورا!
توهن ڪهڙا چانورا!

مان تُنهنجي چرڻن جي داسي
او مُنهنجي مَنَ جا رهواسي!
او سانورا، او بانورا!
توهن ڪهڙا چانورا!

ڏُور گُذارڻ اوکو آهي
دل کي ڏِيٺو دوکو آهي
او سانورا، او بانورا!
توهن ڪهڙا چانورا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✤

دلِ ڪيَئي بيوسُ، مينهنڙا!
وَسُ وَسُ مينهنڙا!، وَسُ

جوتِ جيان جَرڪي پيو جوڀنُ
تَنَ تان لاٿئي ڪَسُ، مينهنڙا!
وَسُ وَسُ مينهنڙا!، وَسُ

تُنهنجيءَ رِم جهِم منجهہِ پرينءَ جي
ڳالهيُن جو آ چَسُ، مينهنڙا!
وَسُ وَسُ مينهنڙا!، وَسُ

تون تہ سچو جڳُ جهاڳي آئين
ساجَن جو ڏي ڏَسُ، مينهنڙا!
وَسُ وَسُ مينهنڙا!، وَسُ

پرينءَ بِنان هي سانوڻ گُذريو
ڪيڏو ڙي بي رسُ، مينهنڙا!
وَسُ وَسُ مينهنڙا!، وَسُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✤

ڏسي ڪائي موسمَ، نہ ڪوئي پهرُ
مَحبتَ بہ منڙا! ڪري ٿي قهرُ

نگاهُن ۾ موجُن جي مَستي ٿي آئي
نئين ڪائي هستيءَ ۾ هستي ٿي آئي
۽ دِلڙي ٻڏائي جڏي ٿي بحرُ
مُحبتَ بہ منڙا! ڪري ٿي قهرُ

جڏهن ڪنهن سان جذبن جا ناتا ٿي جوڙي
تڏهن سوچَ جي ساري ڌارا ٿي موڙي
اُنهيءَ بِن حياتي، ٿئي ٿي زهرُ
مُحبتَ بہ منڙا! ڪري ٿي قهرُ

خيالنِ ۾ خوشبوءِ ڀري ٿي جڏي
۽ رنگين جيونُ ڪري ٿي جڏي
اکين ۾ ٿي سپنَ جو جوڙي شهرُ
محبتَ بہ منڙا! ڪري ٿي قهرُ

ڏسي ڪائي موسمَ، نہ ڪوئي پهرُ
مَحبتَ بہ منڙا! ڪري ٿي قهرُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✤

مينھوڳيءَ جي مُندَ آ، مَنَ ۾
مِنٽرا!، آڳِ لڳائي
يادِ آ، تُنھنجي آئي!

جيءَ ۾ جِھيڻا سازَ چِڙيا ھِن
خوشبو خوشبو گُلَ ٽِڙيا ھِن
مَنَ مَنَ مُند ملھائي
يادِ آ، تنھنجي آئي!

راتِ تين ۾ پلَ کي تورا
ھينڊڙو مُنڊِ ۾ ھورا کورا
تُنھنجي ڳَل نہ ڪائي
يادِ آ، تُنھنجي آئي!

راتِ ٽني ٽي، چندُ چڙھي ٿو
گِھرا گِھرا گھاوَ گھڙي ٿو
يادُن ننڊَ ڦِٽائي
يادِ آ، تُنھنجي آئي!

مينھوڳيءَ جي مُند آ، مَنَ ۾
مِنٽرا!، آڳِ لڳائي
يادِ آ، تُنھنجي آئي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✤

وستي هيءَ ڇڏينداسين
موٽي مورُ نہ ايندا سين

پيارَ تي جت کو پَهرو ناهي
کُومائيل کو چهرو ناهي
ڏيهہَ اُنهيءَ ڏي ويندا سين
موٽي مُور نہ ايندا سين

پاڻَ رهاڪو دردَ ـ شهرَ جا
ديپَ اُجهاڻلَ پوئين پهرَ جا
سُک جا، ڪنهن کي ڏيندا سين؟
موٽي مُور نہ ايندا سين

يادِ پُراڻيون يادون ايندیون
اکيون اُجايل پَرجي ويندیون
جڏهن اڪيلا ٿيندا سين
موٽي مُور نہ ايندا سين

وستي هيءَ ڇڏيندا سين
موٽي مُور نہ ايندا سين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✤

ڇڏِ ڇڏِ ڇيڪڙُ نہ ڪرِ او ڇورِي!
ڇڏِ ڇڏِ ڇيڪڙُ نہ ڪرِ

ٽُٽي ناهي رُسي وڃڻ تي
پيارَ جي پُختي ڏورِي
ڇڏِ ڇڏِ ڇيڪڙُ نہ ڪرِ او ڇوري!

ڦُرب ڏئين نہ، ڦُرب وٺين تي
ڳالهہ ڪري ٿي ڳوري
ڇڏِ ڇڏِ ڇيڪڙُ نہ ڪرِ او ڇوري!

ڪيترو ڪيلُ ڇڏيندو ڊاهي
راتِ ٻچي آ ٿورِي
ڇڏِ ڇڏِ ڇيڪڙُ نہ ڪرِ او ڇوري!

ڇڏِ ڇڏِ ڇيڪڙُ نہ ڪرِ او ڇورِي!
ڇڏِ ڇڏِ ڇيڪڙُ نہ ڪرِ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✤

واکا واکا
وِڄُ ــ وراکا
مُنهنجا گيتَ آلا!
سُر سنگيتَ آلا!

سنڌڙي ساريو
هاڻ نہ هاريو
مات بِہ جيتَ آلا!
مُنهنجا گيتَ آلا!

ماٺهو سهٽا
هٿ مَنَ مُهٽا
مُنهنجا مِيتَ آلا!
مُنهنجا گيتَ آلا!

واکا واکا
وِڄُ - وراکا
مُنهنجا گيتَ آلا!
سُر سنگيتَ آلا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✤

پيارَ کي تورين ٿي گهيلي!
پيارَ کي تورين ٿي!!

ٿورو بہ ويساھُ نہ مون تي
جذبا جهورين ٿي گهيلي!
پيارَ کي تورين ٿي!!

مون سان جو اورڻ گهُربو ھو
جڳَ سان اورين ٿي گهيلي!
پيارَ کي تورين ٿي!!

گڏجي ڏونگرَ ڏوريون ھا
چو ھيڪل ڏورين ٿي گهيلي!
پيارَ کي تورين ٿي!!

لوڪَ ھڻن ٿي پٿر ٿئي، تون
چَپَ تہ چورين ٿي گهيلي!
پيارَ کي تورين ٿي!!

پيارَ کي تورين ٿي گهيلي!
پيارَ کي تورين ٿي!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✤

مُنهنجا گيتَ مڙيئي منڙا!
آهن تُنهنجي ڪاڻِ
شالَ حياتي ماڻِ!

ڪِلَ تي تُنهنجي خوشبوءِ هاري
پرهَ ڦُٽي تي يادِ ڏياري
تنهنجي ڳلڙنَ جي ڳاڙهاڻِ
شالَ حياتي ماڻِ!

مَنَ ۾ ڪيئي ٿَهڪَ ٽِڙن ٿا
منڙا مِنڙا خيالَ مِڙن ٿا
ييرو يَرين جي مُنهنجي ياڻِ
شالَ حياتي ماڻِ!

تو لئہ مُنهنجي دِلڙي ماندي
تُنهنجي جُدائيءَ پنَ-ڇَڻ آندي
آءُ ڪا رُتِ بسنتي آڻِ!
شالَ حياتي ماڻِ!

منهنجا گيتَ مڙيئي منڙا!
آهن تُنهنجي ڪاڻِ
شالَ حياتي ماڻِ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✤

جوتِ جلندي رهي
جوتِ جلندي رهي

سچَ جي واٽَ تان، مُور هٽڻو نہ آ
ڏُکَ پائي بہ سوچُن کي مَٽڻو نہ آ
پيارَ جي پارَ ڏي ناوَ هلندي رهي

جوتِ جلندي رهي
جوتِ جلندي رهي

زندگي روئِي روئِي تہ، کِلندي ضرور
نيٺ منزل تہ هڪ ڏينهن مِلندي ضرور
آسَ دل ۾ اِها پيئي پلندي رهي

جوتِ جلندي رهي
جوتِ جلندي رهي
جوتِ جلندي رهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✤

سَڪٿا سَڪٿا ساهہَ سنگيتَ
مِيتَ بِنان هِن ڪهڙا گيتَ؟

ڳِلَ تي چَمڪن لُڙڪن لارون
مَنَ وياڪل ڦارون ڦارون
ناهي پريتم، ناهي پريتَ
مِيتَ بنان هِن ڪهڙا گيتَ؟

پيارُ ونئي جن پيارُ ڏنو
نينهنَ جو ناتو ڪين ڇنو
ڌارَ ڪيا سي جڳَ جي رِيتَ
مِيتَ بِنان هِن ڪهڙا گيتَ؟

جن جي خاطر گيتَ چياسي
دردَ بہ پائي، مُرڪي پياسي
هائي ڪاتي اهڙا ميتَ!
مِيتَ بنان هِن ڪهڙا گيتَ؟

سڪٿا سڪٿا ساهہَ سنگيتَ
مِيتَ بِنان هِن ڪهڙا گيتَ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✤

دِل جا ديپَ اُجهاڻا راڻا!
ڪٿي اُجالو آءُ هلي آ!

گُلَ مَنَ جا ڪُومائي پيئي
سيني سُورَ سمائي پيئي
يادُن جي جا آگِ جلي آ
ڪٿي اُجالو آءُ هلي آ!

جيءُ جذبن جو لاشو آهي
پيڙائُن جو پاڇو آهي
مَنَ جي اُجڙيل ڳِلِي ڳِلِي آ
ڪٿي اُجالو آءُ هلي آ!

اوسيئڙي ۾ اکڙيون ساڳيون
ڪَرَ موڙي هِن آسون جاڳيون
اَڄُ مِلُ، هيءَ ٿي مُندَ يلي آ
ڪٿي اُجالو آءُ هلي آ!

دِل جا ديپَ اُجهاڻا راڻا!
ڪٿي اُجالو آءُ هلي آ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

□ ترائيل

□ هائيڪا

□ رينگا

□ ثِسثا

اياز ڪلّ وٽ اُمنگ ۽ اُتساهہ
آهي، ڀڳتي ٻولي آهي ۽
شاعريءَ جو فن ٻہ آهي،
انڪري سندس شاعريءَ جو
آئيندو ٻہ اُجلو آهي.

□ هري دلگير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

❖ توائيل

چُپ ـ چَپن تان سانتِ سَڳي جا ٽاڪا ٽوڙيو يار!
مَنُ ڪيڏو نہ لُڇي ڦٿڪي ٿو، گيتَ ٻُڌڻ جي لاءِ
گُوندرَ ـ گهايل ڌرتيءَ کان مُنهن ائين نہ موڙيو يارَ!
چُپ-چپن تان سانتِ سڳي جا ٽاڪا ٽوڙيو يار!

تارڻِ بدران ٻيڙي هَٿن سان چو ٽا ٻوڙيو يار!
سُور رهيو آ، کھڙو باقي، هاڻ سَهڻ جي لاءِ
چُپ ـ چَپن تان سانتِ سڳي جا ٽاڪا ٽوڙيو يار!
مَنُ ڪيڏو نہ لُڇي ڦٿڪي ٿو، گيتَ ٻُڌڻ جي لاءِ!

❖

وِساريو وِساريو، نہ ساريو اسان کي
جيئڻ جا ٻيا ٻي گهڻا ڍنگ آهن
يلا ڪيرُ تو چئي، پُڪاريو اسان کي
وِساريو، وِساريو، نہ ساريو اسان کي

يلي جي دِلين مان ڌِڪاريو اسان کي
اُميدن جا چهرا، نہ ٻي رنگ آهن
وِساريو، وِساريو، نہ ساريو اسان کي
جيئڻَ جا ٻيا ٻي گهڻا ڍنگَ آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هي ٻئل شهرُ ڏِسي، هاڻ نہ هاريو يارو!
جو تہ تو جڳ نئون ٻي ڪوئي جوڙي سگهجي
جوشَ ۽ آڏ ـ مُئي جذبي کي جِياريو يارو!
هي ٻئل شهر ڏسي هاڻ نہ هاريو يارو!

ذهن جي قيدَ مان، سوچُن کي اُڏاريو يارو!
ماڻ رِوئي يا ٿهڪ ڏئي ٻي ٿي تُوڙي سگهجي
هي ٻئل شهرُ ڏِسي، هاڻ نہ هاريو يارو!
جو تہ تو جڳ نئون ٻي ڪوئي جوڙي سگهجي

❖

سڀ اَڪيلو تہ ڇڏي ڪين وڃو
مان ننڍي ٻارَ جيان روئي پوندس
مُنهنجو ننڍڙو هي مِنا! عرض مَڃو
سڀ اَڪيلو تہ ڇڏي ڪين وڃو!

پاڻَ ڪان ڏارَ ڪري دِل نہ ٻڃو
دردَ مان ڏانهنَ ڪري روئي پوندس
سڀ اَڪيلو تہ ڇڏي ڪين وڃو
مان ننڍي ٻارَ جيان روئي پوندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تُنهنجي روئڻَ تي رُوح روئي ٿو
کِلُ، مون کي بہ آ، کِلاءِ پرين!
اهنجُ منهنجي اندرَ کي لوئي ٿو
تُنهنجي روئڻَ تي روحُ روئي ٿو

سورَ ۽ پُورَ دِل ۾ پوئي ٿو
ٿَهڪَ جي سُرَ ۾ سُر ملاءِ پرين!
تُنهنجي روئڻَ تي، رُوح روئي ٿو
کِلُ، مون کي بہ آ، کِلاءِ پرين!

❖

آچو مُرڪندي موڪلايون مِنا!
جُدا ٿيڻ تي لُڙڪَ لاڙيون ڇلا ڇو؟
سيئي دردَ دِل ۾ دٻايون مِنا!
آچو مُرڪندي موڪلايون مِنا!

جي گُذريون گهڙيون سي ڀُلايون منا!
هي ڪجهہُ پل سُکن جا ڀي ساڙيون ڇلا ڇو؟
آچو مُرڪندي موڪلايون منا!
جُدا ٿيڻ تي لُڙڪَ لاڙيون ڇلا ڇو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سرڳُ ۾ عيشُ ڪين تو گهُرجي
پيارُ گهُرجي رُڳو تو آدمَ جو
جذبو ڪنهن مُلهہ ڪين تو تُرجي
سرڳُ ۾ عيشُ ڪين تو گهُرجي

ٻئي جي مرضيءَ سان، جنهن ۾ تو چُرجي
سرڳُ اهڙو ڀلا ڪهڙي ڪمَ جو؟
سرڳُ ۾ عيشُ ڪين تو گهُرجي
پيارُ گهُرجي رُڳو تو آدمَ جو

❖

مون کي ڳُذريلَ ڪنهن گهڙيءَ وانگي وِساري ڇڏِ تون!
پاڻَ تي شهرُ آجايو تي ڪِلائين سانٺڻ!
لُڙڪَ ڳِلڙن تان اُگهي، سِينڌ سنواري ڇڏِ تون!
مون کي ڳُذريل ڪنهن گهڙيءَ وانگي وِساري ڇڏِ تون!

پنهنجي دِل مان مُنهنجي يادُن کي دِڪاري ڇڏِ تون!
جو تي تيليءَ جيان دُکين، جيءُ جلائين سانٺڻ!
مون کي ڳُذريل ڪنهن گهڙيءَ وانگي وِساري ڇڏِ تون!
پاڻَ تي شهرُ آجايو تي ڪِلائين سانٺڻ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سدائين مُرڪَ جا قِصا ڪيا اٿئي پيارا!
ڪڏهن تہ لُڙڪَ جا خاموش داستانَ بہ ٻُڌ
سموري شهرَ ۾ وِڪريا پيا اٿئي پيارا!
سدائين مُرڪَ جا قِصا ڪيا اٿئي پيارا!

شورَ جا لفظَ ٻُڌا ۽ چيا اٿئي پيارا!
ڪڏهن تہ ڪِپيلَ زبانُن جا ڪي بيانَ بہ ٻُڌ
سدائين مُرڪَ جا قِصا ڪيا اٿئي پيارا!
ڪڏهن تہ لُڙڪَ جا خاموش داستانَ بہ ٻُڌ

❖

اڄ تون مونکي ڳولِ نہ منڙا!
مان پاڻُ وِڃائڻ چاهيان ٿو
پنهنجي هستي رولِ نہ منڙا!
اڄ تون مونکي ڳول نہ منڙا!

پيڊَ پُراڻا کولِ نہ منڙا!
هر ڳالهِ ڀُلائڻ چاهيان ٿو
اڄ تون مونکي ڳولِ نہ منڙا!
مان پاڻُ وڃائڻ چاهيان ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

△ هائيڪا

جوين يادِ پيو:
ٻڍڙيءَ ڪان سٽيءَ ۾
ٽاڳو نٽي پيو

نلڪي تي ميڙا
واري تي وِهنجن پيا
ٻارَ ڏئي گيڙا

ماءُ، پيءُ سُتل ها
ٽاڪَ منجهندِ جو ٻارڙا
لُوڏو تي ڪيڏيا

آفيس مان ايندو:
”ٿَڪجي پئي هوندينءَ تون؟“
چُمي ڏئي چوندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آيو نتيجو
نانءُ ڏسي اخبارَ ۾
کِلي، روئي پيو

آءٌ ۽ سڄڻُ
هڪڙو ماڻهو، ٽالا ۾
پيوَند ڪيل وڻُ

مِليو تُنهنجو خط
پڙهي هانءُ ٺَري پيو
لِکيل: "تُنهنجي فقط"

"وارو ڙي وارو!"
ڪُوڪون ڪَچي وارن جون
بندَ ۾ پيو گهارو

ٽرئفڪ جو درياهُ
وڏي شهرَ ۾ ڳوٺاڻي جو
مُنڊ ۾ آهي ساهُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماني اَڄُ مکيلَ
پَسِي پورهيتَ جي پُٽَ جا
چِمڪيا هيڏا ڳلَ

سانتِ اونداهي راتِ
ريڊيي تان آواز ”لتا“ جو
ٽوڙي چُپ چپاتِ

پنجون مهينو پيٽُ
لِڪي لِڪي لوڪَ کان
چوري ڪائي ميٽُ

پردي پويان تون
لِڪي لِيٽڙا پائين تي
پڪڙي ورتو مون

پُراڻو مندرُ
”ڪرشنَ“ جي مورتيءَ تي
وينل ڪبوترُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اُجرو جيئن ڪنول
تِڙپل گندي پاڻيءَ ۾
تيئن ماڻهو جي دِل

مُنهنجو تصورُ
تون ۽ مان، ٻاهر شهرَ کان
هڪڙو ننڍڙو گهرُ

مون کان دردَ وِسار
موٽان جي آفيسِ کان
مُرڪي بس نِهار

لِڪي ملڻَ جي هيرَ
ٻه پاڇا، ٻنيءَ ۾
ٻنهي اُگهاڙا پيرَ

ڪِيسو ڪتريلُ
ڳانا ٻه ڳِچيءَ ۾
ميلي مان موٽيلُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيارَ ۾ اهڙو ساءُ
ڪيئن نہ وڏي تو وڃي
ٻانهُن جو ڦهلاءُ

سانتِ ٻُڏل ڪمرو
گونجيو تنهن ۾ اوچتو
شاعرَ جو سُڏڪو

ماءُ ڏنس دَڙڪا
چِپَ ڪڍيا تي ٻارڙي
پرينديءَ سُڏڪا

چَتِ جيڏي چوري
رَڙِ ڪــيائيــن زورَ ســان
ڏِسندي ٿي ڪِرڙي

اونداهي اڌِ راتِ
آءُ اَچي ڪر سوجهرو
ڏِيئن جهڙي ذاتِ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لِڪي لِياڪا پائي چنڊُ
آڌيءَ ويلي ڪيئن پينهي ٿي
انگَ اُگهاڙي غُربتَ، جنڊُ

اُٿليو آ، درياهُ
ڪَڇي ۾ ماڻهُن جو
آهي مُٺِ ۾ ساهُ

ڪُليل دَرُ
اڃا ڪين ونيءَ جو
وَريو ورُ

اوندهہِ جا آثارَ
سجُ ڪَڪرنِ جي ڪڇَ ۾
وينگسِ، چوڙيا وارَ

مٿان سُڪل وَڻُ
هيٺان آءُ اَڪيلو، سامهون
رِڍُن جو هڪ ڌَڻُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳالهيون مصري کنڊُ
چهرو ائين پرينءَ جو
جڻ چوڏهينءَ جو چنڊُ

جوئارِ جي اوٽَ
سِيسڙاٽيون ۽ سڙباٽَ
ڪانَن ۾ ڦَڙِ ڦوٽَ

سِرنهن ڦُلاريا گُلَ
ٽيا سجي باغَ ۾
هُٻڪارن جا هُلَ

شامَ، لبِ مهراڻ
ساٿُ سُريلي دوست جو
هر ساعتَ سُرهاڻ

ڏهن رُپين جي موٽَ
پيٽ ٻُڪٽيءَ پينو چوريءَ جا
چارِ گهڙيءَ لاءِ گهوٽَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پائيندي لِيڪا
ڪوري ڪاڳر تي لِکجي ويا
ٻه ٽي هائيڪا

ڏِجي جوساھہ ڪٽي
تو لئہ تارن ٽوڙڻ جي تو
ڪيئن سو هامَ هٽي

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

◉ ريـنـگـا

ماٺھن ليکي راندِ
مون لئہ ڪَوِتا جوڙڻُ آهي
سِسي نيزي پاندِ

جڻَ ڪي تارا ٽوڙڻُ آهي
وقتَ سندو مُنهن موڙڻُ آهي

سومھٽيءَ جو گُھٽَ
جھٽَ پلڪَ لئہ واءُ جو جھوٽو
۽ پوءِ ساڳي ٻُٽَ

پِندڙ—پَھڻ ڪُونڊيءَ ۾ ٻوٽو
اُبَ ۾ گھورَ، سگريٽَ جو سُوٽو
○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

▣ ٽِسنا

جيئَن ڇِچريل ڪو رِسينو آهي
هر غاصبَ جو چهرو هِن ۾
سنڌڙي جڻ آئينو آهي!

موتَ جي ڪيڏي ٻَرتي آهي
پنهنجي ٻاڇي ڪان ڇِرڪان ٿو
ڇا هيءَ مُنهنجي ڌرتي آهي؟

نفرتَ جنهن جي ٻولي آهي
مُنهنجي هٿَ ۾ ڳُلَ سنڌس لئه
هُن جي ڳَنِ ۾ گولي آهي

جيڪر ساڃَهه ڌاريون ها
اهڙا ماڻهو آئڻ کان ته
ٻاڻَ کي ٻاڻَ ٿي ماريون ها!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ناهَہ جُڙن يا ناهَہ ٽُٽن ِ
حيدرآباد جي رستن تان
اَجرڪَ وارا روز ڪُٽن ِ

هيءُ اُنهن جو ئي پاڙو آ
ڪالهہ لُٽيو جن شهر ٺَٽي جو
اڄُ ڪراچيءَ تي ڌاڙو آ

◉

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

- بيت
- دوها
- سوايون



اياز گل، سنڌي ٻوليءَ جو اهو سياڳو شاعر آهي، جنهن تي ٻولي ماءُ سدائين مهربان رهي آهي، ۽ کيس پرچائڻ واسطي لفظن جا رانديڪا مهيا ڪندي پئي رهي آهي.

▫ آسي زميني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

= بيت

تو دَرِ ڪيئن اچڻ جي، هينئڙي وِجهان هيرَ،
منهنجا ميرا پيرَ، اڳڻُ تنهنجو اُجرو.

جيءَ اسان جا جڪڙيلَ، جيئڻُ مرڻ گڏ،
سجڻُ منهنجو سڏ، آءٌ پڙاڏو اُن جو.

نئون ڪو عاشقُ پيارَ ڪي، لِڪائي تو جيئن،
اسان توکي تيئن، سوگهو ڪيو ساهَہ ۾.

آءٌ پرينءَ جي وارن سان، ڳَسِي ڏڪنَ، ڳهُلَ!
نئون تَتي ڪو هُلَ، هيل وري هِبڪارَ جو.

هلي پرين هيجَ مان، جيءَ جيءَ وجن جهانجهَہ،
سانوري جيئن سانجهَہ، موهي وجهي مَنَ کي.

جانيءَ جڏهن ڪان هنيو، خيالَن کي ڪاتُ،
تڏهن ڪان گهرگهاتُ، سُڃَ لڳي تو سرتيون!

ندوريءَ سان نينهنَ، لائي لڏي وئين هليو،
توريءَ ڏنگن روحَ کي، ڏينيوءَ وانگي ڏينهنَ،
مِلڻَ سندا مينهنَ، وَسئي ڪيئي وِرهيہ ٿيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪوڪو ماٺو موٽيو، ڪنهن ڪنهن ۾ هُبڪارَ،
هونئن تہ ڪرين چارَ، ماٺوءَ ماٺوءَ مَنَ تي.

پَون پارا پوهہَ جا، مارُو تا تَڙڪنِ،
پَڙڪيو تا پَڙڪنِ، جذبا منهنجي جِيءَ جا!

=

ڪِلي جڏهن ڪيچِلي، ڳَلنِ چُڳهہَ پونِ،
چِت ڪي چَريو ڪنِ، ڳلن ڳُجهيون ڳالهڙيون.

اکيون وينگسِ واهہَ جون، لَڄَ وَنديون ڪاريون،
سِڪان مون ساريون، سپني توڙي ساپيا ۾.

مِنا مُنهنجي مَنَ ۾، سدا تُنهنجي يادِ،
شالَ رَهي آبادِ، نگري پنهنجي نينهنَ جي.

سهڻا! مُنهنجيءَ سوچَ کي، ڏي ڪا سونهنَ ذَري،
پونِ جيئن بَري، ڏِيئا مُنهنجيءَ ذاتِ جا.

آهيون آَڄ حيات، اسان مِنا ميت!،
سيان رڳو گيتَ، رهجي ويندا راجَ ۾.

=

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مُرڪي وڌيا موتَ ڏي، گهوٽَنَ ڪاتا گهاوَ،
ڏاڍن جا ڏهڪاوَ، لٽا جاڻ تہ ڏيهہَ مان.

اڳتي وڌو، ڪُوڙَ جا، اِجهي ڪِريا ڪوٽَ،
ماڳَ پُڄي پوءِ موتَ!، مَهٽو ڪٽجو ڪينڪي.

=

مُنجهيلَ مُنهنجي مَنَ تان، وِسوسا ويچارَ،
آئي تُنهنجي سارَ، لحظي منجهہ لهي ويا.

دل جا ديپَ جليا، راڻل ڪارڻ راهہَ ۾،
آيو قولَ ڪِليا، مَنُ _ مندرُ ويو مَهڪجي.

وَسي دل دماغَ تي، يادُن جي برسات،
سجڻُ ساري راتِ، نيڻين بندَ پجي پيا.

سجي هونئن سنسارَ ۾، اوندهہِ اوندهہ باتَ،
لالڻ! تون ئي لاتَ، ويراڳڻِ جي واتَ جي.

بوڏِ ڪَچي ۾ جيئن، بوڙيا ڪَچا گهرَ،
تُنهنجن يادن يرَا! ائين بوڙيو ذهن کي.

اکيُن ۾ سپنا ائين، تَـرَ ۾ جيئن تورَ،
تن مان ڪوئي پَر، ساپيا ماڻي نہ سگهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جذبا پنهنجي جيءَ جا، نِڪورا ۽ نِجُ،
سِڪَ اسانجي سِجُ، رِجي پوندين برفَ جيان!

=

اکيون اُپيون اُپَ ڏي، چڙهي آءُ تہ "چنڊا!"
ونداهين جا منڊَ، ٽُٽي ٽُڪرا ٿي وڃن.

آئي اَجهي ۾ مُنڙلَ، ماڻهو ويچارا،
پيارُ ۽ پيارا، وِسري وين دل تان.

ويتر چاڪَ چِڪائن لاءِ، آئي آهي عيدَ،
ڪائي آسَ، اُميدَ، ٻُڪيہ،پيڱن ڍوَ ڪيا.

=

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

■ دوها

حيرتَ ۽ افسوسَ مان وٺي، سوچيو پئي پڳوانَ،
مون کي واهَ جو روليو آهي، دُنيا ۾ انسانَ!

توکي جهڙو حالُ وٺي ٿو، تهڙو حالُ ڪجاڻ،
ها، ليڪن او منهنجا جيونَ! تورو خيال ڪجاڻ.

موتُ لڳو پئي هرڪو منظر، رُڃَ حياتي پاسي،
تُنهنجو پيار وٺي آيو آ، ٻيهر جيونَ پاسي.

هتَ — تِريءَ جا چِڏي ويون سڀ رستا، ريکائون،
سپني سپني ۾ ڳولِن ٿيون، پاڻَ کي ساڀيائون.

پيارَ کي نيٺ بَسيرو گهُرجي، ايندءُ تون ڏِسجاڻ!
ها بَس دل جي هڪڙي ڳِڙکي، کولي تون رکجاڻ!

جنهن پياري جي ناءِ هُيا مون، پنهنجا نينَ ڪيا،
تنهن هتاران ڏرا ڏرا ٿي، آهن خوابَ ويا.

وقتَ سان هر ڪنهن شيءِ ۾ آيا، آهن ڪيڏا ڦيرا،
دردَن پر دستورَ نه بدليا، ساڳيا دِل ۾ ديرا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

■

منهنجا پِيلا گُـلَ ڏسي، مون کي تون مايوس نہ ڄاڻ،
آهي بسنتِ رُتِ اچڻ جو، پِيـلو رنگُ اُهڃاڻ.

پنهنجي مذهبَ، رنگَ، نسل کي ڳنڍِ ۾ رکُ ٻڌي،
باقي مون جيان پيارُ جي چاهين، مون ڏي آءُ وڏي!

اونداهيءَ جو سينو ڦاڙي، جڏهن ڦُـٽي ڪا ٻاکَ،
اڪِ نہ ڪاٿي آلي رهندي، سنڌڙي! تنهنجي ساکَ.

سڄُ سمائي جڏهن اسانجا، گونجيا گهرَ گهرَ گيتَ،
تڏهن اسان جي جيتَ آ سائين!، تڏهن اسان جي جيتَ!

ديپُ جلي جيئن انڌيارن کي روشنيون بخشيندو آ،
شاعرُ پي تيئن جيءُ جلائي، گيتَ گُلابي ڏيندو آ.

■

جويَن تُنهنجو ائين پرين!، جيئن موُجَن ۾ مهراڻ،
يَرِ ۾ وينيءَ پيدا ٿي پئي، ساهَن ۾ سُرهاڻ.

ڦِڪي ڦِڪي جيونَ ۾ چاهتَ، پري چڙي ٿي رنگُ،
هونئن نہ حياتيءَ جو هرپل آ، ڪاريهرَ جو ڏنگُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيچ اوهان جي پيارَ سان پائي، پيارُ اسان جو ڪُڏي پيو،
مينهوڳيءَ ۾ پينگهہَ وِجهي، جيئن ننڍڙو ٻالڪ لُڏي پيو.

تنهنجي دم سان دنيا آهي تون آن دُنيا ڪاڻِ،
رنگ برنگي دنيا آهي، مُرڪي مُرڪي ساڻ.

سِپَ جي سيني منجهہ اچي جيئن، موتي ٻڻجي بوندَ،
مُنهنجيءَ دل ۾ اچين تہ تون پڻ، موتي تي پئين هوندَ!

■

اڄ بہ تُنهنجي آسَ لڳائي، واٽَ تَڪي ٿو پياسو مَنُ،
آسَ نراسَ تہ ٿيٽي ناهي، جانبَ! جيسين آ، جيونُ!.

جيڪي تو ها گيتَ سُڻايا، پيڙَ ڏين تن جا پڙلاوَ،
سانولَ سائين! هر هر چُلڪن، گهايل مَنَ جا گهاوَ.

چاهہَ ڏنا جي چَهڪَ اچا پئي، تازا آهن سي او راڻي!
مون وٽ ڪوئي گيتُ نہ باقي، ڪويَل آخر ٿي وئي ساٺي.

ڏورُ پيو ڪو چنگ وڄائي، منڙو منڙو چنگُ،
سُرهو سُر سنگيت ائين جيئن، تنهنجو مُنهنجو سنگُ.

ميتَ آ، توکي موٽي آچٽو، ڪُتڻي آهي ڪاري رات،
پوءِ مان چوندس ڏِس او دنيا! محبت ناهي ڪاڏي مات.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

■

روئندي روئندي رات ٿي گذري، ڏکيو تو گذري ڏينهن،
سوچيان وينو مورک ماڻهو، ڇو تا لائن نينهن؟

”جيءَ جڙيءَ کي جَس“ ڇيو جن، پيارَ کان وڌ سي پيارا ها،
پري هليا ويا پريت ڇڏي جي، سي ڪمزور سهارا ها.

هرڪو ماڻهو راڻو ناهي، ڪوڪو مومل ماڻيندو
مُلهه نہ محبت ملندي آ، جو ڏوڪڙ ڏئي ڪو آڻيندو.

■

يلي وساري ويهو هاڻي، مون کي مُنهنجا ميتَ!
جيءُ اوهانجو جهوري وجهندا، مون ڪانپوءِ هي گيتَ.

واتَ اوهانجي ڪيہ لَڏي سي،پنڪي پنڪي ٿڪجي پياسي،
سُور بڻائي سازَ اسان پوءِ، گهايل گهايل گيتَ ڇياسي.

سچُ سمائي جڏهن اسانجا، گُونجيا گهرَ گهرَ گيتَ،
تڏهن اسانجي جيتَ آ سائين! تڏهن اسانجي جيتَ.

گيتَ اَمر سي جن ۾ آهي ”اَناالحق“ آوازُ،
سرمدَ واري سوچَ آ، جنهن ۾ آزادي جو سازُ.

مُنهنجي جيءَ جا جذبا جنهن پَر، اُٿلون ڏيندا آهن،
گُـلڙن جهڙا گيتَ ذهن تي، سِرجي ايندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

■

لائي توڙ نِيائن جيڪي، سي ئي مُڙسَ مهان،
صدقو تن تان ساھُ اسانجو، تن تان گهوري جان.

پيارُ ڪرڻ وارا تا پَهرن، پِيڙا جي پوشاڪَ،
پرينءَ جي دَرَ جي خاڪَ تا سمجهن، ٺَڏڙي مِٺڙي ماڪَ.

ديپُ جلِي جيئن اَنڌيارن کي، روشنيون بخشيندو آهي،
شاعرُ پي تيئن جيءَ جلائي، گيتَ گُلابي ڏيندو آهي.

گُلَ! ڪنهين کي سب ڪُجھ سمجهي، تون پي پريتِ لڳاءِ،
سيني ۾ ڪو هَلڪو هَلڪو، مِٺڙو سُور سماءِ.

توکي ساري نيڻَ اسان جا، بادلَ وانگي بَرسيا ها،
هلندي هلندي تُنهنجي دَرَ تي، خيالَ اسان جا تَرسيا ها.

■

تُنهنجي چهري جي آکاڻي، جنهن پرِ نيڻَ پڙهن،
تنهن پر سِڪَ سموندَ ۾ ڪيئي، وِيرون يارَا، چڙهن.

خالي ڪوکي جهڙا ماڻهو، بندِ سين جي دل جا دَرَ،
ميڪ-آپ جي تَه هيٺان چهرا، ڊِئل شهرَ جا کنڊرَ.

دِل دنيا جي اونداهيَن ۾ ڪين چڙهي تو چنڊُ،
جذبا پنهنجا اَن-ڪٿا هِن، جيونُ جيئن ڪو جنڊُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوپٽَ جهڙا ماڻهو، تن جو پارسَ جهڙو پيار،
سِڪَ تنين جي سِيني ۾ آ، هر دم تاروُن تار.

باکَ ڦُٽڻ سان ڦِٽي ويندو، اونداهيُن جو کيلُ،
ڪين ڪڏهن ڪو جوڙي سگهندو، جذبن ڪارڻ جيلُ.

■

آءُ اٿين ٿي ويندس دلبَرا!، تيندي توڪان ڌارَ
شيءِ ڪسَجڻ تي روئي ڏينِ جيئڻ، کِلندي کِلندي بارَ.

ديپُ تہ ڪوئي ناهيان مان، پر آهيان مان تانڊاڻو،
تيزِ هوائن ۾ پي جيڪو، ڪڏهين ڪين اُجهاڻو.

هيڏو رَتُ چڏايلُ جيونُ، پل پل جنهن ۾ اُلڪا،
ماڻهنِ جي ٿَهڪن مان ٻُڌجنِ، جِهيٽا جِهيٽا سُڏڪا.

■

عُمرَ اوهان جا ۽ دنيا جا، ڪٿي گهُمون تا جيئڻ،
ايڏا بارَ ڪٿي پوءِ ڪوئي، جِيئرو رهندو ڪيئن؟

ڏِني نہ جنهن کي سِڪَ لهندي هئي، ڏينهنَ ۾ ڏهہ ڏهَ پيرا،
ڏيڍُ سالُ ٿيو ملي اُنهيءَ سان، وقتَ وقتَ جا ڦيرا.

آهي جتان اُڇلايو ويو، جهنوپن تي پٿرُ،
ڪيئن پلا پوءِ بچندو هاڻي، شِيشي جو سوگهُرُ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏينهنَ جي پُوڄارِيُن تي ڇانيو، ڪاريءَ راتِ جو ڊَپُ،
شهر جا ڏاها پي چُپ آهن، ڇُري نہ ڪنهنجو چَپُ.

لڏي ويا سي جوڳي، جيڪي پڪڙيندا ها نانگَ،
هاڻي سارو ڳوٺُ هِراسيلُ، اوطاقون پڙيانگَ.

گُـل تہ آهي پاڳل ماڻهو، پاڇولي ڪي ڳولي ٿو،
هر دم ٿَهڪن ٽِڙندڙ، پنهنجيءَ هستيءَ کي پيو رولي ٿو.

■

سالَ برابر لڳندي آهي، توڻِ هڪ گهڙي،
ڪيئن گُذاري سگهبا جانيءَ! تہ ڏِهاڙا هي.

تِن ڏينهنِ کان مليو نہ آهين، آهي مَنُ اُداس،
چوڏهينءَ چَنڊ اَمبر تي آهي، پانياہ پوءِ بہ اُماس.

ساپياڻُن کي ساري ساري، ڏَرا ڏئي ويا نينَ،
ڪلهہ بہ سپنا سينَ اکيُن جا، اَڄ بہ سپنا سينَ.

شيڻ وتائي، ڪپڙا ڦاڙي، بَنَ ڏي نِڪري وڃجي،
دل چاهي ٿي اڄڪلهہ پنهنجي، پاڻَ کان وِسري وڃجي.

■

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

† سوايون

ڪو نٿون خوابُ تي لڳي مون کي
زندگي تي وري نڳي مون کي
†

ڳالهِ ڪائي بہ ڪَڙي لَهجي جي
مُنهن تي آ، چماٽَ وانگي لڳي
†

اختلافن ۽ حادثن کان مان
ڪيستائين يلا بچي تو سگهان؟
†

ماڻهو جيڪي قرارُ چاهن تا
زندگيءَ کان فرارُ چاهن تا
†

ڪي نوان ٿي عذابَ آڻيندي
ننڊَ ايندي تہ خوابَ آڻيندي
وقتُ، دَردن جو قافلو هڪڙو
آس، سُکَ جا سرابَ آڻيندي
†

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجو پاڇو بہ پاڻَ کان آ پري
ڪيڏيون مُشڪل اسان جون راهُون هِن!
دردَ دل سان ڇڏياسي ويڙهي ائين
ڪنڌ ۾ جڻ پرينءَ جون ٻانهون هِن

+

مُنهنجي ٻڄي وئي ڪمزوري آ
هڪ ڇوري جا پاڻَ زوري آ

+

اُها گهڙي بہ حياتيءَ ۾ هيلَ آئي آ
هُجوم ۾ تا رهُون، پوءِ بہ هيڪلائي آ

+

هرڪو ماڻهو ڏُک ڏيندو تو وڃي
مون کي جڻ ڪائي خوشي گهُرجي نٿي

+

مُنهنجي دل جا دروازا کَڙڪائڻ بند ڪري ڇڏ
هاڻي ڪُوڙين ڳالهين سان، پرِيائڻ بند ڪري ڇڏ

+

هاڻي جي ڪنهن موڙَ تي گڏبو
ڏِسي ڪري مُنهن ڦيري ڇڏبو

+

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تون نہ ملندينءَ اُداس ٿي ويندُس
مان جيئڻ مان نِراس ٿي ويندُس

†

جاڳَ هوندي بہ خوابَ ۾ آهيون
دوستؤ! بس عذابَ ۾ آهيون

†

تون ۽ مان باوفا رهياسي پرين!
بيوفا ٿي ويون مگر راهون

†

زهر ڍُڪ ڍُڪ ڪري پيئڻ چاهي
هو گهڻو وقت تو جيئڻ چاهي

†

ڪنهن وڏي ويلَ ۾ وَرتل آهيان
توکي هر حالَ ۾ پرتل آهيان

†

اوهان جي ياد کي سانديو اچون ٿا
غمن کي ڪاڄَ ٿي ڪانديو اچون ٿا

†

□ سوايون: شاعريءَ ۾ ڪنهن نئين صِنف جو واڌارو نہ آهي. اڳيون غزلن جي بندن کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ "سوايون" جو نالو ڏئي هتي شامل ڪيو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏسٽي

■ نئين شاعري (1992 - 1996ع)

○ ٻول/ عنوان — صفحو — هن ڪتاب ۾ صفحو

• غزل

– ڪنهن ٻالڪَ جي اندرَ وانگي 59
– سياڻو ٿي ڇو خونَ ڪرڻ تو چاهين تون 60
– ٻَسنتِ رَت ۾ ٻه، پيلاڻ ٿي ويو آهي 62
– يادگيريون سنيال ڪر ايندءِ! 63
– چرڪَ پري ايئن اندرَ جاڳي پوندا هن 64
– نَڪو ملي ٿي، نہ ئي نينڊَ ٿي پڙهڻ چاڻي 65
– گهڙي گهڙي ڪولي ٿي ياسي 67
– هي سچو سنسارَ جيئرو آ پرين! 68
– مَنَ ۾ ڪو مهمانَ ضروري آ پيارا! 69
– خوابَ، نہ عڪسَ، نہ پيارَ ڳهرن تا 70
– سڀ رستا، ڏِکارَ جا رستا 72
– پيارَ ۾ ڏِسَ ڪمالَ ٿي وياهن 73
– صرف او پيارا! لکڻ سان ڇا تو ٿئي؟ 74
– توکي رڳو جو ڪورو ڪاڳر لڳي پيو 75
– تون آن ڪڙڪو ڳالهائي تو 76

• وايون

– اندرَ ۾ هي آدمي 281
– اچا تائين سپنا 282
– هيڏي تکيءَ آسَ ۾ 284
– ڇڏ ڪٿي او يارڙا! 285
– تنهنجي وٺي ڪانبوهه 286

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○ ٻول/ عنوان	صفحو	هِن ڪتاب ۾ صفحو
– ڳوري!، ڳجري ۾		287
– هوءَ جا مُنهنجي زندگي		288
– توکي چاهڻ جي		289
– پرين!، هيڏو چاهہ		290
– مُرڪي مايا سان		291
– جاڏي ڪاڏي تون!		292
– تنهنجي ياد جو دل ۾		293

• گيت

– تون ساڻ آن تہ پيارا!		403
– هڪ گيت لکڻ سان تُنهنجي		404

• دوها

– حيرت ۾ افسوسَ مان ويٺي		441

■ **توبِن کھڙا ڇانورا** (1992ع)

• غزل

– چنڊُ نہ آهي، ڇاهي؟ تارا جاڳن ٿا	21	77
– هر لمحو شمشانَ جيان آ	22	78
– چارُ هو، ڇاڻَ ۾ يارَ!، ڦاسي وڻين	24	80
– سوچُون ساريون هارايل سردارن جيان (ٻٽو غزل)	25	95
– هر زهرَ کي پي وئي آ زندگي!	26	86
– ٿنهنجا ڏرتي!، ڏراڙ جاڳيا هِن	27	125
– آئينو تو ڏِسان تہ ڪهائِن ٿا	28	115
– سُوچَ جو قتلِ عامِ آ، جيونُ	29	97
– دانهن ٻڌائيندين ڪڏهين تون ڪهرَ ڪهرَ جي!	30	137

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○ ٻول/ عنوان	صفحو	هن ڪتاب ۾ صفحو
– چاهتَ ڪان اِنڪاري ماڻهو	31	126
– ٽڪرا ٽڪرا ٿيو پيو آهيان	32	139
– سار تنهنجي بهارَ وانگي آ	33	116
– سڄَ لٿو ته شهرَ ٻڏي ويو اونده ۾	34	140
– وٺي وڃن ٿا چهرا ڪي ڏک ويندي يي	35	104
– راتِ توڙي گهٽي انڌاري آ	36	136
– امنَ ۽ آشتيءَ جيان آهين	37	94
– جيڙري آ جذبن جي ڳولا	38	93
– تون ملينءَ ته مرڪ هاٿي ٿي وئي	39	129
– ايئن هن لڙڪن لارون پيارا!	40	144
– جنهن جي سامهون سرت ۽ ساڃه	41	85
– يادِ جذهن ڪي آيا نينڌَ	42	142
– ٿورو پي جي ٿئي وڇوڙو، مَن ۾ باهِ ٻري	43	117
– نينڌَ پرينءَ جا پيرا ڳولن	44	128
– چلڪو تنهنجيءَ چوليءَ جو	45	119
– نينهَن نيڻن ۾ ۽ تنهنجا چارا هُجن (مُنو غزل)	46	96
– مون جي اکڙين ۾ خوابَ پوکيا هن	47	99
– ويسَ اچو تون پائي آئين	48	122
– ڪيئن سڪ سمجهي، پاڻ تي تاڻي؟	49	234
– دردن سان دوستي ڪرِ!	50	189
– جنهن ڪي پنهنجو نه ڪنهن ڪيو هوندو	51	105
– ماڻهپي ڪي ٿا لڄائن ماڻهو	52	228
– ڇو بدلجي ٿي وڃين تون ڪن ۾!	53	160
– ڪهڙو چهرو سنيارجي هاڻي؟	54	231
– هَل رڳو هنگاما آهن	55	150
– تنهنجي مون تي نگاهه ٿي وئي آ	56	229
– زندگي بهارَ جيئن	57	246
– منهنجي سوچن تي نه ڏاڙو آهي	58	174

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○ ٻول/ عنوان	صفحو	ھِن ڪتاب ۾ صفحو
– دردَ ڀاڪرَ ڀري ٻہ مُرڪيو مون	59	175
– وِڇڙڻ ويلي لڙڪن ۾، هر سپنو وَهي ويو	60	147
– حوصلو ڏي تہ حادثن مان لنگهان	61	127
– ڇا نہ مون سان آهي تُنهنجيءَ سارَ ڪيو؟	62	204
– دل کهريا دوست ٻہ ساريا نہ تين	63	230
– ڪيڏا ناڪام ٿي ويا آهيون	64	176
– ڇُپ جي ديوارَ ڪي ڍهڻ گهرجي	65	184
– عجيب مرحلا آهن اوهان ڪي سارِڻ جا	66	209
– ماڻهو تہ مَري وياهِن	67	247
– مون ڪي جيئرو ڏِسڻ نٿو چاهي	70	244
– ڀرپور نِگاهَن سان ڏِسي ٻي نہ سگهياسي	71	193
– نينڊَ نيڻن سان مِلي ايئن مُرڪيا	72	190
– خال ئي خال زندگي آهي	73	194
– مُنهنجي هٿ ۾ گلدستو	74	245
– سارو شهرُ لتاڙي وو!	75	118
– خوشيءَ ۾ ڪو مزو ناهي	76	248
– سوچَ، لڙڪَ، وَحشتون!	77	241
– هر گهڙيءَ هَو گهائِن تا	78	240
– دردَ اسان جي هانوَ ڏي هٿ وڌايو پئي	79	173
– ياريون رس – رهائيون پيارا!	80	149
– هيٺو ئي نشانو آ	83	208
– عيدَ جي ڏينهن ٻہ ڏوري آهي	84	239
– تُنهنجون يادُون، نہ تون!	85	237
– مُنهنجا ڏک آهن ۽ مان	86	249
ڪاتا ٿي رکين هيڏا، جي مُنهنجي خطائن جا	87	191

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○ ٻول/ عنوان	صفحو	هن ڪتاب ۾ صفحو
وايون		
– تو تائين پُهتا	91	325
– ذاتِ بنا جيئڻ ڏانءُ	92	295
– ڳهڪڻ جي ڳهيرَن ۾	93	299
– يادِ – ڪتابن تي	94	294
– ڪيڏيون وِڇوٽيون!	95	322
– توکي ۽ تنهنجين	96	298
– ڪيئن پوندا، ڪيئن پوندا يارَ!	97	321
– جذبا ڪيئن بچندءِ	98	318
– وِکري ويندا سي	100	320
– آئي جاڳرتا	101	315
– پٿر ڏسنداسي	102	317
– ڇا تي ڪڏهن الاءِ؟	103	302
– عشقَ اسان جو آرسي	104	316
– ڪسِجي ويندي اوچتو	106	324
– روشن ڪيو راهُون	108	314
– ورتوسين ويراڳ	109	313
– چوريءَ ڇڳل ڇڄَ	110	323
نظم		
– دل جي ديسَ مان جلاوطن يادون	113	352
– اسٽوڊنٽ – لائيف	115	372
– وِڇوڙي جو پهريون نظم	116	351
– خوشي	117	400
– آخري رستو	118	349
– هڪ مجبوري آ	119	360
– سپنو ۽ سايا	121	366
– درخواست	122	369

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○ ٻول/ عنوان	صفحو	هن ڪتاب ۾ صفحو
- اوسيڙو	123	367
- گونگو پيارُ	124	347
- روشنيءَ جو سفر	126	342
- ڍهندڙ ماڻهو	127	349
- ٽئي جي پَٽِ	128	387
- جنمَ - واڌايون	130	398
- خودڪشي	131	380
- يادِ پرينءَ جي	132	341
- پاپُ	133	339
- سنڌ	134	323
- رُت - بدل	135	395
- ٽئين ڳالهه	136	337
گيت		
- سڪٿا سڪٿا ساهَ - سنگيت	139	415
- وستي هيءَ ڇڏيندا سين	140	409
- دل جا ديپ اُجهاڻا راڻا!	141	416
• هائيڪا		
- جوين يادِ پيو	145	424
- نلڪي تي ميڙا	145	424
- ماءُ، پيءُ سَتل ها	145	424
- آفيس مان ايندو	145	424
- آيو نتيجو	146	425
- پيارَ ۾ اهڙو ساءُ	146	428
- سانتَ ٻڏل ڪمرو	146	428
- ماءُ ڏنس ٺڙڪا	146	428
- ڇتِ جيڏي چوري	146	428

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○ ٻول/ عنوان	صفحو	هِن ڪتاب ۾ صفحو
• ترائيل		
– سدائين مَرڪَ جا قصا ڪيا اٿئي پيارا!	147	423
– اڄ تون مون کي ڳولِ نه مِنٿڙا!	147	423
• تِسنا		
– جيئن چڇريل کو سينو آهي	148	433
• سوايون		
– کو نئون خواب ٿي لڳي مون کي		448
– اوهانجي يادِ کي سانڍيو اچون ٿا		450

■ ڏينهن ڏٺي جا سپنا (1984ع)

• غزل		
– نيري اُڀ تي جيئن ستارا هِن	11	135
– يا خدا!، زهر اندرين جو پکڙبو تو وجي	12	103
– تنهنجو اڄ خطَ جيئن مليو آهي	13	120
– ڳالهيون جڻ مِهڪارون آهن	14	89
– مَنهنجي نظر هلي وئي آهي،	15	81
– اوهانجي در تي ايئن بيٺا رهياسي	16	87
– راتِ جو پويون پهر،	17	98
– هڪ ٻرو بس اسانجو گهر آهي	18	114
– سَورَ سَهڻ جو کو ساهس	19	180
– پنهنجو ڪوئي ڪمال ناهي مِٺيا!	20	151
– مون کي ماري پناهَ ۾ رکجانء	21	102
– ڏاهي هٿ جون سڄون لکيران مان	22	152
– دوستا!، نه تي آزارن وانگي	23	83
– توسان گڏجي تا گذاريون جاني!	24	108

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○ ٻول/ عنوان	صفحو	هن ڪتاب ۾ صفحو
– جڳ ٻڌندو تہ ڪِين ڏيندو مِلڻَ	25	165
– ڏک جي نہ ٻَجاڻي آ	26	88
– تنهنجي سامهون آ، جهڙو حال آهي	27	182
– نينهَن ساڳيو نہ، نِگاهون ساڳيون	28	179
– مون ڪي درياهہَ جان پاڻي وڻي آ	29	113
– جيونَ ايئن گذاريو آهي	30	111
– ٿوري گهٽي تي ٿي، ٿو وڃي روڻهارڪو	31	145
– اندر اُداس هوندو	32	109
– لفظ ٻُوليندا رهياسي ٻيئي	33	107
– شخص هُو نِرالو آ	34	141
– ٻَليءَ ٻَليءَ ۾ حشر آهي، ڪربلائون هِن	35	100
– حادثن جا شڪار ٿيندا وڃن	36	178
– مان هُيس دردَ – غفائن ۾ گم	37	177
– مون ڪي جي تُنهنجو سهارو هوندو	38	106
– مون سان اڪثر ٿو ملي،	39	148
– سنگ ساٿي نہ ڪوئي، نہ ٻيلي آ	40	163
– مان ڪنهين پيارَ جو قصو آهيان	41	130
– "نہ" جي سُوريءَ تي چڙهيل آهيون دوست!	42	123
– سجَ لهندي جو ڪو منظر آهيان	43	153
– زندگي ڪربلا وڃي ٿيندي	44	170
– زندگي توڙي جي عذابُ ڪوئي	45	192
– ڪيڏا لڙڪَ لڙيا آهن	46	169
– ڳالهہ ڇڏيو ٻي مرهمَ جي	47	154
– هر گهڙي دردُ نيارو آهي	48	155
– وقت ڪيا ويرانا ماڻهو	49	112
– مُنهنجا لڙڪ سوالن وانگي	50	110
– شاعرَ جاڳي، تارا جاڳن	51	138

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○ ٻول/ عنوان	صفحو	هن ڪتاب ۾ صفحو
- پل پل جو عذابَ چاهي تو	52	168
- پرت جا پيچَ ڪي پائڻ گهرجن	53	167
- تنهنجي ڳليءَ جا ڦيرا هوندا	54	166
- تون ۽ مان هڪبئي کان هئاسي جُدا	55	164
- مون لئہ پٿر جا ماڻهو	56	181
- جو نہ ڀَلجي بہ نِهاري مون ڪي	57	124
- شاعرَ جي جذبن جون ڳالهيون	58	91
- ڪڪريون ٿر ڏي بہ ويندِيون دوستو!	59	101
- ڏاڍا ڀاڳن وارن دوستَ!	60	232
- اجنبين وانگي ملياسي، تون، مان	61	157
- لڙڪ ها، گيتَ ها، گلابَ هئا	62	159

• نظم

- اُداس پل جو هڪ وعدو	65	355
- تُنهنجي جنم - ڏينهن تي	67	364
- اداڪار	68	362
- ڪَوڙ	69	359
- هوم ورڪ	70	399
- لاڳاپو	71	371
- ڊائري	72	373
- نيم - پليٽ	73	382
- ڊيٿ ايڪسپائرڊ لو	74	381
- سوچيندو آهيان	75	378
- سوال جي ديوار	76	375
- والڪينو	77	385
- لوڪ ڪهاڻي	78	383
- وعدي خلافي	79	377
- سائينرَ سدائين ڪرين	80	358
- مصلحتِ خداوندي	81	374

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○ ٻول/ عنوان	صفحو	هن ڪتاب ۾ صفحو
- هٿ ٺوڪي نفرت	82	396
- ناشڪري	83	357
- سچ	84	397
- اچا اسان جو ڏوڙ آ	85	344
• گيت		
- پيارَ کي تورين ٿي کيليا	89	412
- توبن ڪهڙا چانورا	90	405
- دل ڪيئي بيوس، مينهڙا!	91	406
- ڏسي ڪائي موسم، نہ ڪوئي پهر	92	407
- جوت جلندي رهي	93	414
- مَنهنجا گيتَ مڙيئي منڙا!	94	413
• وايون		
- آءُ امر انسانَ	97	300
- ساَنوڻ رَت ۾ سارَ	98	308
- توکان ٿيندي ڏارَ	99	296
- آءُ اسان وٽ هيل	100	301
- سانگيئڙن کي سار	101	309
- سچلَ، سامي يا لطيفَ	102	310
- سپنا!، ساپيا ماڻ	103	311
- پپر پيلا پَن	104	312
- ساڙيو ڙي ساڙيو!	105	328
- ڏيئا نيڻ جلائڻ	106	329

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○ ٻول/ عنوان	صفحو	هن ڪتاب ۾ صفحو

• نيڙو، ريختا، ترائيل

- اونداهي اڌ رات	109	428
- ڳالهيون مصري ڪنڌ	109	430
- جوٺار جي اوٽ	110	430
- ڍڄي جو ساهه ڪٽي	110	431
- پردي پويان تون!	111	426
- ڪيسو ڪتريل	111	427
- ماٺهن ليکي راند	112	432
- سومهڻيءَ جو گهٽ	112	432
- سرگ ۾ عيش ڪين تو کهرجي	113	422
- مون کي گذريل ڪنهن گهڙيءَ وانگي	113	422
- ٿنهنجي روئڻ تي روح روئي ٿو	114	421
- اڄو مُرڪندي موڪلايون مٺا!	114	421

• بيت

- ڪِلي جڏهن ڪيچِلي، ڳِلن چڳهه پونِ	117	438
- مَنجهيل مُنهنجي مَن تان، وِسوسا ويچار	117	439
- دل جا ديپَ جليا، راڻل ڪارڻ راهَه ۾	118	439
- ويتر چاڪَ چِڪائڻ لاءِ اڄَ، آئي آهي عيدَ	118	440

• دوها

- اڄ ٻه تَنهنجي آسَ لڳائي،	119	443
- هرڪو ماٺهو راٺو ناهي،	119	444
- پلي وِساري ويهو هاٺي،	120	444
- گل ڪنهين کي سڀ ڪجهه سمجهي،	120	445
- توکي ساري نيڻَ اسان جا،	121	445

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○ ٻول/ عنوان	صفحو	هن ڪتاب ۾ صفحو
– هيڏو رتَ ڇڏايل جيونَ،	121	446
– غمَ اوهانجا ۽ دنيا جا،	122	446
– شيوِ وڏائي، ڪپڙا ڦاڙي،	122	447

■ پـيلا گل پلانـد ۾ (1980ع)

• غزل

– آڏيءَ ويلي ٿنهنجي تاتِ	9	236
– مون سان ڳڏجي ڪهارِ نہ ڪهارِ	10	277
– دردَ ڪو جنهن ۾ نامي دوستَ!	11	158
– پيارَ جو ديپُ جلائي ڇڏبو	12	183
– دل ٿي چاهي، ساري هَستي	13	201
– سچَ ظاهر ٿئي ٿو زهرن ۾	14	205
– اوندهہ ۾ جڻ ديپُ ٻَريل	15	227
– سدائين آهي جو، هر شخص کان وِساريو ويو	16	146
– ٻلڙا ٻلڙا ڳوڙهن هاٿا	17	251
– نَڪو ساٿ مون سان ڏئي ٿي سگهين	18	187
– "اياز" آهي، اُداسيون ۽ تَنهايون هِن	19	223
– وقتَ ها ڦٽ جيڪي، اُديڙي ڇڏيا	20	220
– ٿنهنجا ڳوڙهن سان يارَ! آلا نيڻ	21	161
– ٿنهنجون راهون تَڪڻ اجايو آ	22	121
– ميرا ڪپڙا رهن ٿا، شيوَ وڏيل	23	143
– جنهن ۾ ڪنهن جو ساٿ، نہ سنگ	24	252
– ڪنهن ڪِي سارڻَ جو اُهڃاڻ	25	253
– ٿنهنجي هڪ وينگِس، واهڻَ!	26	200
– شهرُ اوندهہ، ۾ ڇو پيو ٻوڙي؟	27	199
– چنڊُ چڙهيو جي ڦاهي!	28	235
– هاڻي هرڪو ٻَجڻ لڳو آهي	29	254

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○ بول/ عنوان	صفحو	هن ڪتاب ۾ صفحو
– نينهن جو مينهن نرالو آهي	67	270
– ديوي!، دِل ۾ يادون تُنهنجون	68	188
– غمَ، گهايل ڇڏيو ڪري سائين!	70	165
– تون ٿي ڇوندين ڪنول!	71	185
– عشق عجب ٿي رنگ رچايو	73	210
– ڇا جي ناهيون هِيرن مان	74	271
– چمپا!، منهنجي غزلن کي	76	195
– سامَ ۾ سانديل ساجن آهي	78	198
– مصنوعيت ڪان ٻاهر آهي	79	205

■ سوچون سرها گل (1978ع)

• وايون

– دلبر! دير سويرَ	15	303
– ناهي دير سويرن ۾	15	304
– واهَ وڻي ٿو گل	16	305
– گلن جيان چهرا	16	306
– جيونَ جهڙي جُٺ	17	307
– گهرا گهرا گهاوَ	17	330

• نظم

● دعا	18	346
– اسان انسانَ	19	335
– جيونَ	21	343

• گيت

– ڇڏِ ڇڏِ ڇيڪ نه ڪر او ڇوري!	22	410
– واڪا واڪا وڃ وراڪا	22	411
– مينهوڳيءَ جي مند آ، مَنَ ۾	23	408

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○ ٻول/ عنوان	صفحو	هن ڪتاب ۾ صفحو
- گوري رنگ رنگيلي آهي	31	162
- حقيقتون ڪِي، ڪي خوابَ چهرا	32	132
- جيسين ڪوئي ڍولو ناهي	33	218
- هيڪلِ دل ويچاري آهي	34	171
- چور آهن وري آتيا تَرَ جا	36	131
- ڪيڏا پيا پلجن ٿا ڪوٽ	37	255
- ذهنَ لوڇي ۽ لڇي ڦٿڪي ٿو	38	275
- توکان دَور رهون ٿا	39	276
- گهٽ کي گهٽائڻ ڏيو	40	258
- تون جي ايندين سڪَ ڪٽي	41	259
- چنگ چَرندا رهن	42	260
- توسان سنڌڙي! پيارُ ڪيوسي	43	261
- سچ سُڃاڻيندا، ڏِسجو!	44	262
- سنڌَ تي ساهُ ڏيو	45	263
- مُرڪي چڪيا تي چڙهندو	46	264
- قلم پڇي پل پورا ٿي پٺي	49	265
- جڏهن بہ سچَ جو سَڏ ٿئي ٿو	50	266
- هلبو هاڻي لَڏي لڏي	51	226
- هر ڪنهن دل ۾ دَردن ديرو	52	219
- آءُ ڪيون ڪا روحَ رِهاڻ	54	217
- پاڻَ وٽ هاڻي يادون رهيون هِن چڙيون	58	216
- ڪويلَ!، پنهنجيءَ "ڪُو ڪُوُ!!" ۾ تون	59	222
- عُمر ڪِلندي گذارجي سائين!	60	206
- لڙي مُنهنجي مَن ۾ ليئو پاءِ تون!	62	227
-- وڃي وِساري ويٺين ڍول!	63	268
- مٺڙا! مُنهنجيءَ نگريءَ آءُ!	64	269
- اوهان ڪوڙَ کي سَچُ ڄاتو سدائين	65	233
- پٿر جهڙيءَ دل وارن سان	66	221

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○ ٻول/ عنوان	صفحو	هِن ڪتاب ۾ صفحو
• آزاد نظم		

– چاڻ سَڃاڻ	24	391
– اڻانگو سفر	25	390
– توڏانهن	26	392
– آواز ئي آواز	27	394
• غزل		
– رِمِ جهم رنگ رَچايا آهن	28	215
– توسان نينهنَ نِيارا تي پيا	29	133
– توکان پوءِ دل تي دلبر!	30	225
– ڪُجهه وڃائڻ کان پوءِ لهڻ تائين	31	214
– ماڻهو مِٺڙا پيارا ووَ!	32	197
– سچَ مٿانِ جي سڀ ڪجهه پنهنجو	33	265
– سدا توکي ساري	33	274
– ٽوڙي چاهت جا زنجير	34	272
– ڳهنڊَ تا دل جي ڳرجا جا وڄندا رهن	35	242
– سڏ آهي، ڪنهن جو دَرَ تي، نڪو کڙڪو آهي	36	212
– هر گهڙي هڪ گهاءُ آ، ويٺا سَهون	36	213
– تون جي آئين، آسَ اڳهاڻي	37	243
– شال جڳمڳ رهين تون سِتارن جيان	38	224
– ڪاري دونهين ۾ تي ويا ڪارا	39	211
– پيارَ ئي پيارَ تو گهرڻ چاهيان	40	202
– پيڙا پورَ ۽ سُورَ سَهيڙي	40	203
– بادل پَرجي برسي ويندا	41	257
– اوهان سان جڏهن کان اسان	41	273

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○ پول/ عنوان	صفحو	هن ڪتاب ۾ صفحو
• دوها		
- منهنجا پيلا ڳل ڏسي،	42	442
- جوڻن تنهنجو ايئن پرين!،	42	442
• تروائيل		
- ڇپ ڇپن تان سانت سڳي جا تاڪا توڙيو يارَ!	43	419
- وساريو، وساريو، نہ ساريو اسان کي	43	419
- هي ڏئل شهر ڏسي، هاڻ نہ هاريو يارؤ!	44	420
- سڀ اڪيلو تہ ڇڏي ڪين وڃو	44	420
• هائيڪا		
- آئون ۽ سڄڻ	45	425
- پنجون مهينو پيٽ	45	426
• بيت		
- تو در ڪيئن اچڻ جي،- جيءَ اسان جا	46	437
جڪڙيل، جيئڻ، مرڻ گڏ	46	437
- پَون پارا پوهَہ جا، مارو تا ٿرڙڪن	46	438

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اَياز گل جا ڇپيل شعري مجموعا

- **سوچون سرها گل** (تاج جويي سان گڏ)
  - سنڌالاجي جو انعام حاصل ڪيل
- **پيلا گل پلاندَ ۾** (غزلن جو مجموعو)
- **گل ۽ تارا** (ٻارن لاءِ گيت ۽ نظم)
  - ينگ رائٽرس گلڊ پاران انعام حاصل ڪيل
- **ڏينهن ڏٺي جا سپنا**
  - سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن گولڊ ميڊل حاصل ڪيل
- **توبن کهڙا ڇانورا**
  - سنڌي ادبي سنگت سنڌ (استاد بخاري ايوارڊ) حاصل ڪيل
- **دکڊ جي نـ پڇاڻي آ** (شاعريءَ جي چونڊ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

□ اياز گل جي شاعري، ۽ خاص ڪري غزل پڙهي، اِهو احساس اڃا بہ پَختو ٿي ويجي ٿو تہ، جنهن غزل کي فارسيءَ جي تـخت تان لاهي، شيخ اياز ۽ سندس همعصر چند سگهارن شاعرن، سنڌوءَ جل ۾ وهنجاريو، آن کي سنڌي مٽيءَ مان رنگيل ڪپڙا پهرائڻ وارن ۾ اياز گل جو وڏو Contribution آهي. سنڌي ماڻهوءَ جيان (۽- اياز گل جي شخصيت جيان بہ) بي اختيار ٿي، سادگيءَ سان، بنا ڪنهن مصنوعي رنگ ڍنگ جي ۽ ٻوليءَ جي اوپري استعمال جي، سندس ڳالهائيندڙ، مُرڪي ڏيندڙ/ روئي پوندڙ نج سنڌي غزلَ، پوءِ اچڻ وارن شاعرن کي غزل جي صِنف ۾ اڃا بہ وڌيڪ Involve ڪندي احساس ڏيارين ٿا، تہ جيئن پنّاني سانئينءَ جي روايت موجب سنڌي شاعرن بي اختيار ٿي، بيتَ ۽ وائيءَ جو فطري استعمال ڪيو آهي، ائين سنڌي غزل بہ سنڌي شاعر جو فطري اظهار آهي.

مجموعي طرح سان اياز گل جي شاعري پڙهي بار بار احساس ٿئي ٿو تہ، هُو پنهنجي ادبي شخصيت جو وزن وڌائڻ لاءِ شاعريءَ جي نالي تي پاڻ کي پڙهندڙ جي مٿان مڙهي نہ ٿو- شاعري سندس اندرَ مان خوشبوءِ جيان ڦٽي نڪتي آهي. هُو بس ان خوشبوءِ تي ڍڪَ رکڻ بدران آن کي پوپٽ جيان آزاد ڇڏي ڏئي ٿو.

□ نورالهديٰ شاهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهہ سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu